# روسي ادب

(چونڊ ترجمون)

سنڌيڪار

ڊاڪٽر بدر اڄڻ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

حق واسطا محفوظ


كتاب : روسي ادب (چونڊ ترجمون)

سنڌيڪار: ڊاڪٽر بدر اجڻ

ڇپائيندڙ : سنڌ ادبي اڪيڊمي ۽ سنڌ ريڊرز فورم

ڇپيندڙ : البرڪت پريس

سال: 2012

قيمت: 200 روپيه

Book Title: Russian Literature (Seletion & Sindhi)

Translator: Dr. Badar Ujjan

Publisher: Sindh Adabi Academy
& Sindh Readers Forum

Printer: Al _ Barkat Press

Year: 2012

Price: Rs.200/_




Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

انتساب

انهن جي نالي

جن جانين جون قربانيون

۽

رت جو ريج ڏئي

علم جي روشني ۽ سماجي انقلاب

واري راهہ روشن

ڪئي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# فهرست


| | |
|---|---|
| پنهنجي پاران | 07 |
| مهاڳ شيام ڪمار | 11 |
| 1. ابتدا THE ORIGINS | 36 |
| 2. پيٽراعظم ۽ مغربي اثر (1672-1725) PETER THE GREAT AND THE WESTERN INFLUENCE | 40 |
| 3. اڻويهين صديءَ جو آغاز EARLY NINETEENTH CENTURY | 42 |
| 4. اليگزينڊر پشڪن ALEXANDER PUSHKIN (1799-1836) | 50 |
| 5. لرمونتوف LERMONTOV (1814-1841) | 63 |
| 6. نڪولائي گوگول NIKOLAI- GOGOL (1809-1852) | 70 |
| 7. بيلنسڪي کان هرزن تائين FROM BELINSKY TO HERZEN (1825-1855) | 80 |
| 8. آئوان ترجنيف IVAN TURGENEV (1818 -1883) | 90 |
| 9. گنچروف ۽ آسٽرووسڪي GONCHAROV AND OSTROVSKY | 94 |




Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

10. منڪريت پسندن کان انقلابين تائين 101
FROM NIHILISTS TO REVOLUTIONARIES
11. پاپولسٽس ۽ ڌرتيءَ ڌڻي اديب 116
‘POPULISTS AND THE WRITERS OF THE SOIL’
12.دوستو وسڪي 122
DOSTOEVSKY (1821-1881)
13. ٽالسٽاءِ 128
TOLSTOY (1828-1910)
14. اينٽن چيخوف 136
ANTON CHEKHOV(1860-1904)
15. جديديت واري تحريڪ 148
‘THE MODERNIST MOVEMENT
16. علامت نگار 157
‘THE SYMBOLISTS’
17.گورڪي ۽ روسي نثر نگاري- 1917 کان اڳ 167
‘GORKY AND THE RUSSIAN PROSE, BEFORE 1917’
18. روسي انقلاب جي دور وارو ادب 176
LITERATURE OF REVOLUTION(1917)



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

# پنهنجي پاران

علم جي تہ ڪا حد ئي ناهي، ايترو وسيع ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين ڦهليل، قومن جي تهذيب ثقافت، ڌرتي جي رسمن ۽ رواجن سان سلهاڙيل، ماڻهوءَ جي عمر ٿوري هجڻ ڪري ڪنهن بہ هڪ علم، ٻولي ۽ ثقافت بابت مڪمل ڄاڻ حاصل ڪرڻ مشڪل هجي ٿو.

علم ادب بہ حياتيءَ جي ٽين حصي ۾ وڃي حاصل ٿي سگهي ٿو ڇاڪاڻ تہ ٻہ حصا تہ ٻاراڻي ۽ جوانيءَ جي حوالي هجن ٿا ۽ باقي ٽيون حصو عقل ۽ فهم وارو هجي ٿو جنهن ۾ علم ۽ عقل جون ڳالهيون ڪري سگهجن ٿيون.

ان ڪانپوءِ اچي ٿو حڪومت جو سرشتو ان جو پاليسيون، خاص طور تي تعليم، قانون ۽ حاڪمن جي ٿمورتي، تعليمي پاليسي ڪهڙي ٺاهي وڃي ٿي ۽ سوچ ڏارا ڪهڙي قسم جي نافذ ڪئي وڃي ٿي. دنيا جيئن تہ سماجي، سياسي ۽ معاشي طور تي مختلف نالن سان نوازيل هجي ٿي تہ پوءِ ان ملڪ جي تعليم ۽ طرفداري بہ اهڙي قسم جي قائم ڪئي وڃي ٿي.

عالمي ادب جي ڳالهہ ڪندي، اسان جي ملڪ ۾ يورپي ادب ۽ خاص طور تي انگريزي ٻولي، علم ادب ۽ حڪومتي ڳانڍاپو بہ يورپ سان ئي رهندو آيو. جنهن جي ڪري پاڙي وارن ملڪن جي ٻولي ۽ علم ادب جي حاصل ڪرڻ جا موقعا گهٽ مليا خاص طور تي روسي ادب ۽ ڀارت منجهہ وسندڙ ۽ هلندڙ ٻولين ۽ علم ادب. اهڙي طرح سان عمر جو وڏو حصو انگريزي ۽ يورپي ادب جي حاصل ڪرڻ ۾ گذري وڃي ٿو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

سنسڪرت، فارسي، عربيءَ سان تہ ڪھڙي بہ طريقي ۽ حالتن هيٺ ڳانڍاپو رهندو بہ آيو تہ ٽٽندو بہ رهيو.

جيستائين روسي زبان ۽ علم جو تعلق آهي، تہ سياسي ۽ مذهبي طور تي، ان ڪان پري رکڻ کي چڱو سمجهيو ويو. خاص طور تي حاڪمن ۽ معلمن جو ان پاليسي تي گهڻو زور رهيو تہ ان مان دين کي خطرو آهي.

دين هر ڪنهن جي دل اندر هجي ٿو ڪوبہ ڏاريو دين کي دلين منجهان ڪڍي نہ ٿو سگهي، لازم شرط اهو آهي تہ ان ۾ سچائي هجي ۽ سچائيءَ سان قبول ڪيل هجي ۽ عمل بہ عالمي طور تي ميڃيل هجن. شخصي ۽ پنگتي ارادي جي ڪمزوري، ٻين مٿان نافذ ڪبي تہ اثر پذير ڪونہ ٿي سگهندي.

روسي ادب کي جڏهن پڙهجي ٿو تہ ان ۾ سچائي ۽ ثقافتي سرهاڻ پسڻ ۾ اچي ٿي. ان ڌرتيءَ مٿان ڪيترائي تجربا ٿيا، ظالم حاڪم، زار يا ٻيا شهسوار، ڪليسا جي مدد ساڻ سان، ڌرتيءَ ڏٽين مٿان ظلم جا پهاڙ ڪيرائندا رهيا. مظلوم طبقو ۽ عوام صبر سان سهندا رهيا، پر علم جي شمع ٻرندي رهي ۽ چند علم ۽ عوام جا سچا ساٿاري، اها روشني قائم رکندا آيا.

سماج، بگاڙ ۽ بچڙاين جي ور چڙهي ويو. لکارين، سچ جو رستو ورتو هر عمل ۾ سچائي، قلم ڏٽين، جيئن ۽ جهڙيون بہ حالتون هيون، انهن کي اصلي روپ ۾ چٽيو. انهن مٿان چٽر، ٺٺول يا ڪا فتوا ڪونہ ڏني، سچائي جو عملي طور سامهون ڏيکارڻ جو فيصلو ڪيو ويو. پِل تہ عوام پڙهي، پرجهي ۽ پاڻ فيصلو ڪري تہ برائي ۽ چڱائيءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي ۽ ڪهڙي صورت قائم رکي وڃي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ان سموري عمل ۾ سچار قلم ڏني، تمام گهڻين سختين باوجود قلم جي ڪرت جاري رکندا رهيا. نتيجي طور سچ جي فتح ٿي. ڪردار، عمل، عزم ۽ پختي ارادي جي گهڻائي ٿيندي رهي، جنهن نيٺ انقلاب جو وجود برپا ڪيو. حاڪم پنهنجي هوڏ تي ظلم سميت قائز رهيا ته ٻي طرف قلم ڏڻين پنهنجي ڪرت نه ڇڏي. ڪيڏي نه عجب جي ڳالهه آهي جو سنڌ ۾ شاهه عنايت، شاهه لطيف ۽ سچل سرمست جي علم ۽ ڄاڻ پڻ اهڙين واقعن ۽ حالتن جو جائزو پئي ورتو.

روس ۾ هارين جي تحريڪ، منهنجي مطالعي مطابق، شاهه عنايت وٽان روس طرف وڃي پهتي ڇاڪاڻ ته روس سان سنڌ جا تجارتي لاڳاپا موجود هيا. شاهه لطيف به سُرَ ۾ اهڙن عاشقن جو ئي ذڪر ڪيو ٿو ڏسجي. هن جا به بيت هيٺ ڏجن ٿا:

پتنــــگ چــــايين پــــاڻ ڪــــي تــــه اچــــي آگ اجهــــاءِ،
پــــتڻ گهڻــــا پچايــــا تــــون پچــــڻ ڪــــي بــــه پچــــاءِ،
واقــــف ٿــــي وســــاءِ آگ نــــه ڏجــــي عــــام ڪــــي.
گهــــڙِي گهــــڙو هــــٿِ ڪــــري، الاهــــي ٿُهــــارَ

ڄَنگهــــه ڄَرڪــــي واتَ ۾ سِسِــــيءَ ڪــــي سِيســــارَ
چُــــوڙا ٻِيــــڙا چِــــڪَ ۾ لُــــڙَ ۾ لُــــڙِهيسِ وارَ
لَڪــــين چُهتِــــيَسِ لَوهِڻيــــون، ٿِيلهيــــون ٿَرنَئــــون ڏارَ
مِڙيــــا مَــــچَ هــــزارَ ياڳــــا ٿينــــدي سُــــهڻي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

آخر ۾ انهن خصلتن ۽ خوبين جو ورجاءُ ڪندي جيڪي اڄ ۾ ئي ٻڌايون ويون آهن يعني: ڪردار، سچائي، عزم ۽ ارادي جي پختگي انهن کي سامهون رکندي، جيڪي قلمڪار ۽ انهن جي حياتيءَ جا احوال مختصر طور تي هن ڪاوش ۾ ڏنا ويا آهن. انهن جو مطالعو ڪرڻ ان ڪري لازمي بڻجي ٿو تہ سنڌ جي قلم ڌڻين، سياسي ۽ سماجي خدمتگارن کي خبر پوي تہ سماجي سرهاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ جنهن سان سياسي سجاڳي سلهاريل هجي ٿي، ڪهڙو ڪردار رکڻ گهرجي، سچائي، عزم ۽ ڪجھ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترين قربانيون ڏيڻيون پون ٿيون. بس آخري تہ سچائي ۽ عزم سان سامراج سمورا ٻنڌڻ ٽوڙي سگهجن، ان سان گڏ ٻڌي، اعتماد ۽ سچائي سميت جاکوڙ ضروري آهي، ٻي صورت، ورهايل قوت ڪجھ بہ ڪونہ ڪري سگهندي ۽ نقصان پنهنجن جو ئي ٿيندو رهندو. اميد تہ هن محنت ۽ ڪاوش کي علم جي عاشقن ۽ پروانن کان جوڳي موٽ ملندي.

فقط

بدر اجڻ

ڪراچي

10_04_2012:



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

# مهاڳ

ڊاڪٽر بدر اجڻ کي ڏسي بي اختيار هينيون شعر ياد ايندو اٿم:

ہمارے شہر میں بے چہرہ لوگ بستے ہیں
کبھی کبھی کوئی چہرہ دکھائی دیتا ہے

بدر اجڻ به ڪجهه ناياب ۽ موهيندڙ چهرن مان دل ۾ سمائڻ وارو رخ آهي جيڪو ادب، ترقي پسنديءَ ۽ ڌرتي جي مان عظمت ۽ لڄ جي لاڄ ڪي اوچو رکڻ جي جان نثار لڏي جو اهم، اڪيلن ۾ اڪيلو ۽ محترم جزو آهي. الائجي ڇو مونکي سندس وجود اندر هڪ مقدس پيڙا جو احساس ٿيندو اٿم، ۽ سپنن کي سپنو سمجهندي به ڪين اڪين تي سنوارڻ سينگارڻ لاءِ منجهس تڙپ ۽ بي چيني محسوس ڪندو آهيان: شايد، ان ڪان سواءِ پنهنجو جيون اڌورو سمجهندو هوندو. لڳي ٿو ته ڪيس پلي پيٽ پروڙ آهي ته حيات جي سموري رنگيني ۽ سرمستي انهن سپنن تي ئي ته قائم آهي.

انهن سپنن کي ساپيا بخشڻ لاءِ ادب جي صاف ستري ۽ ڏنڌ ۾ وڪوڙيل دڳ ۽ گس تي ڊگهي سمئي ڪان ڪيس 'ڊائنوسورين' (Dinosaurian) وِتَ ۽ سَتَ سان پاڻ پتوڙيندو، جاڪوڙيندو پسي سگهجي ٿو.

سندس قلم مان اصلوڪي رچنائن ڪان سواءِ ٻاهرين ٻولين (انگريزي فرانسي وغيره) جا موتين جهڙا املهه شاهڪار سنڌي ترجمن جي روپ ۾ سنڌي ادب جي خزاني اندر گڏائتي واڌاري ڪان علاوه



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

دلڪش انداز ۾ گوناگونيت پکيڙيندا ڏسي ۽ واچي سگهجن ٿا.

روسي ادب جي گهڻ ڪنڊائتي، امرتا ۾ ٻڏل ۽ چوڏس ساءُ سواد سچ ۽ ساڄاهه ڦهلائيندڙ تاريخ ۽ افاديت کان هيل تائين سنڌي ادب مجموعي طور وانجهيل رهيو هو. ڪٿي ڪٿي ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ نثري يا نظمي تخليق نظر هيٺ ايندي رهندي هئي ۽ بس.

هتڙي ياد پوي ٿو ته ڪالهوڪي ڏهاڙن ۾ روسي ادب مان ٽالسٽائي، چيخوف، گورڪي جون ڪجهه ڪهاڻيون، مايا ڪووسڪي جو مختصر شعري ڳٽڪو پرنس ڪروپاٽڪن جي پتڪڙي سڄاڻپ، گوگول جو امر 'اووَرڪوٽ' ۽ انسپيڪٽر جنرل .... ۽ ليوٽالسٽائي جو پنگتي سڏاري ۽ روحاني بلندي تي رسائي حاصل ڪرڻ وارو روسو جي 'عمراني معاهدي' جهڙو اڻ وسرندڙ شاهڪار 'نيٺ ڇا ڪجي؟' وغيره سنڌي ادب جي پنڊار ۾ جرڪندا ۽ مهڪندا رهيا هئا. واضح رهي ته ٽالسٽائي جي مٿي ڄاڻايل جڳ پرسڌ گرنٿ سان چرني شيووسڪي ۽ لينن جي ساڳئي سري واري هاڪاري ناول ۽ ساميه وادي سوچ اپاريندڙ ڳٽائتي دستاويزي تخليق ٽيل آهي. اهي ٽئي تخليقون جدا جدا وقت ۽ جڳهه تي مٿي بيان ڪيل سرجڻهارن جوڙيون هيون.

روسي ادب ۽ دانش جي آڪاش تي سدا ٻهڪندڙ ۽ روشن ستارن جهڙوڪ ديودار جيڏو قداور ۽ عظيم گهڻ پاسائون شاعر اديب ۽ دانشور پشڪن، لرمنتوف، ترجنيف، دوستووسڪي،بيلنسڪي، هرزن، گنچروف، آسترو وسڪي، 'قديمآواڪُوم'، اليڪسي ٽالسٽائي، ايلياااهرنبرگ، پليخانوف، ٽراٽسڪي، ائٽنا اخموتووا، اوسپ مينڊلسٽام، شولوخوف، بورس پيسٽرنيڪ،نڪولس ڪارمزن، چرني شيووسڪي، باڪونن، نڪولس نيڪراسوف، فيدرٽيوٽچيف، (جنهن



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

جون هيئيون درديليون ستون پڙهي تالستائي جي اکين ۾ ڳوڙها تري ايندا هئا: ”سيئي شيون مون منجهه آهن ۽ مان سيني ۾ آهيان. جڏهن ته مان فنا جي واٽ وٺان، جڏهن ته مان ستل ڪائنات ۾ جذب ٿي وڃان؛ ان ڏک تي ڪا شيءِ پرو نٿي ڇڏي، عدم بڻجڻ ڪيڏو نه سولو آهي!“ نڪولس ليسڪوف، اليگزندر ڪُپرن، بونين، علامت نگار شاعر ’بلوڪ‘، علامت نگار اديب ’اليڪسي رميزوف‘، ازاق بابيل، مرينا سويتاييوا، ولاڊيمير نبوڪوف وغيره جي سنڌي ادب ۾ کوٽ ۽ کمي جو احساس شدت سان ستائيندو اٿم.

پر هن ڀيري بدر اجڻ ادب ۽ ادبي تاريخ جي نامور ڪنئي محقق مارڪ سلونم (MarcSlonim) جي مختصر پر جامع ’روسي ادب جي منهن ۾ مهانڊي‘ جو آزاد ۽ مختصر سنڌي ترجمو ’روسي ادب‘ جي عنوان هيٺ ادب جي پانڌيئڙن ۽ شهسوارن آڏو آڻيندي پاڻ کي سچ پچ جس جو ڀاڳي بڻايو آهي. ان سري هيٺ جڻ هڪ هزار سالن جي روسي ادب اندر موجود سونهن سڳنڌ ۽ علم کي جمشيدي جامِ جم ۾ سمويو اٿس.

يقيني طور هيءَ رچنا پاٺڪن لاءِ روسي ادب ۽ ڪنهن حد تائين سماجيات جي سڃاڻپ جو وسيلو بڻبي خاص طور انهن لاءِ جن سن 1917ع واري تاريخ ساز انقلاب کان پوءِ ان ڌرتي جي ڪک مان تازگي، انسان دوستي، روح مهڪائيندڙ خوشبو کي جنم وٺندي ڏٺو ۽ محسوس ڪيو هو مون کي انهن هدايتن ۽ نظرين جيڪي ادب ۽ اديبن مٿان انقلاب جي دور ۾ يا ماضيءَ بعيد يا قريب جي مهاراڻين، شهنشاهن جهڙوڪ ڪيٿرائن دي گريٽ (سندس آخري دور ۾)، اليگزنڊر پهريون، نڪولس پهريون، اليگزندر ٻيون ۽ ٽيون ۽ پيٽر اعظم



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

وغيره جي ايامڪاري اندر زوري مڙهيا ويا هئا ڪڏهن ڪين پاڻ۾ پيا هئا.

جيڪڏهن روسي قوم کي هڪ هزار سالن جي آئيني ۾ ڏسبو ته اها انيڪ ايشيائي ۽ يورپي نسلن جهڙوڪ سلاف (Slavs) فن (Finish) سستين، مروڊ، ورياگ باشڪير، تاتاري وغيره جو مجموعو نظر ايندي. سندس اصل خالص نسل، ’سلاف‘ اندر تيرهين صدي عيسوي ۾ ڪاهيندڙ تاتاري چنگيزي (منگوليائي) ٽولن جو رت ائين گردش ڪندو رهي ٿو جيئن گڏيل هندوستان جي اوترائين اولهندي حصي جي نسلن ۾ قديم آريائي يوناني، سستين، ايراني خون چلڪندو ڏيکارجي ٿو. ان سبب روسي قومي خصوصيتن کي ڪنهن هڪ نسل ڏانهن منسوب ڪرڻ ناانصافي ٿيندي ڇو جو اهي هوريان هوريان ڌرتي ۽ فطري ماحول جي کک مان پيدا ٿي اپريون آهن. هونءَ به تجربي سيڪاريو آهي ته جڏهن گڏيل نسلَ ڪنهن ڌرائي ڌرتي تي واسو ڪندا آهن ته سندن ميلاپ سبب ’قديم سيرت‘ ۾ ڪو خاص ڦيرو ڪونه ايندو آهي. هتي صرف اهو ڏسڻو آهي ته اهي نسلَ اڪثريت ۾ ايشيائي آهن يا يورپي ڇو جو اغلب طور جيتوڻيڪ روسي تهذيب ۽ فطرت يورپ جي اثر هيٺ رهي هئي پر شروعاتي صدين ۾ يورپي اثرن کي قبول ڪرڻ کان ٿهندي رهي جنهن ڪارڻ مجموعي طور قوم، تهذيب ۽ ادب کي سخت ڇيهو رسيو هئس. گهڻو ڪري سماجي علم جا ماهر ان ڳالهه تي متفق آهن ته مجموعي طور روس ۾ سلاف (Slavs) نسل جي اڪثريت آهي. چيو وڃي ٿو ته چوٿين صدي ۾ اها بالٽڪ سمنڊ جي علائقن مان ڪاهي آئي ۽ روس تي قبضو ڄمائي ڪيف (Kiev)شهر کي راڄڌاني بڻائيندي شهنشاهيت جو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

آغاز ڪيو هئائين. ان کي جرمن نسل سان تعبير ڪيو وڃي ٿو ان کري سمجهيو وڃي ٿو تہ روس اندر ’زار شاهي‘ شهنشاهن ۽ اميرن جي طبقي جو آغاز ان ’جرمن سلاف‘ نسل ذريعي ئي ٿيو هو ۽ تيرهين صديءَ جي تاتاري حملا آور وحشي قبيلن انهن جي ’خالص خون‘ ۾ ’ڦيٽ‘ داخل ڪري منجهن ڊگهي عرصي تائين ’ذهني مونجهارا‘ پيدا ڪيا ۽ سن 1917ع جي تاريخ ساز بولشيوڪ انقلاب کان پوءِ انهن اندر ’مانائي‘ آئي هئي.

شروعاتي صدين ۾ روس اندر ’فطرت پرستي‘ (Paganism) جو رواج عام هو ۽ ڏهين صدي ۾ مشرقي باز نطيني (قسطنطنياتي) ۽ يوناني ڪٽرپنٿي ڪليسا جي اثر هيٺ روسي شاهن ۽ شهزادن ان قديم مذهب جون پاڙون پٽي ڪٽرعيسائيت ۽ ان جي آڌار تي اسرندڙ ادب کي ڦهلائي ترقي ڏني. مشرقي عيسائيت قبول ڪرڻ بعد روسي قوميتي نسلون پاڻ کي روشن ضمير ۽ تهذيب يافتہ سمجهڻ لڳيون هيون. ان بعد قسطنطنيہ جي رهبانيت ۽ اسلامي ملڪن جي واپاري طبقي گڏجي سڏجي روس جي وحشي فطرت ۾ جڙ تهذيب جا ٻج ڇٽيا هئا. ان دور ۾ ئي ڪلسيا جي قالب مان گهڙيل روسي زبان جنم ورتو هو. ان دور ۾ صحيح معنيٰ ۾ صرف هڪ ادبي تخليق سرجي وئي هئي: ’اگور جي مهم‘ (The Campaign of Igor) اها مٿئين عنوان هيٺ طويل نثري نظم جي قالب ۾ جنم وٺندي ڏيکارجي ٿي جنهن کي قومي ڪلاسيڪي شاعري طور مڃيو ويو آهي. پر، تمدن ۽ ادب جي ميدان واري ان تعميري دور جٽاءُ ڪين ڪيو ۽ وحشي تاتارين جي لڳاتار حملن روسين جي شهري زندگي، شهري تهذيب جي مڙيئي آثارن کي نيست نابود ڪندي خون ۾ رڱي ڇڏيو هو جنهن سبب ايشيا ۽ يورپ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

جي وچ ۾ صدين تي ڦهليل خونخوار ويڙهه. نفرت ۽ دشمني جي فڪر ۽ فلسفي جنم ورتو ۽ اها انارڪي پندرهين صدي تائين قائم رهي؛ تانجو رومنوف گهراڻي واري رياست مُسڪووي (هاڻوڪو ماسڪو) هوريان هوريان طاقتور ٿيندي سورهين صدي ۾ اوان چوٿين جي حڪمراني هيٺ روس جي سيني رياستن کي يڪجا ڪري هڪ متحد ۽ طاقتور شهنشاهيت جو بنياد رکيو. ان کان اڳ روس ايئن ننڍين شهري رياستن ۾ ورهايل هو جيئن قديم دور ۾ يونان ۽ بعد ۾ اٽلي ڇڙوڇڙ آزاد ۽ هڪ ٻئي جي مخالف شهري رياستن ۾ تقسيم ٿيل هوندا هئا.

سورهين صدي جي سياسي ۽ سماجي انارڪي جي آخري چوٿائي ۾ روسي شهنشاهيت جون واڳون پيٽر اعظم سنڀاليون جيڪو فطري طور بي قياس، بي درد، مغرور ۽ سنگ دل تانا شاهه هو پر انهن اوگڻن سان گڏ منجهس بلند حوصلو تخيل جي بلند پروازي ۽ وسعت نظري به هئي. هن اقتدار سنڀاليندي ئي محسوس ڪيو هو ته يورپ سان ڪلهيگس ڪرڻ لاءِ صرف حڪومتي انتظامن کي بهتر بڻائڻ ۽ فوج ۾ واڌارو آڻڻ ڪافي نه هو بلڪ انگلينڊ جرمني جرمني ۽ فرانس جي صنعت ۽ حرفت سان به ڪلهو ملائڻ ازحد ضروري هو. ان مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ هاليند وڃي جهازسازي جي عمل جو مشاهدو ڪندي روسين کي به ترغيب ڏياري هئي ...... ۽ نيوا ندي جي ڪناري لڳ بالٽڪ سمنڊ جي ساحل تي پرڏيهي واپار کي زور وٺائڻ لاءِ سينٽ پيٽرسبرگ بندرگاهه جي نئين راڄڌاني جو بنياد به وڌو. ان سان گڏ امير طبقي فوج ۽ نوڪرشاهي جي قداور شخصيتن کي يورپي زندگي ۽ ڪلچر سکڻ ۽ اپنائڻ لاءِ به Gold and gun جي پاليسي اختيار



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪئي هئي. ان رٿابندي وسيلي روسي رياست جي عظمت ۽ طاقت ۾ يقيني طور حيرتناڪ واڌارو ٿيو هو پر، اهڙي انڌ وشواس سبب روسي قوم جي پنهنجي الڳ ۽ منفرد شخصيت کي ڪاپاري ڌڪ لڳو جيڪو سندس روحاني ۽ اخلاقي زندگي لاءِ قطعي سودمند ڪين ٿيو.

ايشيا ۽ يورپ جي ان مقدس يا غير مقدس تاريخي ميلاپ ڪارڻ روسين چواٽي سندن منهن يورپ ڏانهن ۽ پٺ ايشيا طرف رهي آهي ۽ ان سبب سندن ذهنيت تي يورپي اثر وڌيڪ گهرا محسوس ٿيندا رهن ٿا. ان ناڪاري وصفن جي باوجود بہ روسي ادب سوچ سيرت ۽ تهذيب ۾ ايشيائي عنصر سولائي سان پرجهي سگهجي ٿو.

جيتوڻيڪ روسي ادب وقتي طور پيٽر اعظم جي دور ۾ رياستي قبضي هيٺ اپرندو رهيو پر جلد ئي ڏاڍ تي ٻيٺل رياست قوم جي ذهني زندگي آڏو رڪاوٽ بڻجي وئي.... هينئر ’زاري شهنشاهيت‘ آزاد خيالي کي موت جو پوءِ ڏياريندي بلڪ موت سان همڪنار ڪندي روڪيندي رهي. ان بدحال دور جي تصنيفن مان ديوانگي ۽ هيجاني ڪيفيتون لياڪا پائينديون ڏسي سگهجن ٿيون. پر، ان ڪڙي حقيقت جو اپياس ڪنهن ذهني تعصب کان سواءِ ڪبو تہ اهو صاف بکندو نظر ايندو تہ روسي تاريخ اندر ’انساني سياءُ‘ ۾ ’اوچتي بدلاءَ‘ جو چتر يا ڪردار سدا ڪرشماتي رهيو آهي! ڀهڳٽي روسي ليکڪ، تاريخ نويس ۽ نقاد ڪليوچفسڪي مطابق، ”يورپ اندر ڪا اهڙي قوم ڪونهي جنهن جا فرد مختصر مدت اندر ايڏي اورچائي ۽ سخت محنت سان ڪو ڪم اڪلائي سگهن جيڏي جانفشاني سان روسي ماڻهو ڪرڻ جا اهل آهن، پر مستقل مزاجي ... ۽ لاڳيتي عمل جي ميدان ۾ سندن اها وصف ڪمياب آهي“. پر سندن اهڙو ناڪاري سياءُ گذريل صدي جي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

سترهن واري انقلاب کان اڳ وڏيڪ نمايان نظر ايندو هو. ٻين يورپي قومن جي ڀيٽ ۾ روسي ادب اوسر ۽ ارتقا اندر ان محرومي جو ڪارڻ ’قومي سيرت‘ ۾ مٿي ذڪر ڪيل خصوصيت کي ڄاتو وڃي ٿو. ان کان علاوه بغاوت جو عنصر بہ روسي عوام جي سڀاءَ، مزاج ۽ خمير جي اهم خصوصيت آهي.

ان غيرمستقل مزاجي ڪارڻ هر نئين عهد جي سرجڻهارن پراڻي دور جي ادبي ڪارنامن يا ٻولي جي اٽٽ سان بي دلي جو اظهار ڪندي انهن کي ريتي ادبي مورخ يا نقاد لاءِ سلسلي جوڙڻ ۾ دشواريون پئي پيدا ڪيون آهن. دوستووسڪي ۽ چيخوف جي زبان، اسلوب ۽ طرز ان صورت حال جي بهترين عڪاسي ڪندا پسي سگهجن ٿا. اهڙا انيڪ مثال انقلاب کان اڳ ۽ پوءِ جي تحريرن ۾ جابجا پکڙيل آهن.

دراصل روسي فطري طور اڪيلائي پسند آهي ۽ ڪيس سماجي جانور چوڻ زيادتي ٿيندي، ڏکي پيچيده سماجي ڏارا ۾ وهندي مختلف نسلن جي ميلاپ سان سندس ’وجود‘ جنم ورتو آهي؛ ان ڪارڻ سندس سڀاءَ ۽ روين ۾ اندلني رنگن جي اٽٽ پسي سگهجي ٿي. سندس سڀاءَ ۾ قديم سلافي نسل (Slavs) جون خصوصيتون سڀ کان وڏيڪ موجود آهن. اهو ئي سبب آهي جو پنهنجي يورپي پاڙيسرين جي ڀيٽ ۾ روسي ادب ڪاڪ محل وانگر حيرت ناڪ تيزي سان وجود ۾ ايندو رهيو هو. ان جي هستي اندر سرف ’جوهر‘ آهي جيڪو سندس عظيم ادبي شخصيتن جي ذات ۾ ڪنهن راز جيان موجود پسي سگهجي ٿو. روسي ادب اندر موجود بي نيازي ۽ جدت پسندي کي ان انفرادي مادي ئي مٽيا ۽ تقويت بخشي آهي جيڪو فرد کي اڪيلو ۽ سماجي فائدي ۽ نقصان کان بي اونو ۽ بي خبر رکندو آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

انفراديت جي نتيجي ۾ انتشار جو پيدا ٿيڻ بہ لازمي امر هوندو آهي پر، روسي ادب جي خوبين کي ڏسندي ان ناڪاري وصف جو قطعي احساس ڪونہ ٿو ٿئي بلڪ شايد انفراديت ۽ انتشار سبب ئي اهي 'خوبيون' نمايان نظر اچن ٿيون. پر، ان ناڪاري وصف جو نتيجو اهو بہ نڪتو آهي تہ روسي ادب ۾ پشڪن کان سواءِ ٻي ڪا اهڙي وزندار هستي ڪونہ ٿي نظر اچي جنهن جو اثر هڪ نسل کان وڌيڪ نسلن تي نمايان طور محسوس ڪري سگهجي. پر، پشڪن بہ ايڏو 'مائيدار' ڪونهي جيڏو گوئٽي ۽ شيڪسپيئر آهن. شايد ان جو سبب ڪنهن 'سلسي' 'مرڪزيت' ۽ 'سرشتي' جي غيرموجودگي بہ چئي سگهجي ٿو. ٻئي پاسي صرف ليوٽالسٽائي، ترجنيف ۽ دوستووسڪي جي ڪجھہ ادبي شاهڪارن ۾ زندگي جي گرمي ۽ اوسر جي جهلڪ پسجندي ڏيکارجي ٿي ۽ بس. پر، هنن اندر بہ مايوسي تقدير پرستي ۽ غم جا اولڙا پسي زندگي جي جهلڪ کي جهڪو ڪندا رهن ٿا. هنن ادب اندر ڪڏهن بہ گوئٽي جيان زندگي جو مڪمل فلسفو ڪونہ ڏنو جيڪو مذهب جو بدل بڻجي سگهي ها.

روس جي بدقسمتي اها بہ رهي هئي تہ ان قوم اندر مجموعي حيثيت ۾ فطري اوسر ۽ واڌ ڪونہ ٿي سگهي هئي جيئن يورپ جي ٻين قومن ۾ ٿي هئي. هن اندر اها تبديلي 'انقلابن' ذريعي ايندي رهي. پهريون خوني انقلاب پيٽر اعظم (1672_1725ع) جي دور ۾ آيو هو ۽ ٻيو انقلاب محدود روشن فڪر طبقي پاران ڊسمبر 1825ع (ڊسمبرسٽ Decembrist) ۾ آندو ويو جنهن ڪارڻ ڪافي جاني نقصان ٿيو. ان بعد سن 1905ع وارو ناڪام انقلاب ..... ۽ آخر ۾ سن 1917ع جو تاريخ ساز ۽ ڪرشماتي بولشيوڪ انقلاب جنهن کيس



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

پهريون پيرو هزار ورهين جي ڏکي سياسي سماجي ۽ اخلاقي پستگي مان اُڀاري آڪاش جي بلندين کي ڇهندو محسوس ڪرايو هو.

گهڻو ڪري روسي ليکڪ انساني پستي جي پاتال جي تاريڪي کي گهرائي سان چٽيو آهي؛ پر، بلندي جا سپنا بہ ڏيکاريندا رهيا آهن ۽ انهن اندر حقيقت اصليت ۽ يقين جو اهڙو اثرائتو اظهار ملي ٿو جيڪو عام ۽ اعتدال پسند سرجڻهارن جي تصور ۽ امڪان جي پڪڙ کان گهڻو اونهو اُتاهون ۽ برتر آهي. مثال طور ذهن ۽ دل جا مرض، يا مايوسي ۽ بي وسي جي فضا جنهن اندر ايئن پاسندو آهي جڻ دوستووسڪي جي ڪلپنا هڪ ڦٽيل پکي جيان ڦٽڪي رهي هجي.....
اها حالت ايئن لڳندي آهي جڻ آشا سوڀ ۽ بلند پروازي جي ابتدا ٿيندي هجي! ان منزل تي پهچي انسانيت جو تابناڪ رخ پنهنجو پاڻ پسائيندو لڳندو آهي، جنهن جي ڇاپ اسان جي من تي هميشہ لاءِ نقش ٿيو وڃي ٿي ۽ ان سان ئي انساني جيون ۾ جوت جاڳائي سگهجي ٿي.
ميڪسم گورڪي جن ستايل تباهہ حال ۽ لچن روسين جي سڃاڻپ ڪرائي ٿو هنن جو سياءُ ۽ فطرت غريبي ۽ بدي جي چار ۾ ننهن کان چوٽي تائين ڦاٿل آهي، سندن دليون ۽ لڇڻ برائي جي گپ ۾ گُتل آهن، هنن جون بيشمار اوٽايون پسيندي سندن انسان هجڻ ۽ جيئندو رهڻ تي اچرج لڳندو آهي. پر، انساني عبرتڪدي جي ايڏي بربادي ڏسندي بہ روشني جو ڪرڻو نظر ايندو رهي ٿو ۽ اسان جي ڏاهپ ۽ ڏورانهيون نظرون گورڪي جي سچ رچ ۽ ويراني کي آباد ٿيندو ڏسي سگهن ٿيون! ان ڦيري مان پلي پت سُڌِ پوي ٿي تہ انسانيت جو 'ست ۽ سچائي' ڪڏهن ڪتجي زنگجي نٿو سگهي. گورڪي جي ان 'جوهر' کي ئي تہ 'انساني همدردي' ڪوٺيو وڃي ٿو. شاهڪار روسي رچنائن جو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مقصد فنائتي نموني زندگي جي سچي ۽ حقيقي تصوير چٽڻ رهيو آهي، جنهن اندر حيات جو هاڪاري ۽ سچو فلسفو هر دم چلڪندو ڏيکارجي ٿو..... ۽ ان ذريعي ذهن ۾ ڪشادگي، دل ۾ درد، اخلاق اندر محبت ۽ همدردي پيدا ٿيندي محسوس ڪري سگهجي ٿي. مان اڳ ئي ڄاڻايل نڪتي کي ورجائيندي چوندس تہ مجموعي طور روسي ادب ۾ زندگي جي تعمير جو جتن ناياب آهي پر، ان اندر مجموعي طور زندگي جو فلسفو ۽ ڪائناتي فڪر بہ موجود آهي جيڪو انوکي هئڻ جي باوجود واضح نهرو ۽ اثرائتو بہ آهي. روسي ليکڪن جو مقصد اهو رهيو آهي تہ انسان ۽ سندس هستي ِ کي ڪائنات اندر هڪ نئون ۽ نرالو درجو ۽ اهميت ڏئي خالق ۽ مخلوق جي وچ ۾ اهڙي بي حجاب ياري جي اٽُت ڪئي وڃي جو ڪنهن 'وچواري' جي ضرورت ڪڏهن محسوس نہ ٿي سگهي! اهڙي خواهش ۽ آرزو لاءِ وڏي جگر ۽ همٿ جي ضرورت آهي!! جيتوڻيڪ روسي ادب جي مٽيادار قلمڪارن ڪان سوپ جي جل پري ڏور رهي پر، 'انسانيت' جي بلندي ۽ تعمير صرف ڪامياب اخلاقي ۽ روحاني تجربن سان سلهاڙيل ڪونہ هوندي آهي. مهانتا صرف انهن کي پلئہ ڪونہ پوندي آهي جن جي من جون مرادون بار آور ٿين.... ڇو جو تجربن مشاهدن جي تت مان سُڌِ پوي ٿي تہ سوپ آشائن ۽ اميدن کي محدود ڪرڻ ۾ پوشيده رهي ٿي.

انسان کي ڪنهن اوکي فعل جي تڪميل لاءِ پنهنجي قوت ۽ امڪان جو اڳ ۾ ئي اندازو لڳائڻ جڳائي. روسي سياءُ جي انفراديت، خودي جو اپياس ۽ پنهنجي ذات سان گهري لڳاءُ کي بنيادي طور انسان ۽ انسانيت جي ڪڙي آزمائش ڪوٺي سگهجي ٿو. ۽ ان آزمائش جي سيني جزياتي پهلوئن کي روسي سوچ پنهنجي ذات جي گهراين ۾ حل



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

ڪندي انساني هستي جي ڪنهن به رخ، انساني فطرت جي ڪنهن به راز کي نظر انداز ڪين ڪيو آهي.... جستجو جي ان اٽاوي عمل دوران وقت جون انيڪ ناخوشگوار ساعتون آڏو ايندڙيون رهيون پر، انهن جي چٽي ۽ غير مبهم اظهار ۾ روسي اديبن ڪمال درجي جي همٿ ۽ سورهيائي ڏيکاري آهي.

سن 1805ـ1815ع وارين نيپولين جي ٿيندڙ جنگين روسي عوام ، اميرن جي هڪ خاص طبقي ۽ فلوجين جي نوجوان ڌڙي جي هڪ حصي اندر حوصلو همٿ ۽ وطن پرستي جي جذبن کي بيدار ڪري منجهن هم آهنگي، قرباني، آزادي ۽ علم جي چاهت لاءِ اجهل سجاڳي آندي هئي. انهن جنگين ۾ سوڀارو ٿيڻ جي باوجود جڏهن محسوس ڪيائون ته زار اليگزينڊر پهرين ڏيڍ ڏونس ۽ ارهه زورائي وارا طريقا اختيار ڪري ڇڏيا ته نتيجي ۾ حڪومت ۽ زار خلاف سندن مخالفت عملي صورت اختيار ڪري ورتي ۽ هرجاءِ خاص طور وڏن شهرن ۾ خفيه انقلابي ادبي ۽ ثقافتي جماعتون ۽ تنظيمون وجود ۾ ايندڙيون رهيون جن جي ڪک ۾ روشن خيالي، علم، آزادي ۽ انقلاب جا ولولو پيدا ڪندڙ جوهر ۽ جزا پرورش پائيندا وڌندا ۽ عام ماڻهو کي منڊيندا رهيا. اليگزينڊر پهرين جي موت کان پوءِ زارنڪولس پهرين (1825ـ1855ع) روسي تاناشاهي جي واڳ سنڀاري ورتي.... ۽ هيءُ تاناشاهه ظلم ڏاڍ ۽ ٺهري ڪارنامن ۾ پنهنجي پيش روئن کان گوءِ کٽي گهٽو اڳتي نڪري آيو هو. هن جي راڄ ۾ آزادي جي پروانن لاءِ ڦاسيون جلاوطني ۽ اخبارن ڪتابن ۽ اديبن جي اظهار تي بندشون، روزانو معمول بڻجي ويو. سن 1825ع جي ڊسمبر مهيني ۾ بغاوت/ انقلاب جي دؤر (جنهن کي ڊسمبري يا ڊيڪابرست به ڪوٺيو وڃي ٿو ۽ جنهن



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

جو رهنما مشهور دانشور نڪولائي تر جنيف هو) سبب عام ماڻهن سان وڏا ڪلور ڪيا ويا جنهن ۾ زار جي نظرداري هيٺ پوليس، ڪليسا ۽ نوڪر شاهي جي رجعتي تمورتي پنهنجي عوام دشمن تاريخي ڪردار ادا ڪرڻ ۾ اڳري ۽ اڳ تر رهي هئي. سن 1835ع ۾ سموري دانشور لاڏي مان صرف پشڪن جي ذات گوهيون ڏيندي، پنهنجي ادبي لاٽ ڪي اوچو رکڻ ۾ سوڀاري نظر آئي هئي.

ان پُرخطر وٽ پڪڙ ۽ افراتفري واري زماني ۾ روسي جيالن ۽ دانشورن ٻاهرين دنيا (جرمني، فرانس، انگلينڊ وغيره) سان ادبي ثقافتي سياسي تهذيبي ۽ فڪري ناتا ۽ سنبنڌ گهاٽا ڪري ڇڏيا هئا، ۽ نتيجي طور ڳجهه ڳوهه ۾، ۽ ڪڏهن ظاهري طور فلسفياڻا، تهذيبي، سياسي ۽ ادبي بحث مباحثا زور وٺندا رهيا. ان کي جامع صورت بخشڻ لاءِ جداجداپليٽ فارم ۽ حلقا پڻ قائم ڪيا ويا جن ۾ ’ستان ڪيئي وچ‘ (1817_1840ع) جي حلقي ڪافي ناماچار حاصل ڪري ورتو هو. بيلنسڪي، هرزن، باڪونن ۽ ٻين انيڪ دانشور نوجوانن جن ادب ۽ سياسي هلچل ۾ ناموري حاصل ڪئي هئي ان حلقي سان سلهاڙيل هئا ۽ اتي ئي سترهين، ارڙهين ۽ اوڻويهين صدين جي پيرس جهڙي ’سيلوني‘ ماحول جي واد وواد ۾ سندن سوچ ڏنڌ ۽ ابهام مان اُسري ’صورت پذيري‘ ۽ آڪار حاصل ڪري ورتو هو.... انهن بيٺڪين دوران اشتراڪي شاهڪارن جو اڀياس ڪيو ويندو هو. روس جا سياسي مسئلا آزادي سان بحث هيٺ آڻي ملڪ جي آزادي بابت رٿائون رٿبيون هيون. هرزن ۽ شاعر اوگاريوف اڪثر اهڙن حلقن جي جلسن ۾ شرڪت اختيار ڪندا رهندا هئا. ان ئي زماني 1825ع ۾ ماسڪو جي مشهور اخبار ’دوربين‘ ۾ آزادي پسند اديب چارائف (1793_



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

1855ع) جو هڪ شعلي نما پرمغز خط ڇپيو هو جنهن دانشور ۽ پڙهيل ڪڙهيل طبقي ۾ ڄڻ گرنار وارو غلغلو مچائي ڇڏيو هو. سندس خط وطن پرست ۽ روشن خيال روسين کي ڄڻ بي وس ڪري منذبي ڇڏيو هو.

زار شاهي، نوڪر شاهي، مذهبي ۽ ڪٽر قوم پرستانه ڏاڍ ڏمر ۽ ارهه زورائي.... تقرير ۽ تحرير تي بندش جي باوجود غور ۽ فڪر جي طوفاني لهرن کي حڪومتي ادران ماٺو ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪونه ٿي سگهي ۽ سن 1850ع تائين روس اندر سوچ ۽ فڪر جا ٻه وڏا مخالف ڌڙا اُڀري آيا: 1: يورپ دوست (Westernism) ۽ 2: سلاف دوست (Slavophilism) انهن پارٽين يا ويچار ڌارائن جو بنياد عقيدن جي پيٽ ۾ 'لاڙن يا روين' ڏانهن وڌيڪ جهڪيل هو. يورپي رويي اندر هينيان اهم نڪتا ڇاٽائڻ جوڳا آهن: 1: رومن ڪيٿولڪ مذهبي فڪر سان سلهاڙجڻ جيڪو گريڪ چرچ سان وابستگي جي نسبت وڌيڪ ولولي ۽ زندگي سان ڀرپور هو. 2: جرمن آدرش اندر ماديت جي ڇلڪندڙ فڪري لهرن سان پاڻ مونکي حقيقت جو دلڪش نظارو ڪرڻ. 3: فرانسي عقليت پسندي جي روح گرمائيندڙ ۽ ذهن جرڪائيندڙ فلسفي سان هم دوش ٿي ڪري مادي ترقي جي راهن جي جستجو ڪرڻ. 4: اگسٽ ڪامٽي جي فرانسيسي فلسفي جي اثباتيت پرست فڪري ڌارائن ۾ مجاز جا مزا ماڻڻ وغيره.

يورپ دوست رويي ڏانهن مائل دانشورن/ماڻهن جي سوچ موجب يورپي تهذيب ۽ تمدن يورپي سياسي ۽ معاشي نظرين ۽ تجربن مان اثر ۽ سبق وٺڻ روس جي مادي سماجي ۽ سياسي ترقي ۽ اوسر لاءِ لازمي امر قرار ڏنو ويو هو ڇو جو هنن روسين کي فطري طور يورپ جي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

قومن کان الڳ ۽ مختلف ڪڍهن ڪين ٿي سمجهيو ۽ ڪين ٻہ سياسي سماجي ۽ معاشي ترقي جي ڏس ۾ انهن ئي راهن تان گذرڻو هو جن تان ڪائنن اڳ ۾ يورپ جون ترقي يافتا قومون لانگهائون ٿيون هيون. ان ڏڙي يا پارٽي اندر ٻين دانشورن کان علاوه اشتراڪيت جا انتهاپسند حامي بہ شامل هئا جن مطابق روس کي ان 'دڳ' تي هلائڻ ۾ ملڪ ۽ عام ماڻهو جي سلامتي آزادي ۽ ٻهبودي جو راز سمايل هو. يورپ دوست پارٽي يا لاڙو رکندڙ سياسي سوچ وارن اديبن ۽ دانشورن ۾ ناول نگار ايوان ترجنيف (1818_1883ع)، پيسم سڪي (1820_1881ع)، شچدرن (1826_1889ع)، اتم جڳهہ والارين ٽا؛ شاعرن ۾ نڪراسوف (1831_1877ع)، اورا وگاريوف (1813_1877ع) وغيره..... پر مٿي ڄاڻايل شخصيتن جي مهما ادب جي حوالي سان هئي ليڪن نوجوانن جي بي پناهہ ڪٽڪ ۾ هيئين هستين جو وڏيڪ اثر هو جن کي ادبي ناموري بجاءِ پنهنجي فيلسوفاڻا ترقي پسند سوچ جي پرچار ۽ ان کي ساپيا ۾ 'آڪار' بخشائڻ جو وڏيڪ اونو رهندو هو. 1: بيلنسڪي (1810_1848ع) مشهور تاريخ ساز نقاد، سماجيات جو ماهر ۽ سياسي پرچارڪ. انسان دوستي جي هن ڀهڳٽي دانشور شيلنگ، فشتي ۽ هيگل جو ڳوڙهو اڀياس ڪري آخر ۾ فيور باخ ۽ ڪارل مارڪس جي تاريخي ۽ جدلي ماديت جي فلسفي کي پنهنجي وجود ۾ سموئي روس اندر سندن فڪر جي لاٽ اوچي رکڻ وارن ڀهرين مهندارن مان هڪ اهم ٽيڪاڪار ۽ دانشور ڄاتو وڃي ٿو. 2: هرزن (1812_1870ع) مشهور نقاد، انقلابي ۽ تاريخي رسالي 'گهنڊ' جو ايڊيٽر ۽ بيلنسڪي جو دوست. 3: باڪونن (1814_1876ع) جڳ پرسڌ انقلابي، انارڪسٽ، تاريخ ساز شخصيت ۽ شعلہ نوا مقرر. 4:



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

نڪولائي چرنيشووسڪي (1828_1889ع) روسي منڪريت پسند تحريڪ (Nihilist) جو 'ابو' ، جيلي جيوت ۾ تحرير ڪيل پنهنجي خيالي آدرشوادي ناول 'نيٺ ڇا ڪجي؟' جو نامور ليکڪ، بي باڪ نقاد ۽ ساميہ واد جي حدن کي ڇهندڙ فلسفي . 5: لافروف (1823_1900ع) مشهور فيلسوف، سماجي علم جو ماهر ۽ انقلابي رهنما. 6: گرانووسڪي (1813_1855ع) مشهور تاريخ نويس، هرزن ۽ ٻين دانشورن جو گهاٽو دوست، تاريخ جي حوالي سان انقلاب جي اپٽار ۾ ويساهہ رکندڙ. 7: ڪي ميخائلووسڪي (1842_1904ع) پاپولسٽ (عوامي_ Norodniks) تحريڪ جو اهم دانشور، انقلابي ۽ مفڪر.... ۽ چرني شيووسڪي، لافروف ۽ پرنس ڪروپاٽڪن جو گهاٽو دوست. 8: پرنس ڪروپاٽڪن (1842_1921ع) جڳپرسڌ انارڪسٽ رهنما، انقلابي، تاريخدان، سائنسدان ..... ۽ ڪافي حد تائين پنهنجي قداور پيش روئن: چرني شيووسڪي، لافروف، ميخائلووسڪي جي نظرين ۽ پاپولسٽ تحريڪ (Norodniks) سان قول ۽ فعل جي حد تائين سهمت. هن عظيم دانشور مطابق ، 'انقلاب پنهنجي اصل ۾ بنيادي طور ارتقا جو لازمي حصو ۽ جزو آهي.' 'فطرت اندر انقلابن کان سواءِ ڪو ارتقا ٿيڻ ناممڪن آهي!' 'هوريان هوريان ايندڙ تبديلين کان پوءِ تغير جا تيز تر جهٽڪا اچڻ لازمي امر آهي'. 9: اي اي بوگدانوف (1873_1928ع) بولشيوڪ پارٽي جو سرگرم ميمبر ۽ نظرياتي رهنما، فيلسوف، ڊاڪٽر ۽ محقق. 10: پساريف (1840_1878ع) چرني شيووسڪي جو نوجوان دوست ۽ ساٿي جنهن کي منڪريت پسند تحريڪ (Nihilist) جي فيلسوف ۽ سرگرم رهنما طور بہ ڄاتو وڃي ٿو. 11: ڊوبروليوبوف (1836_1861ع) هيءُ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

جوشيلو مقرر، رهنما ۽ ترقي پسند دانشور چرني شيووسڪي جي رسالي ’هم عصر‘ ۾ زندگي جي آخر تائين لکندو رهيو هو ۽ پاپولسٽ تحريڪ (Norodniks) جو ليڊر بہ هو. ان کان علاوه سن 1917ع جي بولشيوڪ انقلاب ۽ انساني تاريخ کي بلندي ڏانهن نئون موڙ ڏيندڙ جڳ پرسڌ انقلابي رهنما، دانشور ليکڪ ۽ نقاد پليخانوف، لينن، ميڪسم گورڪي، بخارين ۽ ٽراٽسڪي بہ انهن يورپ دوست منڪريت پسند، پاپولسٽ (عوامي) تحريڪن وغيره ۾ عملي ڀاڱ وٺي اوج تي پهچائي پاڻ موکڻ ۾ ڪمال ڪري ڏکاريو هو.

’منڪريت‘ (Nihilism)محض انڪار جو پرتشدد طريقو هو، ان کي فڪر يا فلسفو نٿو ڪوٺي سگهجي. منڪريت پسندن جي سوچ موجب سياسي ۽ سماجي مسئلا جذبات جي دخل اندازي کان عاري ٿيڻ جڳائين، علم ۽ سائنس ۾ سندن ويساهہ پختو هوندو هو. منڪر (Nihilist) مذهب، رسم ۽ رواج، مدي خارج اخلاقيات ۽ قدامت تي ٻڌل معاشرتي نظام جي سخت خلاف هوندو هو. اها تحريڪ وطن جي مان، آزادي ۽ علم جي سربلندي جي حصول لاءِ جان نثاري جي بي مثل هلچل هئي جنهن اندر، خاص طور نوجوان طبقي رياستي ڏاڍ خلاف عظيم قربانيون ڏنيون هيون. منڪرن جو فرقو زارالیگزينڊر دوئم جي دور ۾ وڏيڪ سرگرم هو ۽ سندن ئي اڄهل ڪوشش سبب روس مان فيبروري 1881ع ۾ ’هاري غلامي‘ (Serfdom) جو خاتمو ٿيو هو..... ۽ ان تحريڪ سن 1917ع واري بولشيوڪ انقلاب جي راهہ بہ هموار ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو هو.

مٿي ڄاڻايل تحريڪن کان گهڻو اڳ ۾ ڪيٿرائن دي گريٽ جي راڄ دوران، جنهن زماني ۾ روسي نوجوان دانشور طبقو پنهنجي راٽي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

جيان ڊيڊرو، گرم (Grimm) والتيئر، روسو مانٽيسڪو ڊي المبرٽ، فرانسسي انسائيڪلوپيڊيائي دانشورن... ۽ ايڊم سمٿ جي پربهار خيالن ۽ سوچ کي پنهنجي ذهن ۽ وجود ۾ جذب ڪري رهيو هو ان وقت جرمني مان ڦٽندڙ هڪ ’پراسرار آدرشي نظريو‘ روسي اميرن جي ذهنن ۾ پاڙون پکيڙيندو رهيو. ان نظرئي روسي ڌرتي تي پهچي ’ميسن تحريڪ‘ (Masonic, Movement) جو روپ ڌاري ورتو. روس اندر ان جو اوائلي رهنما ۽ باني ”نڪولائي نوويڪوف‘ نالي هڪ دانشور هو. ان تحريڪ مان اتساهه وٺندي عام ماڻهن اندر تعليم لاءِ چاهه پيدا ڪرڻ، پنگتي سڌارا آڻڻ ۽ دان پچ واريون انيڪ رٿائون عمل ۾ آنديون ويون هيون.

’يورپ دوست‘ تحريڪ جي پيٽ ۾ ’سلاف دوست‘ فرقي يا تحريڪ جا رهنما شيلنگ جي ’جرمن آدرش واد‘ هيگلي ’تاريخي نظرئي‘ کان متاثر ٿيا هئا، هنن نه صرف تاريخ جو اڀياس ڪيو پر روسي قوم کي پنهنجي فطرت سمجهائڻ ۾ مدد ڪندي ان مان پيدا ٿيل نڪتن ۽ اصولن کي ملڪي سياست تي مڙهڻ جون ڪوششون ورتيون. ڪيري ليف، خومياڪوف، ڪانسٽنٽائن اڪساڪوف جهڙن دانشورن جي علم مان فائدو وٺندي سولوفيوف ۽ ڪوستوماروف روس اندر تاريخ نويسي کي اوج تي رسايو. گمنام داستان The lay of Igor کي قومي زندگي جي تعمير جو ذريعو بڻايو. پيٽر اعظم جي نام نهاد سڌارن سبب جنهن اجنبيت ۽ بيگانگي جنم ورتو هو ان کي دور ڪرڻ جون مخلصانه ڪوششون اختيار ڪيون. سلافدوست پارٽي روسي روايتن، يوناني، بازنطيني ڪليسائي سوچ، تاريخ جي قدامتي سوچ ۽ جوهر کي سياست ۽ سماجيات ۾ نافذ ڪري هڪ قسم جي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

’ماناٽي‘ ۽ ’جمود‘ ڪرڻ جي جتن ۾ به اڳري نظر ايندي رهي. ان تحريڪ جي سرموڙ نظريه ساز ’ڪائونٽ يووارف‘ مغربي تهذيب سائنس ۽ فڪر کي سخت لفظن ۾ نندينديءَ ’مذهبي تمورتي‘ جو انوکو نظريو گهڙيو هو جنهن مطابق روسي سماجي سياسي ۽ فڪري عمارت جو بنياد ’مذهبي, انتهاپسندي, زارشاهي ۽ انتهاپسند قوميت‘ تي بيهارڻ جڳائي.

اوڻويهين صدي جي آخري ۾ روس اندر صنعت ۽ حرفت جي تڪڙي واڌ ٻن مخالف طبقن کي جنم ڏيندي پنهنجي قوهه ۾ هڪ ٻئي جي آڏو اچي بيهاريو: بورجوا (سرمائيدار) ۽ پرولتاري (مزدور). انهن جي آمد انقلابي سوچ ۽ عمل کي آڏو تحرڪ بخشيو. زار شاهي جي جمود هيٺان زير زمين سياسي اٿل پٿل زورن تي هئي ۽ مختلف سياسي ڌڙا بنديون ۽ جماعتون ’زاري زنجير‘ جي جڪڙ کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ ٿهي جڙي رهيون هيون. انهن ۾ ٽي گروپ نهايت اهم ۽ ڄاڻائڻ جوڳا آهن:

1: <u>آزادي آئيني جمهوريت پسند ٽولو</u>: هن پارٽي جا رهنما به جمهوريت پسند, پروفيسرپال مائيليوڪوف ۽ پيٽراسٽرو هئا ۽ سندن پاڙون ڊسمبري تحريڪ سان ملن ٿيون. ان پارٽي زميندار ۽ مٿئين بورجوازي طبقي جي حقن ۽ آئيني سڌارن لاءِ پئي پاڻ پتوڙيو بعد ۾ بولشيوڪ نظرئي جي سخت مخالف بڻجي وئي.

2: <u>سوشلسٽ انقلابي پارٽي</u>: هن پارٽي جو جنم ’عوامي ارادو‘ (Popular Will) تحريڪ جي ڪک مان ٿيو هو. ان پارٽي جي روماني ۽ انقلابي ماضي سبب نوجوان دانشور خاص طور شاگرد طبقي ۾ ان لاءِ بيحد ڪشش هئي. هارين ۽ مزدورن جي حقن جي چيمپيئن



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

ٻڌجي سامهون آئي هئي ۽ سندس مقصد ملڪ اندر تانا شاهي جو خاتمو ۽ جمهوري نظام نافذ ڪرڻ هو. پانت پانت جي ملغوبي سبب گهڻو وقت جٽاءُ ڪونہ ڪري سگهي. ان پارٽي جو رهنما دانشور وڪٽر چرنوف هو جيڪو لافروف ۽ ميخائيلووسڪي جي فلسفاڻي سوچ کان گهڻو متاثر هو.

3: <u>روسي سوشلسٽ جمهوري مزدور پارٽي</u>: هيءَ پارٽي سن 1898ع ۾ منسڪ شهر اندر هڪ خفيہ گڏجاڻي دوران وجود ۾ آندي وئي هئي. ان پارٽي جي باني مان جي پليخانوف لينن اهم مزدور رهنما ۽ دانشور هئا. ان پارٽي جي ’جوهر‘ ۾ ٽي نڪتا اهم هئا: سياسي شعور، انقلابي روح ۽ مزدور اتحاد ۽ سندس برتري. ان پارٽي جا رهنما ۽ ڪارڪن ابتدا کان ئي زاري حڪومت پاران ظلم سختيون ۽ جلاوطني سهندا رهيا. سن 1900ع ۾ لينن ’چڻنگ‘ (Spark) نالي اخبار جاري ڪئي جنهن روسي ذهن انقلاب تائين انقلابي ۽ نظرياتي نوان موڙ بخشڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. سن 1903ع ۾ پارٽي اندر خاص طور آزاد روي وارو لاڙو رکندڙن بابت پهرين نظرياتي ڪشمڪش ۽ اختلاف پيدا ٿيو هو. پارٽي ٽن اهم ترين ليڊرن مان لينن ۽ پليخانوف جو الڳ ۽ اڪثريت وارو ڌڙو ٻڌجي ’بالشيوڪ‘ سڏائجڻ لڳو ۽ مارتوف جو جدا ۽ اقليت وارو ٽولو ’منشيوڪ‘ سڏائجڻ ۾ آيو.... جيڪو آخرڪار سن 1912ع ۾ استاڪ هوم جي اجلاس اندر پارٽي کان بلڪل ڌار ٿي ڪري انقلاب دشمن رويي جو حامي ٻڌجي ويو.

روس اندر ادبي، سماجي ۽ سياسي تنقيد جو آغاز دينيوويتوف (1805_1837ع) طرفان ڪيو ويو هو. هو پاڻ بہ شاعر هو. ان بعد نجيزدِن (1804_1856ع) تنقيد جي واڳ سنڀالي جيڪو پاڻ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

فيلسوف ۽ مجيل عالم هو... ۽ هنن ايندڙ وقت جي نقادن لاءِ ميدان ڪشادو، صاف ۽ معياري بڻايو هو. سن 1834ع کان 1848 تائين چرني شيوسڪي (عقليت ۽ اشتراڪيت جو حامي ۽ جماليت جي نئين نظرئي جو باني) ۽ دوبروبيولوف (منڪريت پسند) رهنمائي ڪندا رهيا. ان بعد پنجن ورهين تائين پساروف جو ستارو چمڪندو رهيو ۽ صدي جي آخر تائين مائيخلوف وسڪي جا نظريا ۽ ويچار ادبي ۽ فلسفياڻا سوچ تي نقش چٽيندا رهيا.

ان بعد ويهين صدي ۾ ’مقبوليت پسندي‘ سان سلهاڙيل تنقيد کي ’خيالي سوشلزم‘ قرار ڏنو ويو هو جيئن انگلينڊ ۾ ’فيبيئن سوسائٽي‘ سان لاڳاپيل سرجٺهارن جهڙوڪ برنارڊ شا، سڊني ويب، ايچ جي ويلز، بيٽرس ويب وغيره لاءِ چيو ويندو هو. اها سوچ بعد ۾ مارڪسي سائنسي سوچ ۽ جدلياتي ماديت جو ضد بڻجي وئي. مون اڳ ۾ ٻڌايو آهي ته مارڪسي تحريڪ (ادب ۽ سياست ۾) اوڻويهين صدي جي نوي واري ڏهاڪي ۾ پاپولسٽ تحريڪ کان گهڻو اڳيرو نڪري وئي هئي ۽ ان جو سونهون جارج پليخانوف هو. ان ادب آرٽ ڪلچر ٿيٽر ۽ تعليم جي ڏس ۾ ديرپا ۽ دور رس اثر وڌا. مٿي ڄاڻايل ڦلدائڪ تحريڪن ذريعي اڄرجدائڪ شعوري سجاڳي، ڏاهپ جي ڳولها، فن جي اپج، اڏمن احساسن ۽ ولولن جي طوفاني اپار سبب سن 1894ع کان 1917ع واري زماني کي (Silver age) ’چاندي ورنو‘ دور ڪري ليکيو ويجي ٿو.

روس ۾ ويهين صديءَ اندر ادب ۽ فن جي ميدان ۾ جديديت پسندي، علامت پسندي، يا مستقبل پسندي (Futurist) وارين تحريڪن ۾ انيڪ ڀهڳٽا ۽ نامڪنيا سرجٺهار اپري آڏو آيا هئا جن



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪي مجموعي طور ويگنيرين موسيقي، باخوسين موج مستي، ايپيڪيورين حسن، ڪنتي، (پاندن جي ماءُ) ۽ هيلن آف ٽرائي جي ياسيت جي پرچارڪن سان پيٽي تشبيهہ ڏيڻ ۾ ڪو وڌاءُ ڪونهي. هنن ۾ بادليئر، پو، ايذراپائونڊ، ڪالڊيران جهڙا 'فن برائي فن' جا پوڄاري مغربي سوچ ۽ طريقي سان سلهاڙيل هئا.... ۽ روس اندر ان ٽولي ۾ وليري بريوسوف، بل مانٽ، اندري بيلي، وياچيس سلاف، بلوڪ (Blok) وغيره جو نالو وٺي سگهجي ٿو. ان Decadent ٽولي اندر جمالياتي حسيت ۽ علامت پسندي سندن ذات ۽ ڏانءُ جا خاص جزا هئا.

روس ۽ فرانس جي نسبت سان جهوني جڳ جا چار رزميہ داستان ياد اچي ويا اٿم: ويدوياس جو مهاڀارت، والميڪي جو رامائڻ ۽ هومر جا اليڊ ۽ روڊيسي.

روس اندر تيرهين صدي جي شروعاتي دور نثري شاعري جي داستان Lay of Igor(اگورچي جون مهمات) جي ڀيٽ فرانسي قصي Song of Rolland سان بنان هبڪ ڪري سگهجي ٿي. ٻنهي رزميہ داستانن ۾ فطرت سان محبت، وطن ۽ قوم لاءِ انسيت بلندي تي پهتل ڏيکارجي ٿي. تيرهين صدي جي نثري شاعري پنهنجي لئہ، سر، مقصدي افاديت، احساس جي شدت، شاعراڻا گهڙت ۾ يورپ جي ڪنهن بہ زبان ۾ رچيل اهڙي تخليق سان برميچي سگهجي ٿي. حالانڪ ان دور ۾ روس اندر فنون لطيفہ جهڙوڪ فن تعمير، چترڪاري، مجسمہ سازي ادب خاص طور شاعري کان وڌيڪ بلندي تي براجمان ڏيکارجي ٿي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

روس ۾ ڪو راڄ ڪوي ڪونہ هوندو هو پر، پشڪن ڪي اهو خطاب ڏجي ٿو ته وڏاءُ ڪونہ ليکيو. هو شروع ۾ پيٽر اعظم جي طلسماتي شهنشاهيت کي چاهہ سان تکيندو نظر اچي ٿو. سندس ذات اندر سدا هم آهنگي ۽ توازن جي شڪتي ڇلڪندي پسجي ٿي ۽ سندس شخصيت اپولو جهڙي صاف ستري ۽ سونهن سان سينگاريل آهي. Renaissance جوهر کان متاثر ڏيکارجي ٿو ۽ ان ڪارڻ سندس شاعري آفاقي ويس ۾ ڪنهن جل پري جيان پاڻ پسائيندي ذهن ۽ من کي منڊبيندي رهندي آهي. روس جون محدود حدون لتاڙي سموري جڳت کي جڻ پنهنجي سوز ۽ گداز واري پاڪر ۾ پيڪوڙيندي رهي ٿي..... جڻ خالص ۽ نج امرتا ۾ بدل آهي. ان اندر روسي سوچ ۽ لوچ جا جڻ سڀيئي جهرڪا يڪجا ٿي ڪري وحداني وهڪ ۾ وهندا ڏيکارجن ٿا: باخوسي موج، وينسي حسن، قديم ڏاهپ، الوهي رنگ ۽ لذت... ۽ ڌرتي ڏٽين جي عظمت لهجي ۽ اسلوب جي انفرادي نزاڪت ۽ نفاست ۽ لوڪ ادب جي راحت بخش خوشبو... ۽ آخر ۾ انسان جي تاريخ ساز انقلاب جو پڙاءُ هر گذرندڙ پل سندس مهانتا کي وڌيڪ معتبر ڪندو ابديت بخشيندو رهي ٿو.

سندس هيٺيان ٿي مختصر نظم ڪيڏا نہ دلڪش ۽ فکر انگيز آهن:

## زندگيءَ جو فريب

اگر زندگي توکي فريب ڏيندي رهي ٿي،
همٿ بلڪل نہ هار، ۽ نہ ئي ناراض ٿيءُ،



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

اگر ڏينهن سترا ناهن تہ بہ زماني سان گڏ گذار،
ڇو جو راحتن جو ڏڪ ۾ گس اهو ئي اٿيئي.

’حال‘ دل نهوڙيندڙ زمانو آهي،
ماڻهوءَ کي ’سُيان‘ جو ئي آسرو آهي،
سڀ ڪجهہ گذري ويندو، سڀ گهڙي پلڪ لاءِ آهي،
جيڪو پل گذري وڃي اهو روپو پل آهي.

## زندگي جي نماشام

نہ ڪالهوڪو ولولو آ، نہ محفل تي بهار آهي،
دل تي بوجهہ آهي، گذريل رات جو خمار آهي،
روح مٿان گذريل پلن جي غم جي ڇايا آهي،
سندر سندر، اجهل اجهل نشي جو وڌندڙ تاثير،
ڏڪ اٿائو آهي، پيڙا ۾ محنت جو عمل،
جڻ هڪ ڇلڪندڙ سمنڊ آ، مٿل آ ڇوڙس هلچل.

موت جي چاهت سان، جيئڻ جا ارمان آهن،
سوچ جي لوچ ۾، غم جا پڙاڏا ۾ عرفان آهن،
پنهنجي فڪر ۾، دنيا جا سور سهندي،
زندگي جو سواد آهي، لاٽ اوچي رکڻ ۾،
ڪڏهن آواز جي لهرن تي ملي ٿو دل کي سرور،
۽ ڪڏهن اوچتو لڙڪن جي جهالر ڇلڪي پوي ٿي بي خبر.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

خبر ناهي، ڪاش منهنجي عمر جي سرڪندڙ شام،
ڏئي وڃي عشق جو ڪو ڇلڪندڙ جام.

## انگور

اگر بهار جو جهيڙو توءِ گلن جو رنگ ڦڪو ڪري،
مونکي بهار جي مند سان شڪايت رهندي، ۽ نہ ئي گل جو غم،
ٽارين تي انگور جا ڇُڳا مايا ۽ دولاب لڳن ٿا،
جبل جي دامن ۾ جڻ ڇلڪندڙ جام لڳن ٿا.

سرءُ ۾ منهنجي وادي جو حسن واهہ واهہ آهي،
سرءُ جو سون ورنو روپ، ۽ سمورو دامن ڀرپور آهي،
انهن جا ڏگهيڙا داڻا... سهڻا نازڪ شفاف،
جيئن ڪنهن اُسرندڙ حسينہ جون آڱريون!

شيام ڪمار
ڪراچي.
25 مارچ 2012



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

باب پهريون

# ابتدا THE ORIGINS

روسي ادب بابت اڻويهين صديءَ جي بئي اڌ تائين، يورپ ۾ ڪنهن کي به ڪا ڄاڻ ڪونه هئي. يورپ ۽ آمريڪا منجهه، جڏهن ترجنيف، ٽالسٽاءِ، دوستووسڪي ۽ گوگول بابت ڄاڻ پهتي ته فرانس وارن ان کي ادب ۾ ڌماڪو چيو ۽ ٻين ان کي حيرانگي ڪوٺيو. حيرانگي ان ڪري جو روس تي ان وقت، انڌيرنگريءَ وارو ظلم ۽ بربريت جو راڄ هيو. اهي چوڻ لڳا ته اهو ليڪڪن جو لڏو ڪٿان اپريو جڏهن انهن جي اصل نسل جو ته پتو ڪونهي. اهو اوچتو اپار برابر حيران ڪندڙ هو. روسي قلمڪارن کي اصل به هيو ته نسل به، پر هيڏي ساري علائقي، يورپ، ايشيا اتر کان ڏکڻ، پيسيفڪ سمنڊ تائين، يورپ وارن سان روس جا لڳ لاڳاپا بلڪل نه هجڻ جي برابر هئا. اهو حال ارڙهين صديءَ تائين جاري هيو. اها ڄاڻ عام هئي ته ڏهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ پاسي روسي ادب موجود هيو ۽ ان سان گڏ روس جي شهر ڪيف 'Kiev ' منجهه عيسائيت جو نشو نماءُ جاري ٿيو هو. هي عقيدو پهريون دفعو مشرقي مذهب پرستي پاران داخل ٿيو ۽ اتان جي حاڪم شهزادن عوام تي تسلط قائم رکڻ خاطر، ان جي سرپرستي ڪئي. هي هڪ اهميت واري بنيادي ڳالهه هئي. ان جي آمد (Byzantium)کان ٿي، باقي سموري يورپ اندر روم واري ڪليسا جو دٻدٻو بازنطين هيو.

روس منجهه ڪليسا جو ڪاروبار يونان مان آندل مذهبي صحيفن ۽ پادرين معرفت شروع ڪيل هو. ڪجهه حصو قسطنطنيه



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

مان ۾ حاصل ڪيو ويو هو. اهو عرصو ڏهين ۽ يارهين صديءَ وارو چيو ويجي ٿو.

عام ماڻهن لاءِ تعليم ۽ سکيا، ’نئين عهد نامي‘ جي ورقن مان ۽ پادرين جي حياتين، حڪايتن ۽ نصيحتن کي بيان ڪري، انهن مثان عمل ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي ويندي هئي. هي عمل چوڏهين صديءَ تائين جاري رهندو آيو ۽ ماڻهن کي سيني به سيني اهي نصيحتون ۽ اخلاقيات جا سبق ياد ڪرايا ويندا هئا، جنهن کي اڳتي هلي لوڪ ادب جو نالو ڏئي محفوظ ڪيو ويو. ان جو عنوان لوڪ گيت Byliny رکيو ويو.

روس جي وچين دور وارو لوڪ ادب، نظم توڙي نثر، گهرو جنگين، منگولن جي قبضي ۽ قتل غارت (1240)، بابت هيو جن سان گڏ تاتاري به شامل هئا، اهو اٽڪل ٻه صديون يعنيٰ 1480ع تائين قائم رهيو جنهن جي نتيجي ۾ روس ۾ ظلم، ڏاڍ، عورتن جي غلامي ۽ ٻيا ظالماڻا عمل جاري رهيا جيڪي مغرب کان ٻه لڪائي رکيا ويا ۽ اهو دور روس جو اونداهون دور چيو ويجي ٿو.

پندرهين صديءَ جي شروعات ۾ روس جي شهر ماسڪو منجهه ڪجهه روشن خيال ماڻهو اچي مڙيا جن تاتارين کي پڇايو. قسطنطنيه تي ترڪن جو قبضو ٿيو ۽ اونداهين دور جو خاتمو ٿيو.

ماسڪو روس جو اهم مرڪز بڻيو علم، ادب، تعمير، ترقي ۽ روشن خياليءَ جو چوبول شروع ٿي ويو. اٽليءَ کان ڪاريگر گهرائي ڪريملن شهرجوڙايو ويو، روسي اسڪول آف پينٽنگس قائم ٿيو، ڪتابن کي سنواري ۽ سڌاري، سيڪيولر سوچن سان ٻيهر شايع ڪرايو ويو. سورهين صديءَ ۾ نئون سيڪيولر سياسي ادب جڙيو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

ائبتفلو تي نالي هڪ ليڪ، روسي قوم پرستيءَ جي نظرئي جو بنياد وڌو ۽ اهومشهور ڪيو ويو تہ هي نواڻ، خالق پاران موڪلي وئي آهي، جنهن جو مرڪز ماسڪو آهي ۽ هاڻي ماسڪو ٽيون روم آهي ۽ ان کان پوءِ وري چوٿون ڪونہ ايندو.

روس ۾ پهريون ڪتاب The Apostle جي عنوان سان سال 1564ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. انيڪ شهرن ۾ پريسيون قائم ڪيون ويون. نصيحتن جا ڪتاب، بزرگن جي حياتين جا احوال، اخلاق جا درس ۽ انهن جا تخليقڪار نڪري نروار ٿيڻ لڳا.

سال 1584ع منجهہ روس ۾ وري بدامني ۽ جهيڙو شروع ٿي ويو. پول ۽ سويڊ لوڪن (Poles & Swedes)ڪيترن شهرن تي حملا ڪيا ۽ روس هڪ دفعو وري پيچ ڊاهہ جي ور چڙهي ويو. ايتري ۾ وري قومپرست، هڏ ڏوکي ۽ سڄاڻ ماڻهو نڪري پيا ۽ سمورن مسئلن تي قابو پائي قومي اسيمبلي جوڙي ورتي ۽ ميخائيل رومانوف کي ملڪ جو حاڪم ۽ زار بڻايو ويو ۽ هڪ دفعو ٻيهر امن امان قائم ٿي ويو.

سترهين صديءَ منجهہ سٺي ڳالهہ اها ٿي تہ ڪارآمد ڪتابن جا ترجما ڪرايا ويا ۽ پراڻا ڪتاب ٻيهر شايع ٿيڻ لڳا. هن ٻيهر اصلاحي (Reformation) دور ۾ هڪ ٻي ڳالهہ اگري ٿي اڀري جو نوان ۽ پراڻا مذهبي اڳواڻ ٻن ڌرين ۾ ورهائجي ويا. پراڻا انتشاري مبلغ، ڪوڙا ۽ اقليت ۾ بدلجي ويا ۽ نون جي گهٽائيءَ هنن کي ڀڄڻ تي مجبور ڪيو. جن مرڪز ڇڏي وڃي ملڪ جا پاسا ورتا. اهڙي طرح سان هڪ دفعو ٻيهر ڪيف ' Kiev' ماسڪو کان پوءِ علم ۽ ڄاڻ جو مرڪز بڻيو ۽ خاص طور تي مذهبي ڄاڻ جو. ان سان گڏ پولنڊ جي معرفت علم ۽ ادب جي نواڻ، يوڪرين منجهہ وڌڻ ۽ ويجهڻ لڳي ۽



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سيڪيولر ادب عام ٿيڻ لڳو. ان جو مهندار لکاري سائمن پولوزڪي (80_1629) تي اپريو جيڪو پڙهيل پادري ( Monk) هيو. جنهن ديني تعليم سان گڏ نثر ۽ شاعريءَ تي قلم هلايو ڊراما, مزاح ۽ ٻين صنفن تي ٻه لکيو ويو ۽ تعليم يافتا طبقو وڌڻ لڳو جيڪو اعليٰ ادب ۽ چاهڻ جي واڌاري جو باعث بڻيو.

ماڻهن, عام چاهڻ جي پستڪن کي پسند جو ذريعو ڪوٺيو. اهڙي طرح سان لوڪ ادب جي هر عوامي سطح تي طبع آزمائي ٿيڻ لڳي. ان کان علاوه جنگي جوڌن جي ڪاميابين کي نظم توڙي نثر منجهه جوڙيو ويو. مشهور آکاڻيون ٻه نهي راس ٿيون ڪجهه عنوان هيٺين ريت هين: Juliana – Eruslan – The Prince Bova جن مٿان ايران ۽ اٽليءَ جو اثر هيو. اهي ارڙهين ۽ اٽوبهين صديءَ دوران گهڻيون ڇپيون ۽ ڏاڍيون وڪاميون.

لوڪ ادب جو خوب واهپو هليو جيڪو عام ماڻهن کي ڏاڍو پسند آيو جنهن ۾ عشق, پيار ۽ محبت جو ڪجهه جهجهو حصو هيو, جيڪو پڙهيل لکيل طبقي کي ڪجهه گهٽ پسند اچڻ لڳو.

انهن سمورن قصن, ڪهاڻين کان علاوه, بهادريءَ جا رومانس ۽ لڙايون, پهلوانن جي شجاعت ۽ ڪردار جي عظمت, عورتن جي وفاداري ۽ دلبري ۽ دلربائي جا ٻه قصا, نثر ۽ نظم ۾ ڏاڍو مقبول رهيا. انهيءَ قسم جي تحريرن مٿان ڏارئي ادب ۽ ٻوليءَ جو اثر ٻه نمايان نظر اچڻ لڳو. جنهن ڪري ان ڳالهه جي نشاندهي ٿيڻ لڳي ۽ گهڻي ڀاڱي اهو تسليم ڪيو ويو تہ روسي علم ۽ ادب يورپ جي علمي ۽ ادبي ڏارائن جو اثر قبول ڪندي اوترو ئي اسرندڙ ۽ اپرندڙ ڪري تسليم ڪيو ويو جيڪو يورپي ادب سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلڻ جي قابل ٿي ويو هو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

باب ٻيون

# پيٽر اعظم ۽ مغربي اثر

# PETER THE GREAT AND THE WESTERN INFLUENCE

## (1672-1725)

روس مٿان مغرب جو اثر ڊرامائي انداز ۾ پيٽر اعظم جي دور ۾ ٿيو. هن تيز ذهن زار روسي شهنشاهيت جوڙي، ان جي نئين گادي پيٽرسبرگ ٺهرائي، Neva نديءَ جي ڪناري بالٽڪ سمنڊ جي ويجهو زبردستيءَ سان روس کي مغربي تهذيب جي وهڪري منجهه ملايو هن کي شاباس هجي جو ترڪن ۽ سويڊن لوڪن سان مهاڏو اٽڪائي، ڪاميابيون ماڻيون ۽ اهڙي طرح سان پنهنجي ملڪ کي مغربي ملڪن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهاريو. هن پنهنجي حڪومت ۽ سماجي دنيا کي جنگي بنيادن هيٺ سيڪيولر بڻايو. هن جو مقصد بلڪل واضح هيو ته: بزينشن وارين، اڪيلائپ، ضديت وارين روايتن کان جدا ٿي ڪري، حڪومت جي هر قدم کي سيڪيولر ڪلچر ۾ بدلائڻ، ملڪ منجهان شاهوڪاري ڪلچر ۽ فوجي ٽولن جي دخل اندازي کي ٻنجو ڏيڻ ، ان عمل ۾ جنهن به سندس رستا روڪ ڪئي، ان کي موت جو مزو چکايو. پلي ان ۾ سندس پٽ Alexis ڇو نه هجي، ان کي به معاف نه ڪيائين. هن پنهنجي ايام ڪاريءَ ۾ هڪ طرف سڌارا آندا ته ٻئي طرف عوام مٿان به ڪافي بوجهه وڌائين.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

مغربي طرز حڪومت ٺاهڻ لاءِ پيٽر، اتان فن ۽ فنڪار سڏريل ڪلچر، زندگي جي آسائش لاءِ ضروري شيون، جرمن ڊانس، فرينچ شاعري ۽ اٽليءَ منجهان پينٽنگس، اهي سموريون شيون گهرائي ورتيون.

پيٽر جي سڌارن جو پهريون سبق هيو سائنس ۽ فنون لطيفہ کي ترقي وٺرائڻ ۽ پوءِ چرچ جي بي جا آپيشاهي کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ. روشن خيالي، آزاد اسڪولي ماحول، ترقي پسند سوچ، روشن خيال ادب، ان منصب حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي ملڪ جا نوجوان ۽ پڙهيل ماڻهو مغربي ادارن ڏانهن علم جي حاصلات لاءِ اماڻيا. ڪيترن ٽيڪنيڪل ڪتابن جا ترجما ڪرايا، ماهر انجنيئر ۽ ڊاڪٽر وري امپورٽ ڪيا. فلسفي ، سائنسدان، جيڪڏهن ڪنهن کي روڪيو ويو تہ اهي هيا ديني خلفشار اپارڻ وارا انڌا اونڌا ويچ ۽ پادري. هن ملڪ ۾ پهرين اخبار ڪڍي جنهن جو ايڊيٽر، پرنٽر ۽ چيف بہ پاڻ ئي رهيو.

پيٽر جا ان قسم جا سڌارا، فقط پڙهيل لکيل ماڻهن، آفيسر شاهي ۽ زميندارن جي اولاد ئي حاصل ڪيا. عوام کي سڌارڻ لاءِ هن ٻهراڙين جي ماڻهن جو ڏکيون ۽ بي ترتيب ڏاڙهيون ۽ وار ڪوڙايا. اهو عمل غريبن جي گهٽائيءَ سبب ڪامياب نہ ٿي سگهيو ۽ نتيجي ۾ بہ ڌڙا ٺهجي پيا، جن کي عام ۽ خاص ڪوٺيو ويو ۽ انهن منجهہ فاصلو وڌندو ويو. اهڙي طرح بہ واضح گروپ، پڙهيل لکيل، ثقافت جا رکوال ۽ هاري مزدور ۽ غريب طبقو الڳ الڳ وڌندا ويا. اهو سنگم اڳتي هلي 1917ع واري انقلاب اندر ڏسڻ ۾ آيو.

پيٽر اعظم جي سڌارن جو اثر 1725ع ۾ هن جي مرڻ کانپوءِ انهن جي نئين نسل کي مڪمل حاصل ٿيو. ان دور ۾ پنجن راڻين ۽ ٽن بادشاهن، خانداني ورثي هيٺ فوجين جي سازشن ۽ لاهن چاڙهن هيٺ پئي مزو ماڻيو. مغربي تهذيب جا اثر بہ جاري ۽ ساري رهندا آيا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin Ameer Adnan 00923337516944

باب ٽيون

# اٽويهين صديءَ جو آغاز

# EARLY NINETEENTH CENTURY

اٽويهين صديءَ جي شروعات ۾ روسي ادبي ڪيتر ۾ ڪلاسيڪل گيت ۽ ٽرئجڊي، ادبي افق تي ڇانيل رهيا. وقت جي ڏارا سان انهن جي اهميت ماٺي ٿيندي وئي ۽ آخرڪار انهن جي جاءِ ڏکن سان ٽمٽار داستانن، دلين جي دردن وارن نغمن، اکڙين منجهان واهڙ وهائيندڙ ڳوڙهن جي ڳالهين اچي والاري. شاعري ۽ نثر نگاري اندر رومانويت جي مهاڙ واري جذباتيات وڌڻ لڳي.

ان نئين ڏارا جو خالق نڪولاس ڪرمزن Nicholas Karamzin (1826_66)هيو. هن جي سهڻي سٽاءَ وارن گهڙيل ننڍن ناولن منجهه جيڪي ڏيکاوَ هئا اهي ڪجهه هن طرح جا هئا: نوجوان ناريون، ڪجهه ٻوليندڙ آبشارن جي ڪنارن تي ٿڌا ٿڌا ساهه ڪڍندي نظر ايندڙيون هيون، انهن جا اُداس عاشق وري ڦٽل قبرستانن منجهه وڻن جي ڇانورن هيٺان ويٺي دردِيلا گيت پيا آلاپيندا هئا. ڪرمزن جي ڪهاڻي His Poor Liza جيڪا پيار ۾ هٽيا جو قصو هئي هزارن پڙهندڙن کي ڏاڍو متاثر ڪيو هو.

ان ڪانپوءِ هن جا خط Letters of Russian Traveler هئا جن ۾ انقلاب فرانس جي جهلڪ ۽ يورپ وارن جا رد انقلاب وارا رايا قلم بند ٿيل هئا، جيڪي صديءَ جي وچ واري دور جا هئا ۽ لکاريءَ جي دل جي ترجماني ڪندڙ هئا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

هن جي انيڪ جلدن واري تاريخ جي سهيڙ ۾ سموهه:
History of the Russian state جيڪا سندس داخلي ڪوشش سان جڙي راس ٿي هئي اتان جي ماڻهن ۾ مسئلن بابت, قومي سجاڳيءَ جي اپار ۾ جاڳرتا لاءِ پيڙهي جي پٽر حيثيت رکي ٿي. هن جي اسٽائيل, نواڻ ۾ سلامت واري ٿورڙي احساس برتريءَ, نون جوڙيل لفظن ۾ ڪڏهن ڪڏهن فرانسيسي ٿنبيل لفظن سان سلهاڙيل اتان جي پڙهيل لکيل طبقي کي ڏاڍي پانءِ پئجي وئي هئي. ان ڪري ان اسٽائيل کي گهڻو ساراهيو ويو ۽ نئين دور لاءِ هن نئين تخليقي سگهه کي تسليم ڪيو ويو.

اتان جي روايت پرست ۽ ڪند ذهن ڪاتبن, ڪرمزن جي نواڻ کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪري سڪٽي مخالفت شروع ڪري ڇڏي. انهن جي ليڊر ششڪوف, جيڪو اڪيڊمي جو صدر ۽ تعليم جو وزير هو, اليگزينڊر پهرين جي دور ۾ نئين اسٽائيل کي پڙ نديو ۽ مخلوط اسٽائيل جي حمايت ڪئي جيڪا هن چواڻي Slavonic church جي مجيل هئي, نواڻ ۾ ٻوليءَ نج هجڻ جي ڪا ضرورت ناهي. هن جو چوڻ هو ته قوم پرستيءَ قدامت پرستي واري سياست پراڻي اسٽائيل سان سياسي عمل کي سنو ٽيڪو ڏئي سگهي ٿي ۽ ان ڪري نواڻ جي نالي وارن سيني رجحانن تي بندش وڌي وڃي.

ڪرمزن وارو اسڪول ڏينهون ڏينهن شهرت ماڻڻ لڳو باوجود سرڪاري مخالفتن جي. هن واري نازڪ مزاجي دردن جي داستانن ۾ وطن دوستي وارو رجحان, رومانوي رجحان ۾ بدلبو رهيو جيڪو هن جي شاگردن جهڙوڪ: زهوڪووسڪي Zhukovsky ۽ بتيشڪوف



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

Batyushkov جي تحريرن اندر اچا وڏيڪ مضبوط ٿيڻ لڳو. هنن پنهي پنهنجي حيثيت، روسي شاعريءَ اندر وڏائي چڏي هئي.

وسلي زهوڪووسڪي (1781_1855) Vasily Zhukovsky رومانوي رجحان وارو روسي لکاري، اڻ ٿڪ مترجم ٿي اڀريو جنهن پنهنجي شاعري سان گڏوگڏ انگريزي ٻولي جي شاعرن جهڙوڪ: بائرن، اسڪاٽ، سائوٿي، اوسئيان ۽ جرمني جي شاعرن: گوئٽي، شيلر ۽ ٻين ننڍن رومانٽڪ شاعرن جا ترجما ڪري روسي شاعريءَ جا گهڙا ڀريا.

نقادن جي پوئين گروهه هن جي شاعريءَ کي خيالي ۽ مبهم دونهانٽيل ڪوٺيو پر سندس همعصرن سني ساراهه ڪئي ۽ هن جي شاعريءَ کي جادو ئي سرهاڻ ڪوني سهٽي موٽ ڏني ۽ اهڙي طرح هي سموري نئين ٿهيءَ تي اثر انداز رهيو. پشڪن چواٽيءَ: هن جي شاعريءَ جا ڪجهه حصا دائمي داستان جي حيثيت رکن ٿا جيڪي مخالف ۽ متعصب صديءَ منجهه به نمايان ۽ نروار رهندا آيا.

زهوڪووسڪي، روسي ادب لاءِ انگريزي ۽ جرمن رومانٽيسزم کي آڻڻ ۽ وڌائڻ لاءِ جاکوڙي ثابت ٿيو ته ڪانسٽينٽين بتشڪوف Konstantin Batyashkov (1781_1855) وري يوناني آزاد خيالي (Hellenic Paganism) جي روايتن ۽ معيارن کي متعارف ڪرايو. هن جي شاعري خوشين ۽ درديلن داستانن جو سنگم هئي، جيڪا ذهني طور تي محسوس ڪندي لطف اندوز ٿيڻ جنهن سان گڏ هيڏي ساري جيئري جهان منجهه اڪيلائپ ۽ انساني حسن جي موٽ، ذهني پيڙا پيدا ڪندڙ هئي. اهڙي قسم جي پيڙا ۽ اندروني ٽڪراءَ هن اورچ انسان کي هٽي ديوانو بڻائي ڇڏيو. هن قسم جا شديد ۽ زوردار اثر، سندس ساٿي هم اثر زهوڪووسڪي جي مانيٽي سياءَ ۽ مايوسين



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

طرف مائل شاعريءَ کي ٽيڪو ڏيندا رهيا. ٻنهي جي نئين اسٽائيل هئي، ٻئي ساڳي ادبي تحريڪ سان شامل رهيا. حالانڪ سندن سوچ ۽ طبيعت الڳ الڳ هئي.

ڪرمزن، زهوڪووسڪي ۽ بتشڪوف ۽ سندن شاگردن جي پڙهندڙن جو طبقو ٿورو گهٽ هيو. سال1800 دوران ٽن کان پنجن هزارن تائين سندن تصنيفون ڇپجنديون رهيون جيڪي اڳتي هلي وڌيون پر رفتار آهستہ هئي .

داستان گوئي Fables ان دور جي مقبول صنف ٿي اڀري، آئون ڪريلوف Ivan Krylov (1769_1844) ان وقت ۾ وڏو داستان گو سگهڙ ٿي اڀري آيو جنهن جي شاعري چند سالن اندر يعنيٰ 1812ع کان ٿورو اڳ 75000 ڪاپين جي صورت ۾ ڇپيا ويا. ڪريلوف جي داستان گوئي سندس ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ منجهہ پکڙجي وئي ۽ هو لکن جي تعداد اندر پنهنجي فن ۽ داستان گوئي معرفت پهچي ويو. ڏيهي ۽ پرڏيهي عنوان، سياٽپ جا گفتا، پکين ۽ جانورن جا مختلف انداز ۽ عادتون ۽ خصلتون هن جي داستانن جا موضوع هئا. هن جي طبعيت ۾ مزاح هيو. ارڙهين صديءَ ۾ ان ۾ موجود طنز پڻ وٽندڙ ۽ اڻ ايذائيندڙ پهاڪن منجهہ هئي جيڪا نصيحت جي نُڪتن سان ڀرپور هئي. اهڙي طرح سان پوري صديءَ تي هن جي ڇاپ قائم ٿي ۽ هي غريبن جو همدرد ۽ عوامي شاعر مشهور ٿيو ۽ کيس ڪلاسيڪي رتبو پڻ مليو. حالانڪ ان وقت ادب اڃا شهزادن ۽ اميرن جي بيٺڪن جي زينت بڻيل هيو.

هڪ طرف فن جي پوڄارين، قدامت پسندن ۽ نواڻ جي طرف وڻي ويندڙن وچ ۾ ٽڪراءُ، صديءَ جي پهرين چوٿائي ۾ رهيو تہ ٻئي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

طرف سياسي ڪرُ ڪنيو. هي راڻي ڪيٿرائين جي آخري دور جا زلزلي ڏينهن هئا. هن جو پٽ حاڪم بڻجي وچ ۾ ٽپي پيو(Paul I)جيڪو 1801 ۾ قتل ڪيو ويو). ان دوران Alexander I تاج جو مالڪ بڻجي ويو پر گهڻو عرصو هلي ڪونه سگهيو ايتري ۾ CZAR گادي نشين ٿيو ، انسانيت جو رکپال بڻجي نمودار ٿيو. انهن ئي ڏينهن يعني 1812 ڌاران، نيپولين، روس تي حملو ڪيو. قومي آزاديءَ لاءِ جنگ ڇڙي وئي ۽ قوم پرستيءَ واري رجحان تحت روسي فوجن ڪاميابي حاصل ڪري وڏي شهرت ماڻي. 1815ع دوران واٽرلو ۽ ويانا ڪانگريس منجهه، روس، پوسٽ نيپولين دور اندر ڪامياب ٿي ايري آيو پر اندروني سازشن، روسي فوج کي ڪمزور بڻائي وڌو، قومي سجاڳي، تعليم جي واڌاري، معاشي معاملن، قومي ملڪيت، پڙهيل لکيل طبقي کي سگهه بخشي ۽ اهي حڪومتي ڪاروهنوار ۾ ڪاهي پيا. جيئن جيئن تعليم يافتا طبقو وڌڻ لڳو تيئن تيئن ثقافتي اهڃاڻ، ادبي اپار، ميوزڪ ۽ قومي سجاڳي، مرڪز ڪان وڏي صوبن تائين پکڙجي وئي. ان طرح سان مرڪزمائل قوتن، سرمائيدارن، آفسر شاهي، هڪ طرف تہ تعليم يافتا ۽ ترقي پسندن جو گروپ ٻئي طرف اهي ٻئي آمهون سامهون ٿي ويا. نوجوان طبقو جيڪو قومي جنگ ۾ شامل ٿي جرمني، آسٽريا ۽ فرانس منجهان گهڻو ڪجهه حاصل ڪري ۽ چڱي تعداد ۾ وطن وريو هو تہ انهن جي ذهنن ۾ آزادي، ترقي پسندي ۽ قوم پرستي ۽ ان سان گڏ انقلاب فرانس جا اثرات سيني منجهه سمايل هئا. انهن آزاديءَ کي برابريءَ جي بنياد تي پنهنجي ملڪ اندر ڏسڻ پئي چاهيو تنهن ڪري اهي سڀ سماجي، سياسي ۽ ادبي ميدان ۾ سندرو ٻڌي لهي پيا. اهي روس اندر پسماندگي بابت دل کولي ڳالهائڻ لڳا ۽



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سڌارن Reforms جا بنا فيءَ وارا وڪيل بڻجي ڪاهي پيا. انهن جي قابض وڏن ڪلاڙين ۽ نوجوان، ترقي پسند نسل جي نمائندن هڪ ٻئي آڏو ذهني زباني ۽ هٿيار بند جدوجهد جو اعلان ڪري ڇڏيو.

ايتري ۾ هڪ ليکڪ: اليگزينڊر گريبوئيڊوف Alexander Griboyedov (1795_1829) ميدان تي لٿو ۽ هڪ مزاحيه ڊرامي جو هٿيار کڻي: الله ڏاهي مَ ٿيان ( The folly of being wise) اچي پڙ تي لٿو. قصو هن طرح آهي: هڪ نوجوان چيٽسڪي خوشحال گهراڻي جو فرد، گهڻو عرصو ملڪ کان ٻاهر رهڻ بعد ماسڪو ۾ اچي ٿو ڪنهن ڇوڪريءَ جو سنگ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪا هن جي تصوراتي دنيا يعنيٰ پراڻين روايتن مصنوعي سماجي ٺٺ ٺانگر واري قبيلي منجهان هجي. ڇوڪريءَ جو پيءُ فيموصوف جيڪو پنهنجي حيثيت سان رهندڙ آهي ۽ فقط دوستن کي دعوتون ڪرائڻ ۽ دوستن بابت وڏا احوال ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو شوقين آهي. هن جو سيڪريٽري مولچلن Molchalin ها ۾ ها ملائڻ وارو مفاد پرست، خوشامدي، نه فقط مالڪن آڏو پر مالڪن جي ڪتن آڏو به پڇ لوڏائيندو وتي. فيموصوف جو ويجهو دوست ڪرنل اسڪيلوزب Colonel Skalozub (هي ڪردار هڪ جنرل جو آهي جيڪو زار جو خاص ماڻهو هو) هڪ پراڻو سپاهي آهي، جيڪو ان اصول تي قائم آهي ته هر برائيءَ جي پاڙ ڪتابن منجهه هوندي آهي، هو سفارش ڪري ٿو ته سمورا ڪتاب ساڙيا وڃن ۽ نوجوان نسل کي پڙهائڻ لاءِ والٽيئر بدران لاش لٽڪايا وڃن. هن مزاحيه ڊرامي ۾ گريبوئيڊوف، لاشن جي گئلري ٺاهي آهي، جنهن ۾ لاش محفوظ ڪري لٽڪايا ويا آهن جيڪي ڪجهه وڏا عمر رسيده ماڻهن جا لاش آهن، ڪي لالچي نفعي خورن جا، مٿي خالي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

محبوبائن جا ۽ ڪمينن ڪارندن جا. چيتسڪي اهي لاش ڏسي چرڪي ۽ سن ٿي ٿو وڃي. انهن خوفناڪ لاشن کي ڏسي پيار تان ٻه هٿ ئي کڻي ڇڏي ملڪ کان ڀڄي ٿو وڃي ۽ اهو ئي پنهنجي پراڻي رولاڪ زندگي ڏانهن جهنگ منهن ٿو ڪري. ڊرامو حالانڪ شاعر جو لکيل آهي جيڪو رومانوي شاعر آهي، پر الله ڏاهي مَ ٿيان، هڪ اهڙو سچائي تي مبني قصو آهي جيڪو روس جي حالتن، اتان جي ماڻهن جي مسئلن ۽ روين تي ڀرپور روشني وجهي ٿو. ان ۾ ڪردار ٻه عام ماڻهن منجهان چونڊيل ٿا لڳن.

هن ڊرامي تي يڪدم بندش لڳائي وئي، پر ڪتابي صورت ۾ سوين ماڻهن پڙهيو. ايتري ۾ اهي نوجوان جيڪي پڙهيل لکيل ۽ ٻاهران واپس وريا هئا، انهن لڪل سوسائٽيون جوڙيون ۽ انڊرگرائونڊ تياري ڪرڻ لڳا، ان حڪومت کي هٽائڻ لاءِ اهي ويچارا، روس جي تاريخ کي بدلائڻ ۾ ناڪام ويا. الگزينڊر I جي موت واري ڏينهن جتي Czar نڪولاس I . جي تاجپوشي ٿيڻ واري هئي، انقلابي اڳواڻن فوجي بغاوت ڪري ڇڏي پر ان بغاوت کي دٻايو ويو. ڏاڍي رت جي هولي کيڏي وئي. انقلابي اڳواڻن منجهان پنجن کي ڦاهي ڏني وئي، سوين گرفتار ڪري جيلن ۾ واڙيا ويا ۽ سوين سائبيريا جي برفاني عقوبت خانن ڏانهن اماڻيا ويا.

ڊسمبر وارا انقلابي (چاڪاڻ ته اهو وڳوڙ 14 ڊسمبر 1825ع تي ٿيو هو تنهن ڪري ان تي اهو نالو پيو) ماٺ ڪري ڪونه ويٺا ۽ انڊر گرائونڊ تحريڪ، تعليم يافتا سماج ۽ تنزل پسند سرڪاري ڪارندن منجهه پوري صديءَ تائين جاري رهي ۽ جيڪي شهيد ٿيا اهي آزاديءَ جا شهيد بڻجي ويا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin Ameer Adnan 00923337516944

اهي منظر روس جي اينڊڙ دور جي عڪاسي ڪرڻ لڳا. اتان جو مٿاهون طبقو مغرب پرست بڻجڻ لڳو ۽ اهڙي طرح انهن جي آواز کي تقويت ۽ تخليقي سگهہ حاصل ٿيڻ لڳي.

ان سگهاري آواز کي جنهن نئين سگهہ ڏني، اهو هو الگزينڊر پشڪن(Alexander Pushkin)هن روسي سماج جي روحاني ۽ فنڪاراڻي عظمت کي پنهنجي تحريرن جي زينت بڻايو. ماضيءَ جي حاصلات جي معنيٰ ۽ مفهوم ڪلي طرح سمجهايو ۽ اڳتي هلڻ جو ڏس ۽ گس (Road Map) ڏنو ۽ اهڙي طرح سان هو بي پناهہ قوت ۽ شجاعت وارو قومي شاعر ٿي ابڀريو ۽ ثابت ڪري پڻ ڏيکاريو.

The folk lore represented the main body of Russian Literature in the Middle Ages....

By the thirteenth century, Russian poetry had reached a high level of achievement and could be compared with its European Counterparts



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

باب چوٿون

# اليگزينڊر پشڪن

# ALEXANDER PUSHKIN

(1799-1836)

اليگزينڊر پشڪن، 1799ع ۾ ماسڪو منجهه ڄائو. هن جي فيملي زميندار طبقي مان هئي. هن جو والد، خوشحال ۽ دولت مند گهراڻي مان هو جنهن جو گهراڻو ٻارهين صديءَ کان وٺي روس جي تاريخ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو ٿي آيو. هن جي والده ائبيسينيا جي شهزادي هئنيبال جي پوٽي ڏاڏي حسين هئي - آفريڪي خون جي ميلاپ سبب هن جي طبيعت ۾ ماٺار، شائستگي ۽ مردانگي نمايان هئي. ان وقت جي بادشاهي ٻارن جيان هن جي تربيت ٿي ۽ تعليم بہ فرانس جي استادن وٽ حاصل ڪيائين. اهو ئي سبب هو جو هن فرينچ پهريان سکي ۽ روسي بعد ۾. اهڙي طرح هن جي پهرين شاعري بہ فرينچ ٻوليءَ ۾ هئي. مغربي ماحول هيٺ هن لوڪ ادب ۽ پرين جون ڪهاڻيون پنهنجي نرس کان ٻڌيون ۽ روسي زبان بہ سکي. موٽ ۾ ان نرس کي هن پنهنجي شاعريءَ ۾ هميشہ زندهہ ڪري ڇڏيو.

ٻارهن سالن جي عمر ۾ ٻين ٽيهن بادشاهي ٻارن سان ان وقت جي شاهاڻي ٻارن جي اسڪول Czar's Hamlet ۾ داخل ٿيو. (بعد ۾ ان اسڪول جو نالو مٽائي پشڪن جو اسڪول، (انقلاب 1917 کان پوءِ) رکيو ويو هو. اهو اسڪول شهنشاهہ، شاهاڻي گهراڻي جي ٻارن جي تعليم لاءِ کولرايو هو جنهن ۾ وڏن انتظامي عهدن جي لاءِ انهن ٻارن کي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

تربيت ۽ تعليم ڏني ويندي هئي. پشڪن، اتي، ادب، تاريخ، قديم ۽ جديد ٻولين ۽ فلسفي جي شعبن منجهه مهارت حاصل ڪئي. هن جا استاد، هن کي هوشيار، ذهين، نرم دل ۽ تيز طبيعت، باصلاحيت ۽ ڪنهن حد تائين، بي پرواهه چوندا ها. اتي جي تعليم اعليٰ ۽ لبرل هئي. سال 1815ع دوران هن شاعري به ڪئي، استادن کي ۽ ڪجهه وڏن ليکڪن کي پسند آئي. (اها والتيئر کان متاثر ٿيل هئي). 1817ع ۾ گريجوئيشن کان پوءِ پشڪن کي فارين آفيس ۾ ملازمت ڏني وئي، جتي هو فقط پگهار وٺڻ ويندو هو. هو گهڻو وقت آزاد، ٻوٽن، شهرن جي عياشي جي اڏن تي باخوس *۽ وينس** جي خدمت ۽ خراج پيش ڪرڻ ۾ گذارڻ لڳو. هو جوشيلو پيار جي پيچرن تي گامزن، مقابلا، ٿونشي بازي ۽ پتي بازيءَ منجهه به مهارت سان حصو وٺندو رهيو. پر هن جي عياشيءَ واري علت، هن کان ادبي رجحان کسي نه سگهي. هن ڪيترا مزاحيه بيت (Madrigals) گهڙيا.

هن کي شاهي ڪلبن ۽ ڪچهري جي ڪونڙن ۾ خوب چاتو سڃاتو ويندو هو. هن ترقي پسند دوستن ۽ رومانوي ساٿين جو ڀرپور نموني ساٿ ڏنو. هن جا گهڻا دوست، ورڪر ڪلاس جا هئا، جيڪي ٻڃهي طرح تحريڪ جا ساٿي به هئا، تنهن ڪري هن جي شاعريءَ ۾ طنز زميندارن مٿان ڇَهل ۽ حڪومت جي هڪ هٽيءَ خلاف بغاوت جي بوءِ اچڻ لڳي. اهو ئي سبب هو پشڪن جي تنزل جو. اختياري وارن جي حڪم هيٺ هن کي شهر بدر ڪري، روس جي اولهه طرف نيڪالي ڏني وئي. ڇهن سالن جي نيڪالي واري عرصي دوران هن شاعريءَ سان گڏ سنجيده ادب جو مطالعو به جاري رکيو. ان دوران هن شاعريءَ سان گڏ،

* باخوس : Baccus : ناچ گاني جو ديوتا (يوناني ڏند ڪٿائن ۾)



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

منظوم ڪهاڻيون بہ گهڙيون. هن سريلن گيتن جا ڪيترا ٽڪرا جوڙيا. پشڪن، جي فن ۽ فڪر ۾ هن دور منجهہ مهارت ۽ پختگي اچي چڪي هئي. ان جي باوجود هن جا عاشقيءَ وارا لاڙا، پيار جا جهيڙا، وڏن سان مهاڏو ۽ مقابلا بہ جاري رهيا ۽ اهي ڪجهہ وڌڻ لڳا. آخرڪار سرڪار هن کي پنهنجي فيملي اسٽيٽ ڏانهن زوريءَ روانو ڪيو جيڪا Pskov شهر ۽ اتر صوبي ۾ هئي. غير اعلاني طور هن کي پنهنجي گهر ۾ گرفتاري وارو حڪم ڏنو ويو. اتي هن کي اڪيلائي ۾ گذارڻو پيو فقط نرس بہ ئي ڳوٺائي ملڻ وارا هئس. ان دوران هن وڏو تخليقي ڪم ڪري ڏيکاريو.

اهو ڊسمبر 1825ع وارو زمانو هو جنهن ۾ ڊسمبر وارن نوجوانن جي تحريڪ جاري هئي، هن جي اڳواٽ گهر گرفتاري، کيس جيل وڃڻ کان بچائي وڌو. پشڪن چند بااثر دوستن معرفت بادشاهہ نڪولس ون، جي ڪنن تائين پنهنجي ادبي واڪاڻ پهچرائي. زار بادشاهہ کي هن جي اها ادا پسند آئي ۽ هن کي ملاقات جو وقت ڏنائين. زار بادشاهہ هن تي هلڪو هٿ رکندي، کيس ماسڪو ۽ پيٽرسبرگ ۾ رهڻ جي اجازت ڏني. 1826ع ڌاران پشڪن پنهنجي وڃايل حيثيت ڇهن سالن جي نيڪاليءَ بعد آخرڪار وري حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو. هو سڌو ادبي ڌارا ۾ داخل ٿي ويو. مشهور ليکڪن سان تعلق ٿي ويس. بندش، سينسر ۽ پوليس ڪاروايون هونديون، پشڪن ادبي دنيا ۾ مشهور ٿيڻ لڳو. 1930ع ۾ هن جي شاعريءَ جامجموعا، نثر نگاري، مختلف رسالن جي زينت بڻيا ۽ هو رسالي جو ايڊيٽر بڻيو ۽ ادبي دوستن جي ادبي ڌارا کي جوڙڻ ۾ هن وڏو ڪم ڪيو. هن جي سماجي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin- Ameer Adnan 00923337516944

دنيا ۾ اڄا اوتري ئي مشهور هئي، هاڻي، هي سمجهدار هجڻ ڪري،معشوقن خاطر مقابلن کان تنگ ٿي پاسو ڪرڻ لڳو ۽ هڪ جاءِ ويهي سڪون جي تلاش ڪرڻ لڳو. 1830ع ۾، هن شهر جي مشهور حسينا نتلي گنچرووا، جيڪا اپر ڪلاس جي وينس بڻيل هئي، ان سان شادي رچايائين. سڪون حاصل ڪرڻ سبب هن جي تخليقي سگهه ۾ به اضافو آيو. هن جي ڪهاڻين، نثر، تاريخ، شاعري، وغيره منجهه به گهڻو تخليقي ڪم ڪري روسي ادب ۾ ڪافي واڌارو ڪيو. ايتري ۾ هن جا معاشي مسئلا اڀري پيا. پراڻن حريفن هن سان ڳجهي دشمني جاري رکي، هن جي زال جا نوان پراڻا عاشق وري اڄي ميدان تي لٿا. دربار ۾ هن جي حسن جي تعريف عروج تي پهچي وئي. نيٺ زار تائين اها حسن جي هاڪ پهتي. عاشقن گمنام خط لکيا، هن جي زال جي چرچن بابت ۽ هن کي زن مريد جي ٽائيٽل ڏني وئي. آخر هڪ ڏينهن زال جي عاشق، بيرن ائنٽيز ۽ پشڪن وچي ڏُکن ۾ هٿ وڌا، نتيجي ۾ پشڪن سخت زخمي ٿي پيو. ٻن ڏينهن کانپوءِ هُو سٺتيهن سالن جي عمر ۾ زخمن جي شدت کان گذاري ويو.

روس جي درسي ڪتابن کي ڏسڻ کانپوءِ اهو چئي سگهجي ٿو ته ارڙهين صديءَ جو ادبي ڏارائون اڃي پشڪن وٽ گڏجن ٿيون. وري اڻويهين صديءَ جي ادبي ڏارائن جا واهڙ جيڪي تمام جهجهي مقدار ۾ آهن، انهن لاءِ اهو چوڻ ۾ حق بجانب آهيون ته اهي سمورا وهڪرا، پشڪن جي علم منجهان ٿي وهي نڪرن ٿا. پشڪن جي شاعري هجي يا ثقافتي لاڙو، انهن ٻنهي ۾ هُو يگانو ٿو لڳي، هڪ طرف روسي علم ادب ۾ ته ٻئي طرف دنيائي ادب۾ پڻ هو ايترو ئي عظيم آهي. هن هر صنف جي پاند ۾ گهڻو ڪجهه وڌو آهي ۽ ان کي اڳتي پڻ وڌايو ٿو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

ڏسجي. هو سريلن گيتن ۽ ڊرامن جو ماهر، ناولن منجهه ترنم واري ٻولي، تاريخي داستان ان کان پلا، تنقيدي مضمون، ننڍي ڪهاڻي، تحقيقي تخليق، لوڪ ادب ۾ پرين جون پچارون، سياسي سوچون پيار پريا گيت. اهڙي ڪابه ادبي صنف ناهي جنهن ۾ هن اعليٰ حاصلات جا ماڊل نه گهڙيا هجن.

پشڪن جا طويل نظم، ڊرامائي ڏيک ۽ نثر نگاري، روسي ادب، عنوان، پيٽر جي سڌارن جي اهميت، پيٽرسبرگ شهنشاهيت جي قسمت، روسي تاريخ ۾ طاقت ۽ بغاوت جو ڪردار، مغربي سماج ۽ قومي روايتن سان ٽمتار عوامي فرد ۽ حڪومت منجهه حاصلات ۽ اميدن خاطر ٽڪراءُ، متي خالي ۽ مٿاچرن ماڻهن جا مسئلا، انساني فطرت جا مونجهارا، تخريبي عمل ۽حسن شناسيءَ وارا جذبا، سڌي سادي انسان جي، باغي ذهن مٿان اخلاقي عظمت. مٿيان عنوان ۽ ڪجهه اجا به بيامعاملا، اسان کي پشڪن جي تخليقي ڪاوشن منجهه بي شمار نظر اچن ٿا. اهڙا عظيم ڪارناما، روسي زبان ۾ هجڻ ڪري، ٻاهرين دنيا وارن وٽ پهچي ڪونه ٿا سگهن، ترجمان به ان روح کان خالي هوندا آهن. اهڙو ڪو بيو جينئس ئي ٻنهي ٻولين جو ماهر ئي پشڪن جي تحريرن کي ٻولي ۽ فلسفي سميت ترجمو ڪري انهن جي عظمت اجاگر ڪري سگهي ٿو.

هن وقت مغرب ۾ جيڪي ترجمان پهتل آهن تن کي پشڪن جي مذهبي اعتقاد واري شاعري ڪري سمجهيو وڃي ٿو. پشڪن پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجي حياتيءَ جي ڏکين ڏينهن جو ذڪر ڪيو آهي. هن کي ٻين ماڻهن جي مسئلن ۽ حالتن جي گهٽ ڄاڻ آهي. هن چيو آهي خوشي ناممڪن آهي، آزادي ۽ سڪون اهڙيون نعمتون آهن



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

جيڪي عام ماڻهو ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ پر اميد رهڻ گهرجي.

پشڪن ، هڪ فرد ۽ شاعر جي حيثيت ۾ انسان دوستيءَ واري، يونان جي ادبي ڏارائن سجاڳي ۽ نئين جاڳرتا (Renaissance and enlightenment) جي گهڻو ويجهو رهيو آهي. هو پنهنجي محبوب عظيم پيٽر جيان، بنيادي طور تي سيڪيولر هو ۽ هن جي شاعريءَ ۾ مذهبي خيال ورلي ڪو ليندو. هن جو روحاني لاڙو هميشہ پادريءَ ۽ ان جي ڏسيل نسخن جي خلاف رهيو آهي، پشڪن گهٽي پاڱي دهريت جو حامي رهيو آهي. بنسبت عيسائيت جي، عملي گهڻو انڌي تقليد ڪان پري، ۽ هن جي هر تخليق روسي مذهب ۽ پادريءَ وارين روايتن کان گهڻو پري آهي. فلسفي جي روشنيءَ ۾ هو مثبت ۽ حساسيت جو قائل آهي. هو پنهنجي حياتي ۾ ۽ ادبي لحاظ کان مصنوعيت، منافقيءَ ۽ هلڪڙائپ جو سخت دشمن رهيو آهي.

**پشڪن تحريرن جي روشنيءَ ۾ :**

پشڪن جي پهرين طويل نظم Ruslan and Liudmila ڪوٺيو ويو. Mock Heroic Epic ڪوٺيو ويو. 1820ع ۾ شايع ٿي جنهن کي نوجوان شاعر جي فني اڏام، قدامت پرستن کي ٿانڊا ڏئي ڇڏيا. هي اهو وقت هو جڏهن قدامت پرستن ۽ رومانوي ڏارائن جي جيالن وچ ۾ سخت جنگ هلي رهي هئي، هر ڪو پنهنجي مورچي ۾ رسالن جي ڪلهن تي بندوقون رکي ڌماڪا ڪرائي رهيو هو. ان دور ۾ پشڪن جي اسٽائيل، نواڻ،لوڪ ادب جي سرهاڻ سان سلهاڙيل شاعريءَ، پراڻن پاپين جو توبون، هيٺ ڪرائي ڇڏيون ۽ ڪاتبن ۽ منصفن ۽ نواٽواري تحريڪ وارن کي جنگ کي ڪامياب قرار ڏئي ڇڏيو اهڙي طرح هي ڪاميابي وارو نظم ادبي ڏارا ۾ وڏي تبديلي جو اهڃاڻ بڻجي وئي ۽



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پشڪن کي پنهنجي استاد پنهنجو پورٽريٽ انعام طور موڪليو، جنهن جو عنوان هن طرح هيو:

To the victorious disciple from the vanquished master (from: zhokorvsky)

پشڪن جو ٻيو نظم:

Fountain of Bakhchisarai جنهن جو مهاڳ رومانوي تحريڪ جي اهم حمايتي اڳواڻ Viazemsky لکيو هو. جنهن کي نئين ڏڙي جو پڌرنامو Manifesto ڪوٺيو ويو. انهن کان علاوه ٻيون ننڍيون وڏيون شاعريءَ جون ڪاوشون ميدان ۾ اچڻ ڪري پشڪن کي نوجوانن جي تحريڪ جو منهندار بڻايو ويو. هن گروپ جو عزم هيو ته شاعريءَ کي روايتي ادبي قيد و بند کان ٻاهر ڪڍي ڏرتيءَ تي لاٿو وڃي، جيڪا عام زندگيءَ سان شامل هجي، قانوني ڪڙن کان آجي هجي ۽ شاعر کي آزادي ۾ حسن شناسيءَ بيان ڪرڻ جي بندش نه هجي.

مٿيون پڌرنامو سامهون رکي شاعر نئين ڪويتا ڪهاڻي گهڙي: Eugene Oneghin جنهن کي مڪمل ڪرڻ ۾ هن کي اٺ سال لڳا، (31_1823). هڪ طويل بيانيا نظم، انگريزي شاعر بائرن کان ، ڪجهه متاثر ٿي جوڙي وئي ۽ ڪجهه وري والتيئر کان به اثر ورتو جيڪا مذهبي، پراڻن خيالن ۽ وهمن جيخلاف هئي جنهن ۾ نواڻ، ترنم، سچائي تي مبني قياس آرائيون ۽ سچيون صورتون اڪريل هيون.

مٿي ذڪر ڪيل نظم جو هيرو يوجين، يورپ ۾ پڙهيل، اتي جي تازي مغربي هوا ۾ منجهي پيو آهي ته هتي وقت ڪيئن گذاري. آخر پيٽرسبرگ ۾ ڪلبن ۾ رلندي نيٺ دور درازعلائقن ۾ وڃي ٿو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin- Ameer Adnan 00923337516944

نڪري.جتي هن جي ملاقات هڪ سڌي سادي خوبصورت حسينا Titiana سان ٿئي ٿي، جيڪا هن هرجائي، هنيلي نوجوان تي عاشق ٿي پوي ٿي. هن جي سچائي، سادگي، نوجوان کي ڪونہ ٿي وڻي ۽ هو وري هن جي نندي پيڙ کي پاسو ڏئي. جنهن کي پنهنجو پرين اڳ ۾ ئي آهي جيڪو رومانوي شاعر آهي. ان عاشق شاعر، لينسڪيءَ کي جڏهن اهاخبر ٿي پوي ٿي تہ ساڙ ۾ هن جو متو گرم ٿي ٿو وڃي نيٺ قديم روايتي عاشقن جيان طاقت آزمائي لاءِ ڏُڪا ڪجي ٿا وڃن ۽ شاعر ويچارو اجل جو پيالو ٿو پي وڃي. ماضيءَ کان وڏيڪ مايوس ٿي هو وري سيلاني بڻجي ٿو وڃي پر خوشي هن کي ڪٿي بہ حاصل ڪونہ ٿي ٿئي. ڪجھ سالن کانپوءِ هن کي وري ٽاٽيانہ ٿي ملي، جيڪا ان وقت هڪ جنرل جي زال آهي ۽ وڏي نٽ نانگر ۽ شهرت جي مالڪياڻي آهي. هي جيئن تہ نٽ نانگر جو پياسي هو ان ڪري ٽاٽيانہ تي ڇار ٿو اڇلائي پر جيڪا ڪرٽي سا پرٽيءَ کيس نيچو نوٽو پوي ٿو. هن جي دنيا ئي ويران ٿي وڃي ۽ وري اهوئي بوڇڻ ڪلهي تي همراھ اهو ئي سيلاني.

هر قسم جا واقعا آخرڪار اچي يوجين اونيجن جي روپ ۾ جڙن ٿا، جنهن کي روس جو پهريون ناول قومي اهميت جو شاهڪار ۽ عظيم شاعريءَ جو منهندار ناول ڪري مڃيو ٿو وڃي. روسي زندگيءَ جي مڪمل جهلڪ، هر قسم جا ڪردار، يوجين ان جو هيرو، جيڪو لنډن ۽ پيرس کان تہ واقف پر پنهنجي ديس ۽ ديس وارن کان دور. هن متاچري ذهنيت واري ماڻهوءَ کي Useless ڪري ڪوٺيو ٿو وڃي جيڪو انقلاب کان اڳ واري روسي جنتا جو هيرو آهي. ٽاٽيانہ، پنهنجي ديس جي ڏياڻي ۽ روسي روايت جي رکوال ثابت ٿئي ٿي، جنهن جو نتيجو يا ڪلائيميڪس، اهو تہ سچائي، سنو اهڃاڻ آهي ۽



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin Ameer Adnan 00923337516944

مصنوعي مغربي ٺٽ ٺاٺگر ناڪام ڪوشش آهي. اهو ئي سبب آ جو هن ناول کي روس جو پهريون سچائي تي مبني نظماڻي نثر هيٺ ناول تسليم ڪيو ويجي ٿو.

پشڪن مٿان، 1980ع دوران دوستو وسڪي، ڳالهائيندي اهو اعلان ڪيو هو تہ اهو قومي نظم آهي، جنهن ۾ تاتيانہ روس جي سادگي ۽ ڪردار جي پختگيءَ جو مجسمو آهي.سال 1820 کان 1823 تائين پشڪن، انگريزي ادب پڙهيو ۽ بائرن(Byron)کان گهڻو متاثر ٿيو. ان اثر هيٺ هن The caucasian captive لکيو پر ٿوري ئي عرصي ۾ هو جيئن تہ سچائيءَ جو علمبردار هو. ان ڪري مغرب جي شاعريءَ ۾ تصور، آسماني ۽ اڻ ٿيڻي رجحان هن کي بور ڪيو ۽ هي وري بہ پنهنجي سچائيءَواري راهہ تي هلڻ لڳو.

ان کانپوءِ هن The Gypsies جوڙي ورتو ان ۾ Aleko رومانوي هيرو، شهري زندگيءَ مان بيزار ٿي، قديم قبيلي ۾ وڃي ٿو نڪري جتي هن کي سرهائي ۽ سڪون ملي ٿو. اتي هو قبيلي جي هڪ ڇوڪريءَ سان پيار ڪرڻ لڳي ٿو. ٿوري عرصي ۾ اها ڇوڪري هن سان بيوفائي ڪري ڪنهن ٻئي سان ٿي پيچ پائي. ايتري ۾ هي باهوڙجي وڃي ٿو ۽ ڇوڪريءَ کي سندس عاشق سميت ماري ٿو ڇڏي. قبيلي جو سردار هن جي سچائي ۽ شجاعت کي ساراهيندي هن کي معافي ٿو ڏئي ڇڏي ۽ سزا طور چوي ٿو تہ هتان هليو وڃ. تو اڪيلي کي ماري اسان ڪمزوري جو اظهار نہ ڪنداسين. هن نظم منجهہ بہ مٿين طويل يوجين واري نظم جيان، رومانوي روايتن جي نفي ڪئي وئي آهي، ان جي برعڪس، سادگي ۽ نرم دليءَ کي فوقيت ڏني وئي آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پشڪن اڳتي هلي ننڍي ڪهاڻي تي بہ قلم ڪنيو انهن جو تفصيل هن طرح آهي:

i: Queen of spades: هن ۾ جوا جي ڪلبن جو ذڪر ملي ٿو جتي اُهي جواري، فخر، وڏائي ۽ وهمن جي مرضن ۾ مبتلا ڏيکاريا ويا آهن.

ii: The shot: هن ۾ گهڻا سيلاني ماڻهو ڏيکاريا ويا آهن جيڪي مڙئي مت جا منجهيل ٿا لڳن.

iii: Dubrovsky: هن ۾ خصلتن ۽ ڪي قدر پراڻي زماني وارن چند اصول رکڻ وارن ڏاڙيلن جو ذڪر ٿيل آهي.

iv: Captain's Daughter: هي تاريخي ڳالهين تحت ڊرامائي انداز ۾ لکيل ڪهاڻين جو ڳتڪو ٿو لڳي.

پشڪن جا ڪافي گهڙيل نثري ٽڪرا بہ آفاقي ٿا لڳن، جن ڪي روسي ادب ۽ تاريخ کان مٿانهين حيثيت مليل آهي، جن ڪي ٻين ملڪن ۽ قومن تي لاڳو ڪري سگهجي ٿو مطلب تہ انهن ۾ آفاقيت آهي. اهي تمام گهڻا آهن پر هتي چند جملا پڙهندڙن لاءِ ڏجن ٿا تہ جيئن پشڪن جي نثر نگار واري حيثيت بہ ظاهر ٿئي:

I: "Happiness, is impossible, tranquility and freedom are the best, mortals can hope for."

ترجمو: خوشي اڻلڀ، خاموشي ۽ آزادي تمام سٺا گڻ آهن، ماڻهو اهي حاصل ڪرڻ لاءِ پر اميد رهن.

II: "To depend on nobody, to serve and please none, but himself."

ترجمو: ٻي تي ڪين ڀاڙجي خدمت ۽ سرهائي، ٻين کي پيش ڪرڻ بجاءِ پنهنجي لاءِ رکجي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

III: "I awakened kind feelings with my lyre, because in my ruthless age, I glorified freedom and imaged marry for vanquished."

ترجمو: مان، سريلائپ سان، محبت جي جوت جاڳائي آ، مون واري بي رحم دور ۾، آزادي جا گيت آلاپيندي، ستايل ۽ مظلوم ماڻهن جي ويران دنيا ۾ خوشيون پوکڻ ٿو چاهيان.

IV: "Love of clarity and balance man is the measure of all things."

ترجمو: صاف گوئي ۽ تحمل لاءِ پيار، ماڻهو ئي ته هر شيءِ جو پيمانو آهي.

V: I Love Europe with all my heart and this was enhanced by knowledge and intuition.

ترجمو: يورپ لاءِ منهنجي دل اندر چاهت آهي، جيڪا، علم ۽ عرفان جي جهجهائپ ڪري اجا به وڌي وئي آهي.

پشڪن جي دور ۾ روس اندر ڳاڻ ڳڻين ماڻهن يورپي ڪلچر ۽ علم ادب جو گهرو مطالعو ڪيو تن ۾ هي سڀني کان مٿانهون هو.

هن ڪلاسيڪي ادب جو مطالعو ڪيو. وڏن ليکڪن جو تفصيل سان جائزو ورتو. اهو هن طرح آ: دانتي کان سروانٽس تائين، شيڪسپيئر کان ملٽن، گوئٽي کان والٽيئر، ان کان علاوه همعسر يورپي ادب جو به گهرو مطالعو ڪيوائين. ان ڪري ئي هن اعلان ڪيو هو ته مونکي يورپ سان پيار آهي، اهو پيار، ڄاڻ ۽ اوچن خيالن جي مطالعي کانپوءِ اجا به وڌي ويو.

ان کانپوءِ پشڪن ڪيترا ڊراما به لکيا. جن منجهه قديم



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ماضيءَ کان وٺي هن جي دور تائين روسي ساخت مٿيري ڪري پيش ڪيل ٿي ڏسجي. ڊرامن جا نالا هن طرح آهن:

The Covetous knight, The feast during the plague, Angelo, The stone quest. (Mozart and Salieri)

دوستو وسڪيءَ پشڪن لاءِدعويٰ سان چيو هو ته هن وٽ آفاقيت آهي پر اها آفاقيت به روسي ساخت واري آهي. پشڪن قومي سجاڳي آڻڻ جو عظيم انقلابي مانيٽو اڳواڻ آهي.

پشڪن کي پنهنجي ملڪ جي تاريخ ۽تمدن سان به وڏو پيار هو. هن پيٽر جي سڌارن جي سماجي پهلو جي ترقي ۽ عوامي خدمت جي گهٽائيءَ ڪري حمايت ڪئي هئي. ان ڪانپوءِ زار جي علمي لاڙي ۽ هن جي شاعريءَ جي مڃتا خاطر تعريف ڪئي هئي. هن پنهنجي ڊرامي Poltava ۾ ڪيس هڪ فاتح نئڊو ديوتا ڪري ڏيکاريو هو.

اٺويهين صديءَ جي مشهور ۽ وڏي اهميت واري نظم، جيڪا 1833ع ۾ شايع ٿي هئي، Bronze Horseman پشڪن، بادشاهه جو مجسمو (پيٽر جو)، فاتح واري انداز ۾ گهوڙي تي چڙهيل ۽ گهوڙي جون اڳيون جنگهون اياريل، نيوا نديءَ جي ڪناري تي بيٺل آهي ۽ اهو گهوڙي جو ٽپو وري اها عڪاسي ٿو ڪري ته ان فاتح زار جي گهوڙي جي گرپ هيٺ روس جي حڪومت ائين مضبوط آ جيئن گهوڙي جا پير ۽ گهوڙيسوار جي عظمت ۽ اوچائي. ان نظم ۾ 1924ع جي ٻوڏ جو ذڪر ٿيل آ، جنهن ۾ پيٽرسبرگ کي ٻڏڻ جوخطرو هو. نظم ۾ اڳتي جو ذڪر ائين آ ته ٻوڏ ۾ هڪ غريب ملازم جو گهر لڙهي ٿو وڃي. اهو ملازم يوجين ذهني توازن وڃائي ٿو ويهي ۽ پيٽر بادشاهه کي هڪل ڪري مقابلي لاءِ حملو ڪري، ڪيس ليٽائي ۽ ماري ٿو وجهي، پوءِ راتين جو اهو برانز وارو مجسمو ان غريب کي گادي واري شهر جي گلين منجهه



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin Ameer Adnan 00923337516944

ٻوڙائيندو ٿو رهي. علامتي طور هن طرح ڏيکاريو ويو آ. جيئن تہ پيٽر خدا ۽ ان جي ڪائنات جي نفي ڪئي ان ڪري ڪيس سزا ملي ۽ ٻئي پاسي ملڪ جي نيڪ ناموسي کي سامهون رکندي اهو مجسمو ان فرد کي قتل ٿو ڪري ڇاڪاڻ تہ هن وري قانون جي نفي ڪئي. پشڪن ان طرح سان روسي شهنشاهيت کي تسليم ٿو ڪري، پر هن جون همدرديون مظلوم ماڻهن سان آهن. پشڪن جون تحريرون اهڙي طرح سان انيڪ عنوان پيدا ڪن ٿيون. روسي ادب لاءِ جيئن هن نظم ۾ هڪ غريب جي همٿ ڀري عمل منجهہ ڏيکاريو ويو آهي پر ان سان گڏ وري قسمت جو فيصلو بہ ظاهر ڪيل آ ۽ قانون جو احترام پڻ ڏيکاريو ويو آهي.

پشڪن کي احترام ۽ اونو سموري روس لاءِ ٿي هوندو هو ۽ هن کي روس جي مستقبل کي روشن ڏسڻ جي قوي اميد هوندي هئي. هڪ قومي شاعر روسي شاعريءَ جو اصلاح ڪرڻ وارو، ادب کي نواڻ بخشڻ وارو، هن پنهنجي ملڪ جي تخليقي سگهہ منجهہ نئون روح ڦوڪيو مغربي علم ادب جي تقليد مان بہ هٿ نہ ڪڍيا، پر هن جي اندر منجهہ اها چنتا هوندي هئي تہ پنهنجي ملڪ وارين ادبي ڌارائن کي اجاگر ڪجي ۽ آسمان تائين پهچائجي. اهڙي طرح سان پشڪن روسي ادب جي اصلي ڌارائن، لاڙن منجهہ اها مخصوص قومي جاڳرتا پيدا ڪرڻ ۾ گهڻي ڀاڱي ڪامياب ويو.

پيٽر اعظم جيئن روس ۽ يورپ کي ملڪي حدن ۽ مادي معاملن سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي تيئن پشڪن وري فني، فڪري ۽ روحاني طور تي روس جو پهريون قومي شاعر، پهريون لکاري ۽ قلم ڪار ٿي اڀريو جنهن جي تحريرن منجهہ آفاقي عروج، شهرت، عظمت ۽اهميت ڀرپور نظر اچي ٿي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

باب پنجون

# لرمونتوف

## MIKHAIL LERMONTOV

## (1814-1841)

ميخائيل لرمونتوف 1814ع ۾ ڄائو. هن جا وڏا سترهين صديءَ ۾ اسپين منجهان لڏي روس ۾ اچي داپو ڪيو هئائون. هن جو پيءُ غريب خاندان مان فوج ۾ ڪيپٽن بڻيو ۽ هن هڪڙي دولتمند عورت سان شادي ڪئي. لرمونتوف جي جمڻ کان ٽن سالن بعد اها عورت مري وئي. ماءُ جي دولت وڃائي اتي ئي هن جي پرورش سندس ماٽيلي ڏاڏيءَ ڪئي. لرمونتوف جي پرورش تہ مناسب ٿي پر ڏاڏيءَ پٽ سان اختلاف ڪري پوٽي کي پنهنجي پيءُ طرف ڪڏهن وڃڻ ئي نہ ڏنو ان ڪري ميخائيل ضدي، خوابيده، مرضيءَ جو مالڪ ۽ تيز طبيعت بڻجي پيو. هن ائن سالن جي عمر ۾ شاعري گهڙڻ شروع ڪئي ۽ ڏهن سالن جي عمر ۾ پيار جي پنجوڙ ۾ بري طرح جڪڙجي ويو. هو ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ بيمار ٿي پيو. هن جي ڏاڏي هوا متائڻ خاطر ڪيس ڪوه قاف واري پهاڙي علائقي ڏانهن وٺي وئي. اتي جي آزاد ماحول ۽ خاموش پهاڙين جي حسن نوجوان شاعر جي روح کي هميشہ لاءِ متاثر ڪري ڇڏيو. هن کي اتي استادن لاطيني، يوناني، فرينچ ۽ جرمن ٻوليون سيکاريون ۽ گهر ۾ سندس سنڀال لاءِ رکيل عورت سهڻي تربيت ڏنس.

ميخائيل 1827ع ۾ ماسڪو ۾ ابتدائي اسڪول ۾ داخل ٿيو. نيپولين جا سمورا پستڪ اٿلائي وڌائين، جنهن کي هو ديوتا جيترو مان



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

ڏيندو هو. ان کان علاوه هن اسڪاٽ، مور (Moore)، شيلي ۽ بائرن کي پڙهيو ۽ پشڪن جي شاعريءَ جي حسن شناسيءَ واري پهلوءَ جو عاشق بڻجي پيو. اها پڻ حقيقت آهي ته پندرنهن سالن جي عمر ۾ هن فقط شاعري، ڪهاڻيون ۽ ڪجھ ڊراما لکيا پر ان سان گڏ ايندڙ وقت لاءِ جيڪي ڪجھ هن کي لکڻو هو ۽ جن تحريرن ڪري هن شهرت حاصل ڪئي، انهن جا پلان ۽ مسودن جا خاڪا پڻ جوڙي ڇڏيا. ان عمر دوران ئي هن ٻاراڻي شاعري جو ڪتاب "The Angel" پڻ لکيو، جيڪو روسي ٻاراڻي ادب ۾ شامل ڪيو ويو ۽ ٻارن کي برزبان ياد ڪرايو ويو. ان سان گڏ هن جو اسلوب ڏاڍو متاثر ڪندڙ هو. سندس آداب ۽ اخلاقيات ۽ شاعريءَ جا مخصوص لاڙا هن ٻالڪپڻ کان ئي پرائي پختا ڪري ڇڏيا هئا. سترهن سالن جي عمر تائين هن ٽي سئو نغما، پندرنهن طويل نظم، ٽي ڊراما ۽ هڪ ناوليٽ لکي پورا ڪيا هئا.

ننڍپڻ جي مايوسين هن جي اندر احساس ڪمتريءَ جا عميق آثار داخل ڪري ڇڏيا هئا. هن جا جذبا ڪڏهن جهنگلي ۽ پرجوش ته ڪڏهن برف جهڙا ٿڌا، ڪڏهن مانيٽا ته ڪڏهن تصوراتي ۽ همدرديءَ سان گاڏڙ ظالماڻا، مطلب ته غربت جي درد جو هن جي ذهن تي دائمي اثر رهندو هو. سال 1827ع کان 1834ع جي وچ ۾ هو بائرن جي خصلتن، بي اعتمادي، ديوانگي ۽ بغاوتي اثرن هيٺ گهارڻ لڳو. بائرن کي گهڻو پڙهيائين ۽ هن جي موڊ ۽ جذبات جي تتبع تحت ميخائيل ڪافي شاعري جوڙي. هن هڪ هنڌ لکيو ته: "نه، مان بائرن نه آهيان، مان ان کان مختلف آهيان ۽ منهنجي تقدير به هن کان مختلف آهي، جنهن جي ڄاڻ به مون کي ناهي، ها، هن وانگر مجيل، سيلاني/ رولاڪ آهيان پر منهنجو روح روسي آهي."



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ پيار ۾ پيڙا ميخائيل جي شخصيت کي تيز تر بڻايو. ان جو ذميوار ٻن نارين نديزا ايوانوا، جيڪا هڪ ڊراما نگار جي ڌيءَ هئي ۽ وارينڪا لپوخينا (ٻنهي جي شادي ٿيل هئي) هئي ۽ اهي هن کي وڻنديون هيون ۽ انهن ئي هن جي شاعريءَ ۾ پيار جي شدت وڌائي، جيڪا هن جي حياتيءَ ۾ مستقل طور شامل رهي. اهو ئي سبب آهي جو آخر ۾ عورت کان انتقام جو جذبو هن جي ذهن تي اڀري آيو ۽ موڊي بڻجي پيو ڪڏهن نرم تہ ڪڏهن ڏکي ۽ جان کان بيزار، ايتري تائين جو ڪيس ملندڙ انعام ۽ اڪرام حاصل ڪرڻ کان بہ انڪاري ٿي پيو.

ميخائيل لرمونتوف ڪجھ عرصي لاءِ ماسڪو يونيورسٽي ۾ داخل ٿيو جتي جرمن آدرشي فڪر ۽ روسي آزاد روي جو مطالعو ڪيائين. 1832ع ۾ سينٽ پيٽرسبرگ ويو ۽ امپريل همسار گارڊس ۾ ڀرتي ٿيو. هن جي خواهش هئي تہ دنياداري سِکان ۽ سماجي شهرت حاصل ڪيان . اتي هي بلا جو مقرر بڻيو ذهين تہ هيو پر ان سان گڏ صاف سٽرو رهڻ ڪونہ سکيو. اتي هن آزاديءَ جا نغما گهڙڻ شروع ڪيا تہ جيئن ڪامريڊن کي ذهني تراوت حاصل ٿئي. 1835ع ڌاري سنجيده ادب طرف وريو ۽ ڪافي رسالن جي زينت بڻيو. 1837ع ۾ جاسوسن جي رپورٽن تحت گرفتار ٿيو ۽ شهربدر ڪيو ويو. ان دور ۾ ئي هن پنهنجي اشاعتي ڪم کي هٿ ۾ ڪنيو ۽ جلدي ڪاميابي ۽ شهرت واپس ورايائين.

سال 1839ع ۾ لرمونتوف کي معافي ملي ۽ پيٽرسبرگ واپس وريو جتي هو آزاد هُسار (فوجي) ڪنهن مقابلي جي تلاش ۾ شاعر ۽ سياسي بندش جو سزا ڪاڌل ٿي ڦرندو رهيو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سال 1840ع ۾ روس اندر فرانس جي ايلچي جي پٽ سان ڪنهن حسينا جي حوالي سان دنگل ڪيائين. سرڪار وٽ اها شڪايت جيئن ئي پهتي تيئن ئي هن کي گرفتار ڪري ڪوه قاف بدر ڪيو ويو. ان کان علاوه نڪولس ون بادشاهه وٽ ڪنهن ٻچ حسينا کي ڇيڙڻ جي شڪايت اڳ ۾ ئي پهتل هئي. ڪورٽ وارا ملائڪ پڻ هن کي ڳولهيندا رهيا.

ٿوري عرصي ۾ هن جي ڇپيل شاعري ۽ هڪ ناول "A hero of our own times" نقادن ڏاڍو ساراهيو ۽ اهو مشهور ٿي ويو ته لرمونتوف پشڪن جو جاءِ نشين ٿيندو پر جولاءِ 1841ع ۾ هن جو ڪنهن حسينا جي چاهت واري مسئلي تي هڪ پنهنجي دوست مارٽينوف سان دنگل ٿي پيو جنهن ۾ لرمونتوف مارجي ويو. هو ان وقت اڃا ستٽيهن سالن جو هو. هن جي مرڻ کان پوءِ شهرت وڌڻ لڳي، پوري ملڪ ۾ هن کي روس جو ٻيو عظيم شاعر تسليم ڪيو ويو ۽ هن جون تحريرون ان وقت کان ڪلاسيڪي درجو ماڻينديون رهيون.

روس جي پڙهيل طبقي کي پشڪن جي جدائيءَ جو خاصو صدمو رسيو هو. خوشامدڙين جي گروهه وري پشڪن جي جدائيءَ جي مذاق اڏائي چيائون ته هڪ شاعرڙو خوبصورت رن جو رکوال، ان جي زور تي شهرت ماڻڻ وارو مري پيو ته ڇا ٿي پيو. ان ۾ سرمائيدار، پوليس وارا ۽ خوشامدڙين جي لانڍ وارا وغيره هئا. ايتري ۾ هڪ طويل نظم شهر ۾ ظاهر ٿي، جنهن ۾ مرحوم پشڪن جي تعريف ۽ خوشامدڙين جي خوب تذليل ٿيل هئي. چغل خور يڪدم اها نظم نڪولس ون جي دربار ۾ پيش ڪئي، اهو چئي ته "هي نظم انقلاب جي اپيل ٿي لڳي". بادشاهه سلامت جي حڪم تحت شاعر گرفتار ڪيو ويو. جيڪو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

لرمونتوف نڪتو. ڪورٽ روايتي ڪم ڏيکاريو. هن جي عهدي کي گهٽائي انفينٽري (پيادل فوج) ريجمينٽ ۾ ڀرتي ڪري ڪيس ڪوهه قاف ڏانهن موڪليو ويو. جتي روسي فوج ڌرتيءَ ڄاون سان جنگ جوٽي رهي هئي. وقت اڳين گذري ويو ۽ لرمونتوف جي گذاري وڃڻ کان پوءِ ادبي دنيا ۾ هن جو نالو مشهور ٿي ويو. هن جي شهر بدري هن جي شاعري جو آغاز بڻي ۽ اها شهرت قليل مدت ۾ آسمان جي ڪنگرين تائين وڃي رسي ۽ سندس حياتي بہ ٿوري عرصي واري هئي!

ميخائيل لرمونتوف جون قلمي ڪاوشون داخليت جون داعي هيون. ان ڪري ئي اهي سوانحياتي هڪ طرف تہ سرياڻپ سان سهيڙيل سچ ٻئي طرف هئا. هن جي ابتدائي ٻاراڻي شاعري ان دور ۾ مقبول ٿي اڀري تہ جوانيءَ وارن جذبن واري شاعري پڻ اعليٰ ۽ اوچ آدرشي بڻجي پئي هئي.

ميخائيل جو ڊرامو "The Masquerade" (1835): اندر جو آواز هو جنهن ۾ سماج کي للڪاريو ويو هو. هن ۾ ان ڳالهہ جي تصديق ٿيل هئي تہ گناهہ يا ثواب ماڻهو جي اندر ۾ موجود آهي ۽ شر يا شيطان ميخائيل جي اندر جو آواز آهي، جيڪو هن ڪائنات يا ان جي جوڙيندڙ سان بغاوت جي اعلان برابر آهي.

هن جي مشهور نظم "The Demon" مشرق جي مشهور داستان "بهشت مان شيطان کي تڙڻ" واري تمثيل تحت جوڙيل ٿي ڏسجي، جنهن ۾ شاعر جي پنهنجي تڙجڻ واري ڪهاڻي اُٽيل آهي.

هن جو ناول "A hero of our own times" (1840ع) ۾ لکيو ويو هو. ان جو هيرو پيڪورن نوجوان آفيسر اهليت ۽ تجربي جي باوجود پنهنجي اندر جي اُڌمن کي سڌي طرح اجاگر ڪري نٿو سگهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

حڪومت هن کي فقط سولجر ئي ڏسڻ ٿي چاهي. هن جي اندر جي انسان کي ننڍيون ننڍيون خوشيون ڏيڻ تي بندش لڳائي وئي آ, تنهن ڪري هو اجايا دنگل ڪري ٿو جيڪي عورتون هن سان پيار ڪن ٿيون, انهن کي اجاڙي ٿو ڇڏي ۽ پاڻ تہ پريشان آ پر دنيا کي ئي پريشان ڪري ڇڏيو اٿس. ان ۾ روسي سماج جي هڪ جهلڪ ٿي نظر اچي, جتي سماجي خوشي ۽ خوشحالي نہ هجڻ ڪري سمورو روسي سماج ويرانين جي ور چڙهيل ڏيکاريل آهي.

لرمونتوف جي شاعري ۽ نثر ۾ اخلاقيات جي اٿاٽ کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي. آخر ماڻهو برائي طرف ڇو ٿو وڃي؟ اسان جي عملن جون پاڙون ڪٿي ڪتل آهن؟ آخر چند ماڻهو ڇو حدون اورانگهي قانون هٿ ۾ تا کڻن؟ ان قسم جا سوال لرمونتوف کي هر وقت نچوڙيندا ٿا رهن, جيڪي هن جي لکڻين ۾ نظر اچن ٿا, ان ڪري ئي ليکڪ هڪ خاص رومانوي بڻيل آهي ۽ رومانويت پرستي روس جي قوم پرستي سان سلهاڙيل هن وٽ جهجهي ملي ٿي.

اهڙي طرح پشڪن ۽ لرمنتوف ان وقت جي روسي ادب جا تمام وڏا شاعر هئا, جن جي عظمت جو ناموس ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ منجهہ پکڙيل هو. سال 1820ع کان 1850ع اندرهنن جي شاگردن جي وڏي لسٽ جن پاڻ کي وڏو شاعر مڃرايو ۽ ملڪ جو مان مٿانهون ڪيو. ان طرح شاعريءَ جي صنف ماني ٿئي ٿي ۽ 1840ع کان نثر نگاري جو رواج شروع ٿئي ٿو ان سان گڏ رومانويت واري تحريڪ بہ ماني ٿيڻ لڳي ٿي ۽ ان کان پوءِ حقيقت پسندي يا سچائي "Natural School" واري تحريڪ اڀري اچي ٿي, جنهن جا اشارا پشڪن جي ڪهاڻين اندر موجود هئا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

روس جي هيءَ سچائي واري اسڪول جي ادبي ارتقا جيڪا
بين ملڪن منجهہ بہ اپري چڪي هئي. يورپ کان ڪجهہ پوءِ هئي، اها
خاص سياسي ۽ ثقافتي حالتن سميت پنهنجي پوري سگهہ ۽ عزم سان
هر قدم تي روان دوان ٿي چڪي هئي.

لرمنتوف اٺن سالن جي عمر ۾ شاعري ڪئي ۽ ڏهن سالن جي
عمر ۾ ڪيوپڊ جوي تير جو شڪار ٿيو.

Peter's objective: To break away from Byzantine tradition of rigidity and isolation, and to promote secular progress in all areas of State.

He forced the old Boyars to shave off their long beards and wear German jackets; compelled young aristocrats to learn foreign languages and adopt French. 'Politesse'



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

باب ڇهون

# نڪولائي گوگول

NIKOLAI_ GOGOL

(1809-1852)

نڪولائي گوگول يوڪرين جي هڪ ڳوٺ ۾ 1809ع ۾ ننڍڙي زميندار جي گهر ۾ ڄائو. ننڍپڻ پنهنجي ئي پڪن اندر گهاريائين. يوڪرين جي اولهه وارو علائقو جتي هر طرف خاموشي لوڪ روايتن سان ڀرپور ۽ ساٿين جي ساٿ سان هي وڏو ٿيو ۽ اهي يادگيريون گوگول جي تحريرن ۾ نمايان نظر اچن ٿيون. ان نيم خوابي ۽ تصوراتي ماحول جي اثر هيٺ هن سوچيو هو ته هُو ايڪٽر ٿيندو. 1828ع ڌاران سينٽ پيٽرسبرگ ۾ پهتو. اسٽيج تہ حاصل ڪري نہ سگهيو وچي ڪلارڪ ٿيو ۽ ان سان گڏ پڙهڻ لکڻ جو پاسو ورتائين. هن شروعات رومانوي شاعريءَ سان ڪئي پر گهربل شهرت حاصل نہ ڪري سگهيو ۽ خاموشيءَ سان هن وچي نثر جي پِرِ جهلي. سال 1832_33ع دوران هن ڪهاڻين جا ٻہ مجموعا شايع ڪرايا: *"Evenings on a croft near Dikanka"*، يوڪرين جي لوڪ ادب وارن عنوانن تحت هي مجموعو آهي، جنهن ۾ اڏ پرين بابت ڪهاڻيون آهن ۽ اڏ داستان، جيڪي جرمن رومانوي ليڪڪن کان متاثر ٿي لکيا هئائين. هنن ۾ جنن ۽ شيطانن جا ذڪر آهن، جيڪي قزاق جي هارين کي تنگ ٿا ڪن ۽ پوءِ هڪڙو لوهار ۽ هڪڙي عقلمند ناري، انهن شيطانن کي چالاڪي ۽ هوشياريءَ سان ڀڄائي ٿا ڇڏن. هن جا ٻيا مجموعا آهن: May Night ،St. John's



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

Eve، Sorochinsty Fair ۽ The Bewitched Spot، هنن منجهه گهڻي ڀاڱي خوشيون ۽ شاعريءَ جي ساڃاهه واريون آکاڻيون گهڙيل آهن. ان بعد Terrible Revenge، رومانوي ڪهاڻين جو مجموعو جنهن ۾ قتل غارتگريءَ جا انتقامي احوال پيريل ٿا ڏسجن. ساڳئي نوعيت جا هن جا ٻه مجموعا: Mirgorod ۽ Viy آهن، جن ۾ پڻ هڪ ڏائڻ، جنن ۽ هڪ پادري بابت رومانوي انداز سان ڪهاڻيون جوڙيل آهن.

گوگول رومانوي انداز کان مٽ ڪري حقيقت پسندي جي دنيا جو رخ ڪندي لوڪ ادب جي ڪردار کي ساڻ کڻي سچي ۽ حقيقي حالتن جي اپٽار ٿو ڪري. هڪ شرميلو نوجوان پنهنجي پاڙيسري ڏاڍي مڙس جي ڏاڍ جو نشانو ٿو بڻجي، ٻه مٺي ڦريا وڏيرڙا معمولي ڳالهه تي پراڻي دوستي ٿا ڦٽائين، ايتري تائين جو دشمنيءَ ۾ وڪوڙجي ويجي ٿا ڪورٽن جا در کڙڪائين.

انهن سمورن داستانن منجهه گوگول جي اندروني صلاحيتن، منظر ڪشي، انداز بيان، ٻوليءَ جي فصاحت ۽ بلاغت وغيره خوب بيان ڪيل ٿي ڏسجي. سندس نثر نگاري منجهه ٻه رواني، جدت ۽ جادوئي اثر موجود رهي ٿو. ان سان گڏ ماڻهن جي غربت ۽ بي سمجهائي پٽاندڙ سُور ليکڪ کي اڳتي هلي دکي ٿا ڪري وجهن. ان کان نجات حاصل ڪرڻ خاطر هو ماضيءَ وارن شجاعت ۽ سورمن جي ڪاميابين وارن قصن کي ورجائڻ ٿو لڳي.

Tarass Bulba هڪ ننڍڙو ناول پڌرو ٿئي ٿو جنهن ۾ سترهين صديءَ منجهه يوڪرين جي قزاقن جي ترڪن ۽ پولن سان لڙاين جو حوال ڏنل آهي. Tarass هڪ جهونو قزاق پنهنجي پياءُ کي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

قتل ٿو ڪري، ڇاڪاڻ تہ هو پول قبيلي جي هڪ ڇوڪريءَ سان پيچ پائي، جيڪي هنن جا دشمن آهن. پنهنجي قبيلي سان غداري ڪئي هئي. تاراس کي پولن پڪڙي ڪُهي ڇڏيو. ان جو بدلو وٺڻ لاءِ تاراس جو پاءُ ميدان ۾ اچي بدلي وٺڻ جو اعلان ٿو ڪري. هي قصو انگريز اديب سروالٽر اسڪاٽ جي پهلوانن وارن قصن جي تتبع تحت جوڙيل ٿو ڏسجي. هن ناول ۾ رومانوي ۽ مزاحيہ منظر ڪردارن جي پهلوانيءَ سميت بيان ڪيل آهن. اهڙي طرح سان گوگول ناول نگاريءَ طرف ڌيان ڏيڻ لڳي ٿو.

سال 1838ع ڌاران گوگول سينٽ پيٽرسبرگ جي نالي ۾ نسبت سان انيڪ ڪهاڻيون گهڙي ورتيون. انهن سمورين ڪهاڻين منجهہ گهڻي ڀاڱي عام ماڻهن جي زندگين جا احوال جوڙيل تا لڳن. ان سان گڏ ڪجهہ آسماني مخلوق سان سلهاڙيل سين (منظر) مليل آهن. هنن ڪهاڻين تي E.T. Hoff man جو اثر ڏسڻ ۾ اچي ٿو ڇاڪاڻ تہ گوگول هن دور ۾ هاف مين جو وڏو مداح ٿي رهيو هو.

هڪ ڪهاڻي ۾ پسڪاريف هڪ پينٽر هوندو آهي، جنهن کي گهٽيءَ ۾ هڪ ڇوڪري ملي ٿي، جنهن کي هو سچائيءَ ۽ سونهن جو مجسمو ٿو سمجهي پر اها ڇوڪري کيس سڌو لال بازار (Brothel) ڏانهن وٺي وڃي ٿي. هن جو بيو دوست پيروگوف خوابي دنيا کان گهايل سورن جو ستايل هوندو آ، کيس هڪ نانوائيءَ جي سيني جي اُڀار واري ناري سڪون ٿي مهيا ڪري ڏي.

هڪ ڪهاڻي نڪ (The Nose) جي مُک ڪردار ميجر ڪوواليف بابت عجيب آ، جيڪو صبح جو اٿڻ سان رَڙ ٿو ڪري تہ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

منهنجو نڪ اچانڪ غائب ٿي ويو آ ۽ وڃي ٽاٽي تي پهچي ٿو ته ڪيس قانوني طريقي سان وڃايل نڪ واپس ڪرايو وڃي.

گوگول هن دور منجهه اجائي ڪل مسخري کان مٿڀرو ٿي مزاحيه انداز، طنز جا تير اڇلائڻ لڳي ٿو.

هن جي مشهور ڪهاڻي The Over Coat جيڪا 1842ع ۾ ڇپي، ان دور جي عڪاسي ڪندڙ ڪهاڻي ثابت ٿي. ان ڪهاڻيءَ جو هيرو هڪ ننڍڙو ڪاپيسٽ جو ڪردار هوندو آهي، جيڪو خواب ۾ اوور ڪوٽ ٿو حاصل ڪري ۽ ان کي انساني عظمت جي سوکڙي سمجهي پائي هلي ٿو رات جو سير ڪرڻ شهر منجهه. اوچتو هڪڙو V.I.P. ڪيس جهلي ڪوٽ کسي، ڌڪا ڏياري ڪڍي ٿو. هو دانهون ڪري پوليس وٽ وڃي ٿو پر ڪو هن جي فرياد ئي نٿو ٻڌي ۽ ان ڏک ۾ مري وڃي ٿو. هن جو روح برفاني گهٽين منجهه ڦرڻ لڳي ٿو ۽ نيٺ هڪڙيءَ رات ان وي آءِ پي جي ڪلهن تان اهو بدروح ڪوٽ ڇڪي لاهي ڪٽي وڃي ٿو ان کان پوءِ اهو بدروح وري نظر ڪونه ٿو اچي ۽ اهڙي طرح هن مظلوم کي انصاف ملي ٿو. هن ڪهاڻيءَ ماڻهن مٿان سنو اثر ڇڏيو عام طور تي پڙهندڙن ان کي هڪ رومانوي ڪهاڻي ڪري ڪوٺيو. ان جو روحاني راز اهو ڪڍيو ويو ته غريب ۽ مفلس ماڻهوءَ کي جيڪڏهن شهري قانون انصاف نٿو ڏئي ته پوءِ قدرت غريبن جي مدد لاءِ ميدان ۾ اچي ٿي، ان قسم جي مسيحائي همدردي غريب ۽ ڪمزور لاءِ نمايان نظر اچي ٿي.

دوستو وسڪيءَ به تسليم ڪيو ته روسي نثر نگاريءَ مٿان ان ڪهاڻي جو وڏو اثر ٿيو جنهن تحت هو پڻ گوگول کان گهڻو متاثر ٿيو هو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

گوگول پنهنجي دنيا ۾ مگن رهندي لکندو رهيو. پنهنجي تحريرن کي ڊاهيندو ۽ سنواريندو رهيو پر قلم جي ڪرت نہ ڇڏيائين، ايتري تائين جو شهرت جي بلندين تائين وڃي نڪتو.

سال 1836ع ۾ "انسپيڪٽر جنرل" اسٽيج تي پيش ڪيو ويو جنهن سامعين مٿان سڪتو طاري ڪري ڇڏيو. پڙهيل لکيل سماج ۾ بہ ڏڙا ميدان ۾ لهي پيا ۽ اچي ڊرامي مٿان بوڇاڙ شروع ڪيائون. هڪڙا حق ۾ تہ ٻيا مخالفت ۾ صفايون پيش ڪندي ڪندي گوگول نيٺ ٿڪجي بيمار ٿي پيو ۽ وٺي نڪاءُ ڏنائين ملڪ کان ئي ٻاهر.

ڊرامي جي ڪهاڻي ڪجهہ هن طرح سان آهي تہ ڪنهن صوبي جي ننڍي شهر جو ميئر وڏو لينڊ گريبر هوندو آهي، جيڪو پنهنجي بي ايمان ۽ رشوت خور آفيسرن جي گينگ معرفت غريب عوام جي پيڻگ ڪرڻ ۾ پيش پيش هوندو آهي. هن جي واتن منجهہ ڊاڪٽر، بہ زميندار، پوسٽ ماسٽر، ميونسپل آفيسر، سندس زال ۽ بيوقوف سهڻي ڌيءَ، انهن سڀني عوام جي چيلهہ چٻي ڪري وڌي. اچانڪ ڪو صوبي منجهان انسپيڪٽر جنرل انهن شڪايتن جي ازالي لاءِ پروگرام موڪلي ٿو جيستائين اهو صاحب پهچي، وچ ۾ هڪڙو چالاڪ بدمعاش سوٽ بوٽ ۽ ٽوپلو پائي اچي نقلي انسپيڪٽر بڻجي، پنهنجي حرفت سان هو انهن سڀني رشوت خور آفيسرن کان پئسا، چندا وصول ڪري ٿو ۽ ميئر جي ڌيءَ کي بہ دلاسن منجهہ ڦلائي ٿو ۽ رات جي اونداهيءَ ۾ رقم کڻي هليو وڃي ٿو. ٻي ڏينهن اصلي انسپيڪٽر جو خط اچي ٿو پوسٽ ماسٽر وٽ، اهو خط سموري عملي کي پريشان ڪري وجهي ٿو. هن ڊرامي جا ڪردار ۽ ڪهاڻي جيئن تہ سچ تي ٻڌل هئي، ان ڪري ان ڊرامي ڏاڍو ماڻهن کي وندرائي وڏو ۽ عملدارن



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

ڪي خوار خراب ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح سان هن ڊرامي کي وڏي شهرت ملي ۽ ان کي قومي ڊرامي جو رتبو ڏنو ويو. نقادن به هن ڊرامي کي تسليم ڪيو. مشهور نقاد بيلنسڪي گوگول کي روس جي تنظيم ”نيچرل اسڪول“ جو اڳواڻ ڪوٺيو ۽ هن ڊرامي جو اثر هڪ صديءَ تائين روسي ادب، خاص طور ڊرامي جي صنف مٿان ڇانيل رهيو ۽ گوگول کي حقيقت پسند ۽ سندس حقيقت پسندي واري اسلوب جو خالق ڪري ڪوٺيو ويو. (انڪوائري آفيسر وارو ڊرامو قليچ بيگ هن تان ئي ڪنيو آهي)

روس منجهه هن ڊرامي جو وڏو هُلُ جاري هو پر گوگول وچي روم ۾ رهي پيو. ڊرامي ۾ جيئن ته سمورو احوال روسي سماج مٿان طنز وارو هو تنهن ڪري سرڪاري اهلڪارن ان کي حڪومت مٿان حملو ڪوٺيو. حالانڪ جهَل شهنشاهه جي اهلڪارن ۽ وفادارن مٿان ٺيل هئي ، پوءِ به خوشامدڙين جي گلا خوري گوگول جا لاهه ڪيرائي وڏا پر ليڪ پنهنجي تحرير تي قائم رهندي، هن ڊرامي کي سماجي اصلاح جو سبق ڇئي اڙيو رهيو ۽ پوئتي ڪونه هٽيو.

روم ۾ رهائش دوران گوگول هڪ ٻيو شاهڪار مئل آتمائون “Dead Souls” (1836_1841ع) درميان لکي ورتو. هن پستڪ کي روسي سماج جو اکين ڏٺو احوال ڪري ڪوٺيو ويو. روسي سماج جي هر حصي مان ڪردار چونڊيا ويا. ڪوچ مئن کان وٺي قانوني صلاحڪارن تائين مسڪين کان وٺي دولتمند تائين، مطلب ته هن قسم جي ڪردارن جي ڪڌن ڪرتوتن جو ذڪر هن کان اڳ ڪٿي به ڪونه ٿيو هو. هن جا ڪردار هلڪا به هئا ته گهرا به، انهن جا روح چڻ مري چڪا هئا ۽ هنن وٽ باقي وڃي بدروح بچيل هئا، جيڪي فقط



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

براين، ڏوهن ۽ گناهن جا پاڇولا بڻجي پئي هليا. مغربي اديبن هن تحرير کي روسي سماج جي جهالت، بيوقوفي ۽ سستي جي نالي سان پئي منسوب ڪيو.

گوگول هن پستڪ جي شدت بيان، جهڪي ڪرڻ خاطر ڪجھ شاعريءَ جا ٽڪرا شامل ڪيا، جنهن ڪري هي تحرير ادبي دنيا ۾ داخل ٿيڻ جي قابل بڻي. ورنہ اهو تاثر پئي اڀريو تہ اهڙا بدروح انسان ڪوٺائڻ جي قابل ڪيئن ٿيندا ۽ آيا انهن کي خالق جو پاڇولو ڪوٺي سگهجي ٿو يا نہ؟

گوگول اها شدت ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو تہ ان جي هو ڪيٿارسس (Catharsis) بہ جوڙيندو، جنهن منجھ اهڙن بگڙيل ڪردارن کي سڌرڻ ۽ سچائيءَ طرف اچڻ جو رستو پڻ هموار ڪندو.

گوگول سماجي دنيا اندر ڪڏهن بہ ڪنهن ناريءَ جو پاڻ انگ اگهاڙو نہ پسيو. نازڪ طبع، ڪمزور هاٿي وارو هو، ان ڪري هن لاءِ چيو ويو تہ سماجي براين کي هن پري کان پرکيو. هو ڪنهن بہ سياسي، مذهبي ۽ علمي ڌڙي سان وابستہ ڪونہ هو ان ڪري ٽالسٽاءِ هن لاءِ رمارڪس ڏنا تہ، ”هن جو شائستہ مزاج هيو پر هن جو فن ۽ ذهني اڏام ڪنهن جينيس کان گهٽ ڪونہ هئي.“

سال 1842ع دوران هو روم منجھ ڪجھ مذهبي دوستن ۽ پادرين جي ور چڙهي ويو، جن هن کي ڊيڄاري ڇڏيو تہ سندس تحريرون دين جي خلاف آهن.

1847ع ۾ ان شدت کي گهٽ ڪرڻ خاطر ڪجھ دوستن ڏانهن خط جي عنوان سان هن مضمون لکيا، جنهن چرچ ۽ حاڪم، سزا ۽ جزا، اطاعت ۽ عبادت جي پاسداري ڪئي پر هن جي اندر جو آواز



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پهرين ٻن شاهڪارن: The Inspector ۽ The Dead Souls General منجهه خوب بيان ڪري ڇڏيو هو. ان ڳالهه تي بيلنسڪيءَ کي ڏاڍي منيان لڳي هئي. هن بستر پيڙو هجڻ باوجود گوگول کي سخت قسم جو خط لکيو جيڪو سرڪار ضبط ڪيو اهو جنهن وٽ به لڌو پئي، ان کي گرفتار يا ملڪ بدري جي سزا پئي ڏني وئي.

ان ڪان پوءِ واري عرصي ۾ Dead Souls کي جاڳائڻ لاءِ هن انهن ڪردارن جو مثبت پهلو اجاگر ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي، پر جيئن ته هو لکڻ وقت مدهوشيءَ واري اثر هيٺ هوندو هو تنهن ڪري جيڪي ڪجهه گهڙيائين، ان ۾ وري به اهي ئي گُرگ، هٻڇي ۽ عقل جا دشمن وڏيڪ ٻيا گهڙجي ويا. ڇاڪاڻ ته هن جي انسانن جي جانور خانن (Human Zoo) منجهه اهي جانور نما انسان ئي ته هئا. ان تي هو سخت پريشان ٿي ويو ۽ سوچڻ لڳو ته آيا اهو شيطان هن جي مغز ۾ ته ويٺل ناهي؟ جيڪو سندس قلم کي زور سان ان طرف ٿو وٺي وڃي، اها اندر جي ڪشمڪش انسان ۽ ديوتا جا ٽڪراءَ، ٻک، بيماري، اڪيلائپ ۽ خوفناڪ خوابن جي دنيا هٽي هن کي ڏوڙي وڌو. هن سمورا لکيل پنا ساڙي ڇڏيا. دنيا ڪان دوري ڪئي، مذهبي ورق ورجايا، پوٿيون پڙهيون ۽ ڀڄن ڳايا، ياترا ڪئي، ڇهه سال مقدس ڌرتيءَ ڏانهن ايندي ويندي گهاريا. جڏهن وڏي پادري سندس هُن دنيا جو ذمو کنيو تڏهن وري هو روس ڏانهن موٽيو. 1851ع ۾ هن نيون تحريرون پادريءَ جي حڪم تي تعميل ڪندي وري ساڙي ڇڏيون (باقي ڪجهه پنا سندس دوستن وٽ بچيا هئا) گوگول جي هن عظيم قرباني سندس صحت ڏانوان ڏول ڪري وڌي. آخر هو ذهني خلفشار جي شدت هيٺ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

فيبروري 1852ع ۾ گذاري ويو. هن جي مرتئي تي هزارين ماڻهو آيا، جيڪو هن ڀيرين عظيم ناول نگار لاءِ محبتا جو ايوارڊ هيو.

روسي نثر نگاري، گوگول جي شخصيت ڀٽاندڙ اصلي روپ (Originality) اختيار ڪيو ٿو ڏسجي. پشڪن جي ڪهاڻين جي شهرت لرمنتوف جا ناول ۽ اهڙا ڀيا نئيا ليکڪ ۽ وڏا لکاري هڪ طرف پر گوگول پهريون ناول نگار هو جنهن جي عظمت ۽ رتبي يورپي ادب کي بہ مالا مال ڪيو ٿو ڏسجي. هن رومانوي لکاريءَ جيڪو سچائيءَ واري اسڪول جو سربراهہ بڻيو، هي عجيب مزاحيہ نگار، جيڪو پنهنجي فن کي ٽيڪو ڏيڻ خاطر مذهبي رضامندي لاءِ واجهائيندي جيڪو ظاهري طرح کلندڙ ۽ اندر منجهہ ڳوڙها ڳاڙيندڙ هڪ مزاحيہ ڪهاڻيڪار، جنهن جي حياتي بور ۾ بي اثر گذري، ان کي عالمي ادب منجهہ هڪ نمايان مقام حاصل ٿيو. هن جي اسٽائيل ٻوليندڙ ۽ سريلي، ساڳي وقت جيڪا مزاحيہ جملي بازي منجهان وڏي ڪري اوچي گفتار حاصل ڪرڻ، سهڻا لفظ ۽ سريلا جملا، هن کان اڳ روسي نثر منجهہ ورلي ڪي موجود هئا. هن جي ٻولي فصاحت ۽ سلاست سميت ڀهاڪن سان ڀُر، مروج ڪرمزن ليکڪن کان گهڻو مٿي هئي. هن کان پوءِ وارا neo_realists لکاري روس جا قلمڪار، علامت نگار گوگول کي پنهنجو استاد ڪري مڃڻ لڳا هئا.

سال 1840ع کان 1860ع، ويهن سالن جي عرصي وارا ليکڪ ٽالسٽاءِ ۽ ترجينيف کان علاوه گوگول جي اثر هيٺ رهيا ۽ ڪيترا تہ هن جي نقالي بہ ڪرڻ لڳا هئا. ان ۾ ڪو عجب ناهي تہ بيلنسڪي ۽ بعد ۾ چرنيشيوسڪي گوگول کي روسي ادب جو مهندار ليکڪ مڃڻ لڳا ۽ سچائيءَ واري اسڪول (Realistic School) جي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

ڪاميابي ۽ عظمت بنا ڪنهن مغالطي جي هن جي ڪاتي ۾ لکندا رهيا. نہ فقط ادبي ادارا پر درسي ڪتابن وارا بہ هن کي روسي حقيقت پسندي جو ليڊر ۽ اياريندڙ چوندا رهيا. گهڻا وڏا نقاد پڻ هن کي رومانٽڪ چوڻ لڳا ۽ هن جي تعريف هڪ خوابن جي موجد، طويل نظر رکڻ وارو، جادوئي ڪهاڻين ۽ نرمل نظارن جو خوبصورتي سان بيان ڪندڙ ليکڪ طور تسليم ڪيو ويو.

It was only in Gogol's works that Russian prose affirmed its artistic originality.

He is recognized initiator and leader of Russian Realism.

A great many critics call him romantic and admire him as a creator of dreams and fantastic visions, a mystical narrator of weird fanciful stories.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

باب ستون

# بيلنسڪي کان هرزن تائين

# FROM BELINSKY TO HERZEN

زار نڪولس پهرين جي حڪمرانيءَ وارا ٽي ڏهاڪا 1825ع کان 1855ع تائين جيڪي ڪجهه لکيو ۽ لکرايو ويو ان ۾ گهٽي ياڳي اطاعت ۽ وڏاءَ جو ذڪر هو. سياسي ۽ سماجي پيچ ڊاهه ملڪ کي مفلوج ڪري ڇڏيو هو. ڪي مٿي ڦريا ڪن جاين تي قلم جي ڪرت کي جاري رکندا آيا پر انهن جي لکڻين کي به روسي آمر ڏاڍ سان ماٺو ڪندا رهيا. نڪولس پهرين ۽ هن جي ڪينگرو ڪورٽ ڊسمبر وارن انقلابين (Decembrists) جي تحريرن کان ڊنل هئا ۽ هنن کي سرخ جهنڊي وارن کان وڏو خطرو هو ڇاڪاڻ ته اهي ”لبرلزم“ جا پرچارڪ هئا. تنهن ڪري نڪولس ۽ سندس ساٿي آزاد خيالي سان هر وقت ٽڪر آءِ ۾ رهيا. اندروني ملڪ ۽ بيروني ملڪن منجهه پڻ. هي اهو وقت هو جنهن ۾ روس يورپ منجهه پڻ چنبا کوڙڻ شروع ڪيا هئا. اهڙي طرح زار فرانس، اٽلي ۽ آسٽريليا ۾ مداخلت ڪئي ته جيئن تخت ۽ تختن (Throne and altars) جو بچاءُ ڪري سگهجي. ان سان گڏ هن هنگري ڏانهن به فوجون موڪليون ته جيئن انقلاب کي راهه ۾ رنڊڪون وجهي سگهي.

سرڪاري فرمان هيو ته آمريت، مذهبي ڏاڍ ۽ ڏمر، سرمائيداري جي عظمت، هيٺين ڪلاسن جي خاموش اطاعت ۽ خانداني حڪمراني جو رواج وغيره قائم ۽ دائم رهي. انهن اصولن کي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

حڪومت جا ٿنڀا ۽ رهنماءُ اصول ڪري مڃيو ويجي. تنزل، تباهہ حال هجڻ، جهالت ۽ اطاعت، قومي ورثو ڪري تسليم ڪيو ويجي، جن کي ملٽري ڏاڍ ۽ مرڪزيت هيٺ تسليم ڪيو ويجي. حڪومت پوليس اسٽيٽ بڻيل هجي، آرمي وارا لالچ خور هجن، رشوت خور آفيسر شاهي، اهي سڀ وقت جي راڄ شاهيءَ جا ٿنڀا ۽ سياسي آقا بڻيل هئا. (ان دور جي مخالفت جون جهلڪيون ان وقت جي انقلابي اديبن، گوگول، پمسڪي ۽ سندن همعصرن جي تحريرن منجهہ ملن ٿيون).

سماجي معاملن آڏو هر جاءِ تي ڳاڙهي پٽي (Red Tape)، انتظامي امور هٿ گرم ڪرڻ کان سواءِ انچ بہ اڳتي نہ چرن. عام ماڻهو ۽ غلام، جاگيردارن پاران سخت تشدد جو شڪار، هارين منجهان زوري پرتي، پنجويهہ سال فوج ۾ غلامي لازمي، ڦٽڪا، لوهي شيخن سان ڏنڀ، جيل، ملڪ بدري، اهي هئا انصاف ڪرڻ جا انوکا نمونا. سموري مخلوق، ظلم ۽ تشدد جي وسيلي ۽ ان طرح سان حڪومتي نظام هلايو پئي ويو. ملڪ اندر رهندڙ قوميتن: پول، يهودي، ڪوهہ قاف واسي، لٿوين وغيره مٿان تشدد، روسي مذهب سان اختلاف رکندڙ ۽ نسلي امتياز وارا گروهہ انهن مٿان ايڏو تہ ظلم ۽ تشدد ڪيو ويندو هو جو اهي مجبور ٿي سربيا ڏانهن پڇي ويندا هئا ۽ ڪيترا تہ چين ۽ ڪئناڊا ڏانهن پڇي هليا ويا.

اپر ڪلاس وارن سان اهڙي جُٽ ڪونہ ٿيندي هئي، انهن کي وري جاسوس ۽ ڳجهن ادارن وارا پيا پريشان ڪندا هئا تہ اهي بہ ملڪ خلاف يا روسي پاليسين خلاف تہ ڪنهن سازش ۾ شامل ناهن. نڪولس پهرين ۽ ان جي ساٿارين لاءِ انقلاب جو نالو ڇڻ زهر برابر هو. اهي، اها زهر يورپ وارن سان منسوب ڪندا هئا، ان ڪري ٻاهر وڃڻ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

تي ۽ اتان روس ۾ اچڻ وارن مٿان سخت چوڪسي ڪئي ويندي هئي. ان کان علاوه تحريرن مٿان بہ سخت سينسرشپ هئي. هر قسم جي لکت، ادب، شاعري ۽ ناول ۽ اسٽيج ڊرامن مٿان بہ سخت سينسرشپ نافذ ڪيل هئي. ٻاراڻن ڪتابن ۽ تصويرن کي بہ سختي سان پرکيو ويندو هو. هڪ لکاريءَ انهن کي "رت پياڪ ڪتا" هجڻ جو لقب ڏنو هو. حيران ڪُن ڳالهہ اها آهي تہ فزڪس جي درسي ڪتاب ۾ *Forces of nature* کي بہ دين خلاف ڪوٺيو ويو ۽ رڌ پچاءَ جي ڪتاب ۾ هڪ جملو لکيل هو تہ: Free air is necessary for dough کي بہ اصلاحي معنيٰ تحت سينسر ڪيو ويو هو.

هڪ شاعر پنهنجي محبوبہ کي Above everything in the world چيو هو ان کي بہ سخت تنبيهہ ڪئي وئي هئي تہ، ديوتائن ۽ شهنشاهہ کان مٿي ڪابہ شيءِ ناهي ۽ ڪوبہ ماڻهو يا لکاري اها بدعت نہ ڪري. ڪنهن آرٽسٽ برفاني گاڏي کي ڪتن کان ڇڪرائيندي تصوير جوڙي هئي، اها سينسر ڪئي وئي، ڇو تہ پوليس جي اجازت ڪونہ ورتي وئي هئي. ڪنهن لکاريءَ انتظامي امور جي ڪجهہ غلطين جي نشاندهي ڪئي هئي، ان تي بہ بندش وڌي وئي تہ "سچ لکڻ بہ ڏوهہ برابر آهي".

تعليم مٿان بہ وڏي چوڪسي هئي. نڪولس ون يونيورسٽين ۽ اتي جي استادن ۽ شاگردن جي آزاد خياليءَ کان بہ ڏاڍو خائف هو. هن جي چوڻ مطابق اهي ادارا انقلاب جا اڏا آهن. هو چوندو هو تہ تعليم هارين ۽ غلام جي ٻارن جي ذهنن مٿان برا اثر ڇڏي ٿي، ڇاڪاڻ تہ هنن ۾ سوچڻ جي سگهہ پيدا ٿئي ٿي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

سال 1848ع کان پوءِ يورپي انقلابي اثر جي اپار ڪري شهرين جي يورپ وڃڻ مٿان پابندي نافذ ڪئي وئي هئي. يونيورسٽين منجهه قائم ڪيل چيئرس، فلاسافي ۽ يورپين جي دستوري قانونن مٿان پابندي وڌي وئي. منطق ۽ نفسيات جا علم مذهبي اسڪالرن کي پڙهائڻ لاءِ سونپيا ويا. نيچرل سائنسز جي علم کي بي ديني علم سڏيو ويو ۽ سوشل سائنسز کي وري عوامي اپار جو ذريعو ڪوٺيو ويو.

روسي تعليمي سوسائٽي سرڪاري اصولن تحت ماڻهن کي مجبور ڪيو ته اهڙي گهٽيل ۽ ظالم ماحول منجهه رهن ۽ وري خوش به رهن. اهو هيو ان دور جو حال، جنهن کي سرڪاري اهلڪار "سونهري دور" Golden Age چوندا هئا، جيڪو دراصل نڪولس ون جو آمراڻو دور هيو.

آخرڪار، انهن سرڪاري ليڪڪن منجهان هڪڙو ماڻهو باغي ٿي پيو جنهن چيو ته اسان کي سائنس، فلاسافي، پيار، ملٽري آرٽ، مسٽيسزم ۽ ٻيا علم ضرور پڙهڻ گهرجن ته جيئن اسان جي سماج مان جهالت ۽ ترڙاٽ/ هلڪڙائپ ختم ٿي سگهي. اهو هيو اليگزينڊر هرزن ( Alexander Herzen ) جيڪو پاڻ سرڪاري ڏر جو ميمبر هيو ۽ ان دور جو قابل نقاد پڻ. ان سونهري دور جي ميمبرن منجهان هڪ شاعر به اڀريو جنهن جو نالو پشڪن هيو. هن سان شامل شاعرن جو هڪ سجاڳ گروپ به هيو. جن منجهان هرهڪ پنهنجي پنهنجي شاعريءَ جي لاڙن جو مهندار ڪري مڃيو ويندو هو. مثال طور: لوڪ ادب، صوفيانه، ڏکن وارو لاڙو، هاري حقدار ترجمو ڪرڻ وارا وغيره. انهن گڏجي قومي شاعريءَ وارو رتبو حاصل ڪيو. ان کان پوءِ چاليهن واري ڏهاڪي منجهه وري نثر نگاري اوترو ئي ڪلاسيڪل ۽



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

قومي رنگ روپ سان اپري، جنهن جا مهندار هيا گوگول ترجنيف ۽ ٻيا همعصر، جن عالمي ادب جي ليول حاصل ڪئي، اهي هئا تالستاءِ ۽ دوستووسڪي، اهو دور چاليھ ۽ پنجاھ جي ڏهاڪي تائين اچي پهتو.

ان کان پوءِ ڪتاب ڇپجڻ لڳا، صحافت ۽ تنقيد نگاري ۾ اضافو ٿيو. رسالا، هفتيوار ۽ ماهوار ۽ روزانہ اخبارون ڇپجڻ لڳيون ۽ اهي پوري ملڪ ۾ پهچڻ لڳيون. هن ئي دور ۾ نيشنل اسڪول آف پيٽنگ قائم ٿيو. روسي ميوزڪ جوڙي وئي ۽ ان جو ذڪر هرهنڌ ٿيڻ لڳو. ٿيٽر بہ وڌو نانءُ ڪڍيو وڏا ناليوارا ايڪٽر: شيپڪن، موڪلوف ۽ بيليٽ وغيره ميدان تي اچي ويا.

هن دور جي تمام مشهور تبديلي جيڪا آئي، ان تحت اعليٰ تعليم يافتہ طبقو جڙيو جن جي سربراهي هيٺ فلسفو تاريخ، سياسيات ۽ ادبي تنقيد نگاري جهڙا علم پڙهيا ۽ پاڙهيا ويا. پوليٽيڪل رومانويت ۽ ان بعد ادبي رومانويت آخر ۾ فلاسافيڪل رومانويت، سيني تي تحقيق ٿيڻ لڳي. يورپ جي اثر هيٺ جتي بائرن ۽ اسڪاٽ پڙهيا ويا، ان کان پوءِ جرمن ادب فلسفي، حسن شناسي ۽ هربر، شليگل، فچي ۽ پوءِ هيگل ۽ شِلر جا عاشق بہ پيدا ٿيا ۽ پڙهڻ وارن جو تعداد بہ وڌيو. جرمن رومانوي فلاسافرن جو مطالعو پڻ ٿيڻ لڳو. نوجوان طبقو تمام گهڻي تعداد ۾ مطالعي جي ميدان ۾ ٽپي پيو. ترجنيف اهڙن جوانڙن کي گفتار جا سورما هجڻ جو عنوان ڏنو. ايتري تائين جو فچي، شليگل ۽ گوئٽي جي فائوسٽ تي بہ مطالعو ٿيڻ لڳو. اهڙي طرح سان روس جي ڏتڙيل سماج جون اکيون کلي ويون ۽ اهي پنهنجي اديبن، عالمن ۽ فلاسافرن ڏانهن رهنمائي لاءِ واجهائڻ لڳا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

ان وقت جي علم ادب مٿان جنهن لکاريءَ جي ڇاپ هئي، ان جو نالو هو بيلنسڪي (ڄم 1811) اسڪول ۽ يونيورسٽي مان تڙيل، غربت ۽ صحت جو ماريل، قدرتي ذات ۽ ڏانوَ سان روس جو وڏو ذهين نقاد بڻجي ويو. سال 1934ع کان وٺي پندرنهن سالن تائين روسي ادب ۽ سماج جو مهندار لکاري رهيو. هن جا مضمون جيڪي پشڪن، گوگول، لرمونتوف ۽ ٻين ننڍين وڏن لکارين مٿان هن لکيا، ڏاڍا پسند ڪيا ويا ۽ بحث هيٺ رهندا آيا.

بيلنسڪي جا ٽي دور ليکيا وڃن ٿا، هڪڙو شاعريءَ ۽ فلسفي وارو جنهن اندر سماجي سورن کان وٺي سياسي سچائي وارو ۽ سماجي سڌار وارو رجحان، ان منجهان بيلنسڪي پنهنجي عقلمندي سان ڪامياب ٿي نڪري آيو. هن جو چوڻ هو تہ ماڻهو پنهنجا قدر پاڻ جوڙي ٿو جيڪي هن جي سچائي کي روشن ڪن ٿا. حسن، انصاف ۽ سچ انساني زندگي کان اُتم نہ سمجهڻ گهرجن، بلڪ زندگي گهارڻ منجهہ انهن کي حاصل ڪرڻ جي جستجو شامل هجي ۽ اهڙي طرح حياتي منجهہ انهن جي حاصلات جي ڪوشش جاري هجي ۽ اهڙيون نعمتون حاصل ڪري دم ڪڍجي.

بيلنسڪي ٻئي دور ۾ فرانس جي انسانيت شامل سوشلزم طرف قدم وڌائي ٿو، ان جي اثر هيٺ هو مثبت رجحانن کي اپنائي ٿو. ٻين همعصرن جيان هو سوشلزم منجهہ نئون دين پسي ٿو ۽ ان طرف اخلاقيات جي اعليٰ قدرن جي هجڻ ڪري مائل ٿي وڃي ٿو. هو سماجي ۽ سياسي مسئلن کي سچائي سان پرکڻ لاءِ چوي ٿو.

بيلنسڪي جي پوياڙيءَ وارن ڏينهن ۾ سال 1848ع دوران هرزن فرانس جي ملوڪيت جي خاتمي جي ڪوشش ڪري ٿو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

بيڪونن ۽ دوستووسڪي روس ۾ پيٽرسبرگ منجهه ڳجهيون گڏجاڻيون ڪن ٿا.

بيلنسڪي پنهنجي ٽين ۽ آخري دور منجهه رومانٽڪ نقادن کان پاسيرو ٿي ويجي ٿو. حسن شناسيءَ کي بہ الوداع ڪري ٿو ۽ آخر ۾ سماجي رستو اختيار ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو. هن جو چوڻ هو تہ هر لکاري پنهنجي ماحول مطابق لکي ٿو ۽ هن جي پرک بہ انهن سماجي سچاين جي روشني ۾ ڪئي وڃي. ان سان گڏ هن وٽ قوميت وارو جذبو بہ ضرور موجود هجي. آخر ۾ هو سچائيءَ جو حمايتي ٿئي ٿو ۽ گوگول کي نيچرل اسڪول جو سربراهہ سمجهي ٿو ۽ فن جي اهميت، سماجيات سان سلهاڙيل هئڻ جي تلقين ڪري ٿو. مرڻ کان اڳ هن لکيو تہ فن براءِ فن جو ڪو وجود ناهي. فن پاڻ سچائي پيدا ڪري ٿو، جنهن اندر سمورا سچ سمايل هجن ٿا، اڄ جو فن ۽ ادب اڳ کان تمام گهڻو سماجي مسئلن جي نشاندهي ڪري ٿو ۽ روسي نيچرل اسڪول بہ سماجي مسئلن جي سڌارن ۽ واڌارن طرف روان دوان آهي. هڪ سماج سڌارڪ مغرب جو طرفدار ۽ محب وطن جي حيثيت سان هن جو پڪو ويساهہ هو تہ روس غلامي کان نجات حاصل ڪري، تهذيب ۽ تمدن منجهه ڪامياب تجربا ڪري ۽ انسانيت جي علمي ۽ شعوري بلندين تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪري.

هي سنهڙو ۽ سيپڪ مڙس ڏاڍو بهادر هو. پنهنجي ڏکايل ڏيل ۽ ڦڦڙن منجهه فرق سميت اصولن مٿان قربان ٿيندو رهيو. هن کي ويڙهاڪ شخص ڪري ڪوٺيندا هئا. اهو ئي سبب هو جو هن جا فيصلا ڏکيا ۽ شديد تنقيد سان ٽمٽار هوندا هئا. هو چوندو هو تہ منهنجون تحريرون ۽ منهنجو اندر وارو لکاري هڪٻئي کان جدا ٿي نٿا



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

سگهن. منهنجي قوت منهنجي جذبن سان سلهاڙيل آهي، نہ ڪي صلاحيت سان.... روسي ادب منهنجو رت آ ۽ زندگي آهي.

ان ڳالهہ ۾ ڪو وڏائ ناهي تہ اڻويهين صديءَ جي روسي ادبي تنقيد نگاري کي پختو ۽ پائيدار ڪرڻ وارو بيلنسڪي هيو. هو استاد بڻيو قانوندان ٿيو ۽ ايندڙ نسلن لاءِ سماجيات کي ساڻ کڻي هلڻ وارو ماڊل بڻجي ويو.

ويهين صديءَ مٿان بہ هن جي ڇاپ ڇانيل رهي. مارڪسوادي هن کي انقلابي جمهوريت جو مهندار چوڻ لڳا، جڏهن تہ مذهبي مهندارن ۽ ادب جي حسن شناسيءَ وارن ٺيڪيدارن هن تي الزام هنيو تہ فن براءِ فن واري ادبي لاڙي کي هن ٽوڙي مروڙي پيش ڪيو آهي.

بيلنسڪي پنهنجي دور جو مهندار ۽ ڪامياب لکاري بڻجي ويو جنهن سچ ۽ سونهن کي موڙ ڏئي سماجي جاڳرتا ۽ سماجي شعور ۽ ساڃاهہ جو ٻج پوکيو.

چاليهہ ۽ پنجاهہ واري ڏهاڪي ۾ روسي ادبي ۽ علمي سڃاڻ شخص تاريخ ۽ سياسيات جا حمايتي بڻجي پيا. بنسبت آفاقي علمن ۽ حسن شناسي وارن لاڙن جي. هنن آڏو اهو سوال اڀري آيو تہ روس جو قومي ڪردار ڪهڙي قسم جو هجڻ کپي مستقبل منجهہ. ان بحث دوران بہ ڏڙا بڻجي پيا. هڪڙا ديسي سيڻ ڪجن جا حمايتي تہ ٻيا وري پرديسي پرين جا حامي بڻجي آمهون سامهون ٿي پيا. يعنيٰ سليووفائيلس ۽ ويسٽرنائيزرس (Slavophiles vs Westernizers).

ترجنيف، گرينووسڪي ۽ سندن ساٿي وچٿرا مغرب نواز هيا، جن جو چوڻ هو تہ ملڪ اندر آمريت بدران پارلياماني نظام هجي، وري بيلنسڪي، بيڪونن ۽ هرزن ۽ انهن جا ساٿي جيڪي چاهن پيا تہ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سمورو نظام سياسي ۽ سماجي تبديل ٿيڻ گهرجي. هنن جو چوڻ هو تہ ملڪ جو مستقبل ان ۾ ناهي تہ منجهس ساڻ ڪوڙ ۽ ڪفر، نقلي قومپرستي ۽ (Byzantine) جهڙيون انتقامي پاليسيون هجن پر ان جي برعڪس آزاد خيالي، سائنسي سوچ، انفرادي ۽ اجتماعي آزادي ۽ سموري سماجي ۽ معاشي ڍانچي جي تبديلي هئڻ گهرجي. هرزن (HERZEN)، ان سماجي تبديلي ۽ انقلاب جو پنهنجي فرانس نواز ساٿين سميت وڏو حامي ۽ پرچارڪ هيو.

اليگزينڊر هرزن (Alexander Herzen) (1812_70) روس جو اعليٰ تعليم يافتہ طاقتور قلم ڪار سال 1847ع منجهہ روس مان نڪري ويو. فرانس ۽ اٽلي منجهان گهمندو لنڊن منجهہ سياسي پناهہ وٺي لڏو لاهي ويهي رهيو. هن اتي پريس قائم ڪئي ۽ اتي سمورو بندش پيل مواد پنهنجي ملڪ وارو ڇپڻ شروع ڪري ڏنو. هن جو رسالو The Bell ڇپجي ويو ۽ ڳجهن رستن ذريعي روس اندر پهچڻ لڳو. پنجاهہ واري ڏهي منجهہ هن جي سياسي نظرين وڏو اُڌم مچائي ڏنو ۽ رسالو ۽ هرزن ٻئي مقبول ٿي ويا.

هرزن ڪوشش ڪري ديسي ۽ مغربيت پرست ڌرين منجهہ مفاهمت جو رستو اختيار ڪندي روسي سوشل ٽاٽ نالي اسڪول جو بنياد رکڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن کي هن عوام دوستي Populism جو عنوان پڻ ڏنو.

هرزن لنڊن ۾ رهڻ دوران ڏٺو تہ مغرب منجهہ جيئن تہ آزاد خيالي، منافقي، ڪمينائپ ۽ بي راهہ روي عام جام هئي، تنهن ڪري مغرب منجهہ انقلاب اچڻ مشڪل ٿو لڳي ۽ هرزن وري بہ اهڙي اميد روس اندر قائم رکي. هن جو ايمان هيو ”روحاني سماجيات“ منجهہ ۽



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

بمقابل يورپي سماجي اصولن جي. مزدور اتحاد، هارين جو اتحاد، دولت شاهيءَ جو فقدان روسي عوامي جاڳرتا، جيڪا اڏو گابري پاروٺي جمهوريت کان نفرت ڪندڙ هئي، انهن سڀني ڳالهين جي ڪري هرزن پراميد هيو ته روسي عوام سماجي انقلاب آڻي سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته مغربي دولت شاهي ۽ راڄ شاهي کان هنن کي نفرت هئي. هرزن ۽ بيڪونن ۽ سندن ساٿين جو خيال هيو ته مغرب به روسي انقلاب اچڻ کان پوءِ ئي ان طرف ايندو. هرزن 1854ع ۾ لکيو هو ته وڏا مزيدار به مسئلا آهن، سماجي مسئلو ۽ روسي مسئلو. بنيادي طور تي اهو مسئلو هڪ ئي آهي پر ان جا رخ به ڇئي سگهجن ٿا.

هرزن جون تحريرون الهامي اشارن کان گهٽ ناهن، اهي تمام مزيدار ۽ اندر منجهه پيهي وڃڻ جوڳيون لڳن ٿيون. ساڳئي طرز جا خيال سليووفائيلن جا به هئا ته روس ٿيون روم ٻئجي ويندو، جتي ماڻهن جي روحاني ارتقا نمايان نظر ايندي، وري هرزن ان نتيجي تي پهتو ته هن جو ملڪ سڏو سنئون دنيا اندر سماجي انقلاب جو موجد ٿيندو.

هرزن جا سياسي ۽ سماجي اصول هن جي صحافتي صلاحيتن هيٺ گهٽي ياڳي اسريا ۽ نسريا پر هن جي تخليقي سگهه اجا به سگهاري هئي. Past and Thought جو تخليقڪار هن جون پراثر يادگيريون (ميمايرس) حقيقت پسندي تحت جوڙيل ناول، عقل ۽ فهم پريا مضمون هرزن کي هڪ عظيم نثر نويس ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن، ترجنيف جي راءِ کان به مٿانهان، جنهن هرزن لاءِ هن قسم جي راءِ ڏني هئي ته ”هرزن جي اسٽائيل، جيڪا مڪمل طرح تي انگڙ ونگڙ هجڻ جي باوجود مون کي سُرور بخشي ٿي، اها ڄڻ تازي گوشت جيان آهي“.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

باب ائون

# آئوان ترجنيف

IVAN TURGENEV

(1818 -1883)

اڻويهين صديءَ جي پهرين اڌ ۾ روس اندر جيڪي سوچ ۽ سُرور جا تذڪرا هئا، انهن جو راوي ترجنيف هيو ادبي اسڪول جو سربراهه سچ جو پنهنجي ملڪ اندر مبلغ. يورپ منجهه روسي ثقافت جو غير سرڪاري سفير. هي شاهوڪار نيڪ مرد زندگيءَ جا ٽيهه سال سير و سفر ۾ فرانس ۽ جرمنيءَ لتاڙيندي سموري ڪنڊ ڪي پساريندي وچي برطانوي بيٽن منجهه ڏاپو ڪري ٿو. فلابيئر ۽ زولا، هينري جيمس ۽ برٿالڊ آرباچ جو دوست.سال 1850ع کان 1880ع جي دور وارن ليکڪن ۽ فنڪارن سان سڄاٽپ ۽ اثر رسوخ رکڻ وارو، هن جون لکڻيون يورپ جي وڪٽويا دور جي گهڻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيون، جن ۾ آمريڪا بہ شامل هو. انهن ترجمن جي معرفت پهريون دفعو روسي حياتي ۽ علم و ادب جو تعارف مغربي دنيا منجهه ٿيو.

ترجنيف مختلف يونيورسٽين: ماسڪو سينٽ پيٽرسبرگ ۽ برلن منجهه استينڪيوچ ۽ بيڪونن سان گڏ تعليم پرائي ٿو. بيلنسڪي ۽ هرزن سان گهاٽي دوستي تہ رکي ٿو پر هنن جي نظرين، سوشلسٽ ۽ ريڊيڪل جو اثر ڪونہ ٿو وٺي. هو مغربي تهذيب جو مڃيل حامي، هلڪو انسانيت پرست ۽ آزاد خيال کي پسند ڪندڙ روين ۽ لکتن منجهه انتهاپسنديءَ کان پاسو ڪندڙ هميشہ متوازن،



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

سلجهيل جوان، جيڪو حسن اخلاقيءَ، فن ۽ عقلمنديءَ ڪي سيني ڪان مٿانهون مان ڏيڻ وارو هجي ٿو.

عام روسي جي زندگيءَ ۾ جيڪي عادتون، ظالماڻو انداز، جذباتي نماءُ، ديني دوڪن لاءِ ڏُڪو ڪٽڻ ڪي پسي، وري جڏهن ترجنيف ڪي ڏسجي ٿو تہ پراڻي راءِ تان هٽ ڪٽڻو پوي ٿو. سچ تہ هي سلجهيل ذهن وارو شخص، ڪنهن بہ پارٽي، نسل ۽ گروهہ جو ساٿاري نہ بڻيو ۽ نہ وري ڪنهن سياسي يا فلسفي ڪليسا منجهہ ڪڏهن سيس نوائڻ ويو. هن عقيدي لاءِ بہ نرم ۽ نرمل رويو رکيو. بشمول پنهنجي وڏڙن جي ۽ ساڳيو رويو هن پنهنجي همعصرن جي فلسفي حيات لاءِ قائم رکيو. هي واحد روسي ناول نويس هيو، جنهن ڪنهن بہ فرمائش يا مجبوريءَ تحت قلم ڪي نہ ڊوڙايو. ساڳئي وقت، جيڪڏهن نسلي لحاظ ڪان جذباتي ۽ رومانوي رويا وٽس هيا بہ ڪٽي، تڏهن بہ هن پنهنجو ذهن تڏو رکيو. اهڙو اظهار هن پاڻ ڪندي چيو هو تہ هن جو عقل ۽ فهم هميشہ ماٺار، همدردي ۽ مثبت سوچ وارو رهندو آهي.

ترجنيف پنهنجي تحريرن جي روشنيءَ ۾ پاڻ ڪي عظيم لڪاري ثابت ڪري ڏيکاريو آهي. هو يورپ ۽ سينٽرل ايشيا مان جتان بہ گذريو آهي، اتان جي ماڻهن جي مايوسين ۽ دردن جا داستان، ڪردارن جا نمونا چونڊيندو ۽ گهڙيندو رهيو آهي. زميندار، هاري، غلام، هارين جا ٻار، غريب عورتون، جيڪي سورن جي سوغات سمجهي سيني سان لڳايون گهمنديون وتن ٿيون، نرمل ناري، عاشق جي بيوفائيءَ ۾ حياتي اجاڙ ٿي سمجهي، اهڙي قسم جا بنا پلاٽ قصا ۽ ڪهاڻيون، سال 1852ع ۾ ڇپجي ڪتاب جي روپ ۾ ظاهر ٿيون ۽ جلدي ڪلاسڪ بڻجي ويون. پوري صديءَ دوران اهي اسڪولن ۾ هر ماڻهوءَ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

لاءِ وندر ۽ نصيحت جو باعث بڻيون. انهن منجهه غلامن کي بہ انسانن وارا امنگ ۽ اُڌما، محبتون ۽ ماڻا، خواهش ۽ ضرورتن هئڻ وارو ڪري ڏيکاريو ويو آهي، جيڪي ان کان اڳ ۾ فقط هنن جي مالڪن ۽ خالقن وٽ ڏيکاريون وينديون هيون. ترجنيف غلام ۽ مالڪ ، تشدد ۽ ظلم کي سڌو بيان ڪرڻ بدران حالتن جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ همدردي وارو عنصر پاڻ ئي ظاهر ڪري پيو تہ ڏوهي ڪير آهي ۽ بي ڏوهي ڪير! اهڙي طرح سان ٻولي، منظر نگاري، سريلائپ هن جي تحرير کي چار چنڊ پئي لڳائي ڇڏيا.

ترجنيف جي لکيل ڪتابن جو وچور هن طرح آهي:

1. ننڍيون ڪهاڻيون ۽ ننڍا ناول:

*First Love, Acya, Spring freshets,*

2. وڏا ناول:

*A nest of Gentle folk_ RUDIN_ On the Eve*
*Fathers and Sons_ The Virgin Soil _Smoke*

3. شاعري: (نثري شاعري) *SENILA*

ترجنيف شاعري ڪرڻ جو سبب ٻڌائي ٿو تہ، مان موت ۽ انسان جي خاتمي واري خوف کان بچڻ ٿو چاهيان. هن پنهنجي دوست کي هڪ خط لکيو، جنهن ۾ هن لکيو تہ: مان خالي آسمان کي ڏسي نٿو سگهان، پر حياتيءَ کي سنو ڪرڻ ٿو چاهيان، ان جي حقيقت ان جا وهم، ان جا حادثا، ان جون رسمون، ان جي تيز گذرندڙ خوبصورتي. هن چيو تہ ماڻهوءَ کي پنهنجي قسمت کي وسارڻ نہ گهرجي. جواني، بهار، خوبصورت دوشيزائون، خوب سيرت خواتين، جيڪي پيار آڏو پنهنجو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سينو سپر ڪن ٿيون. اُهي هئا، هن جا پسنديده تصورات، جيڪي وڏندڙ حياتيءَ سبب انڌيرن جي ور چڙهي وڃن ٿا.

نقادن خاص طور تي دوستووسڪي ۽ ٽالسٽاءِ هن کي شهرت جو بکيو ۽ ڪاريگريءَ سان اٽوٽندڙ واقعا بيان ڪندڙ ڪوٺيو هو. نقاد چا بہ چون، هن جو تاريخ ۾ نالو هڪ سچي لکاري جي روپ ۾ قائم رهندو. هن جو فن، بولي، سريلو سٽاءُ، ڪيس روس جي اٽويهين صدي جي وڏن نثر نگارن منجهہ تسليم ڪري ٿو.

Turgenev's stories were based on real facts and dealt with living models. His works have an aesthetic unity dependent on style and singleness of purpose.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# گنچروف ۽ آسترووسڪي
# GONCHAROV AND OSTROVSKY

آئِوَن گنچروف (1812_91)، پنهنجي آبائي جاگير ۾ وولگا نديءَ جي ڪناري تي هڪ ننڍڙي شهر ۾ ڄائو جتي هن جا وڏا صوفن مٿان ٽنگان ٽيڙيون ليٽيا پيا هوندا هئا ۽ هنن جا منشي ۽ چاڙتا ٻتاڪون ۽ هاري ويٺا ٽِنَ ٻڌندا هئا. هن اتي جي عام تعليم حاصل ڪئي ۽ ٻاويهن سالن جي عمر ۾ سرڪاري نوڪري تي چڙهيو. هو پنهنجي ٽيٽهن سالن جي نوڪري واري عرصي اندر مختلف عهدن تي رهيو. سينسر ڪان وڏي ڪري انتظامي لڙهيءَ ۾ لٽڪندو رهيو. هلڪو مذهبي ۽ مجيل ڪُئنارو پنهنجي دنيا اندر بند رهيو. سال 1856ع ۾ اوچتو ٻاهرين دنيا جو دورو ڪرڻ لاءِ نڪاءَ ڏنائين، جنهن جو ذڪر هن پنهنجي پستڪ 'Frigate Pallas' اندر ڪيو آهي. پر هي ٿلهو متارو، وڏين مُڇن ۽ ٿڪل خيالن وارو مڪمل طور ڪاموڪي جي ڏِک ڏيندڙ ڪو لکاري بہ هيو. هو پنهنجي اندر جي اُڏمن (ٻئي پاسا) پلو ۽ برو هجڻ جو رکوال بڻجي، نقلي هيروز جون حياتيون خوشين ۽ خوابن سميت گهڙيندي ٽن ناولن جو خالق بڻجي ويو. هو خاموشيءَ سان دل ۾ درد سانڍيندي قلم جي ڪرت ڪندو رهيو. هن پهرين ناول 'Oblomov' ڏهن سالن (1849_59) اندر مڪمل ڪيو ۽ ٻئي ناول *'The Precipice'* کي ٻين ڏهن سالن (1859_69) منجهہ پورو ڪيو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

هو پنجتيهن سالن جو هو ته هن پهريون ناول *'A Common Story'* ڇپائي پڌرو ڪيو عوام ۽ نقادن پاران داد مليس ۽ هن جي ناول کي فطرتي نموني جي اظهار جو ماڊل ڪري مڃيو ويو. هن جي سوانحاتي ڪاوش جو هيرو اليگزينڊر آڊيو صوبائي ليول جو خيالي پلاوَ پچائڻ وارو، شاعري ته ٽڪل ڪري ٿو پر خواب وري وڏا ڏسڻ لڳي ٿو. سندس حقيقت پسند چاچو پيٽر اهڙي گن مهٽ ٿو ڪريس، جو همراهه خياليءَ پلاوَن کان پٺا ڏئي پڇي وڃي ٿو. هو ننڍي سرڪاري ڪلارڪي مان هٿ پٽي ڪنهن اٽچاٽل دولتمند ڇوڪريءَ سان شادي رچائڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو.

گنچروف جو اهم ۽ طويل ناول 'Oblomov' پڻ آتم ڪٿا آهي، ان جو هيرو تخليقڪار جيان وولگا جي ڪناري جنم وٺي ٿو، اتي ئي سستي ۽ ڪاهلي منجهه خوشامدڙين جي وچ ۾ هو سچائيءَ کان پري رهي ٿو. هن جا غلام سندس ڪم ڪار ڪندا رهن ٿا. ان وچ ۾ هو سينٽ پيٽرسبرگ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺي نئين نسل جي تصوراتي دنيا سان گڏ هلڻ چاهي ٿو. هو هوشيار ۽ رحمدل آهي، پر سستي ۽ ڪاهلي واري ڪيس جو سُتي ۾ پيياريل هجي ٿي، ان ڪري وڏن ڪمن جي ويجهو ئي نٿو وڃي. هو صوفي مٿان ليٽي ڏينهن ڏٺي جو خواب ڏسڻ کي ترجيح ڏئي ٿو. هن جي همت اڌ رنگي بيماريءَ جي سٽيل، ڪم کان بي عملي، ڪاهلي ۽ سماجي عظمت جي نشاني آهي ۽ ڪم يا عمل ڪرڻ پٽ پاراتي جيان آهي. اولگا لاءِ هن جو پيار ڪيس بيداري طرف ڌڪي ٿو پر هو وري به ڏٻڻ ۾ ڦاسي ٿو ان تي پريشان ٿي وڃي ٿو ته ڇوڪري ته قابل ۽ عمل ۾ يقين رکڻ واري آهي ۽ مان هن کي ڪيئن سنڀالي سگهندس، اهو سوچيندي اولگا مان هٿ ئي ڪڍي وڃي ٿو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

هوءَ آخر هن جي اسڪول واري دوست سان شادي ڪري ٿي ۽ اهي ٻئي هن کي ڪاهليءَ جي ڌٻڻ مان ڪڍڻ چاهين ٿا. آخر اوبلوموف حياتي جا آخري ڏينهن هڪ اڻ پڙهيل بيواهہ آگاٿا جي گهر ۾ گهاري ٿو. هوءَ سٺيا ڪاڏا تيار ڪري هن جو پيٽ پري، ڪيس ٻالڪپڻي طرف ڌڪي وجي ٿي، جتي هو ڪائي پيٽ پري، ننڊ ۽ خوابن ۾ رهي ٿو.

آبلوموف کي آخر بيمار سمجهي مستقل بيمار ڪري ڪوٺيو ويجي ٿو. هڪ نقاد آخر هڪ مضمون لکيو تہ: آبلوموفزم آهي ڇا؟ جواب اهو ڏنو ويو تہ اها هڪ بيماري آهي، جيڪا غلامن، مزدورن منجهان اُپري مالڪن ۽ زميندارن تائين پهچي ٿي ۽ ان جي اثر سبب ملڪ ۾ تنزل ۽ تباهي جو باعث بڻجي ٿي. مٿين خوشحال (ڪلاسز) گهراڻن جو ڇوڪر آ تہ ڪم ڪرڻ مٿين ڪلاس وارن لاءِ سماجي توهين ۽ نالائقي آهي، وڏي ماڻهو ٿيڻ جي نشاني آهي، ’آبلوموفزم‘ جنهن کي آخر سماجي عمل ڪوٺيو ويو. ويهين صديءَ جي نقادن آبلوموفزم کي نفسياتي الجهاءُ ڪوٺيو. جيڪو حقيقت کي مڃڻ کان انڪاري هجي ٿو ۽ ٻاراڻي ضد ۽ نابالغ رويو بڻجي ٿو جنهن مٿان مشرقي قسمت واري نظرئي جو پاڇولو هجي ٿو. آبلوموف جو حياتيءَ کان پڄڻ اهو اعتقاد ڇيو وڃي ٿو جنهن تحت ڇيو ويندو آ تہ هر عمل کان اڳ ۾ سوچ ڪرڻ گهرجي. هن جو ڇوڪر هو تہ هر عمل ۾ تنگ اڙائڻ غير فطري ڳالهہ آهي، جيڪا هر روسي منجهہ نہ هجڻ گهرجي. اها ايشيا جي مشهور نشاني آهي تہ ڪم نہ ڪيو وڃي، اهو ئي سبب آهي، جو هر روسي اندر هڪ ننڍڙو آبلوموف موجود هجي ٿو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

آبلوموفزم بابت کھڙي بہ تشريح ڪئي وڃي، پرناول سٺ جي ڏھاڪي ۾ وڏو ڌاڪو ڄمايو ۽ ان ڪان پوءِ ان کي روس جي عظيم تخليقن جي لسٽ منجھ شمار ڪيو ويو.

سٺ جي ڏھاڪي منجھ ئي ھر ماڻھوءَ جي ھٿن جي زينت بڻيل ۽ سموري عرصي جي حالتن جو تفصيلي پوتاميل، گنچروف جو ٽيون ۽ آخري ناول 'The Precipice' کي ڪو نيو وڃي ٿو. ان ۾ ھڪ علائقي Volga جو ذڪر ڪيل آھي. منظر نگاري ۽ چند ڪردارن جي ڪارنامن جو تفصيلي جائزو ورتو آھي. ان ۾ ھڪ ڏاڏيءَ ۽ ان جي چمڪيلي پوٽيءَ ھڪ پينٽر وغيره جا ڪردار چٽيا آھن، جيڪي ڪردار نگاريءَ جي پئمانن مطابق مڪمل ڪردار 'Round Characters' لڳن ٿا. انھن سان گڏ ڪيترا ننڍا Flat ڪردار بہ موجود آھن، لڳي ٿو تہ جڻ ڪا پئنوراما پيش ٿيل آھي.

اھا حقيقت آھي تہ سٺ واري ڏھاڪي منجھ بورجوا ۽ مڊل ڪلاس پاڻ کي مٿي آڻڻ ۽ اثرانداز ٿيڻ ۾ ڪوشان ھئا پر اھا اُپار معاشي ۽ سماجي حالتن سان سلھاڙيل ھجڻ ڪري اپري نہ سگھي؛ جاڪاڻ تہ سماجي ميدان ۾ معيشت تي حاوي طبقو واپاريءَ جو بہ ھيو. ان واپاري طبقي کي ڳولي لھڻ وارو ھيو، ھڪڙو جاکوڙي اليگزينڊر آسترووسڪي 'Alexander Ostrovsky' (1823_86)

آسترووسڪي ماسڪو جي واپار ۽ ننڍن مسئلن (Equity) واري ڪورٽ ۾ ڪلارڪ ٿيو جتي ھن کي وسيع موقعا مليا، پيداواري ۽ وچين طبقي جي وچ ۾ معاشي مسئلن کي پرکڻ ۽ پروڙڻ جا. نديءَ جي ھن پار ڪيتي ٻاڙي ڪندڙ ڏاڙھيءَ واري نسل جي زرعي ۽ مارڪيٽ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

وارن جو ورتاءُ، ھڪبئي سان ۽ پوءِ استعمال ڪندڙ (Consumer) طبقي سان.

آستروسڪي جو واپاري طبقي جي دولت جي زور تي عام ماڻهن سان ورتاءُ ڊڪٽيٽر کان گهٽ ناهي هوندو. هو دڪان تي بدتميز ۽ بد مزاج آهي ته گهر اندر به ظالم لڳو پيو آهي. هن جو اهڙو ڪردار سمودر 'Samodur' هوندو آهي. جيڪو جنهن مهل گهر ۾ داخل ٿئي ته سمورا گهر ڀاتي گوڏن ڀر جُهڪي ڪيس ڪيڪارڻ تي مجبور ڪيا ويا آهن. اگر ڪنهن کان ڪا ڪوتاهي ٿئي ته ان کي لتن، مڪن ۽ چهبڪن جي چاشني چکائڻ ۾ دير ئي نٿو ڪري.

هڪ ٻيو واپاري بولشوف پنهنجي ڌيءَ جي لاءِ نياڻو چونڊڻ وقت گهوٽ ڌر جا سڀ اعتراض رد ٿو ڪري. هو چوي ٿو ته ڌيءَ منهنجي آهي، ان کي مان پاليو آهي ۽ مان هن جي حياتي جو واحد وارث آهيان. هن لاءِ ڪهڙو به فيصلو ڪرڻ جو حق فقط مون وٽ آهي.

آستروسڪي جي ڊرامن ۾ گهٽي ڀاڳي واپار، ملڪيت، شادي، ڇوڪريون، جن کي وڪري جو وکر ڪري سندن واپاري والد پئسن پنيان نيلام ڪن ٿا. لڳي ٿو ڄڻ اونداهي دور جي جهلڪ هن جي ڊرامن ۾ نظر اچي ٿي.

آستروسڪي مزاحيه ڊراما به جوڙيا. انهن ۾ روسي حالتن تي ايتري ته چٽر سرس هئي، جو ڪيترن مٿان بندش وڌي وئي.

هن جو مشهور مزاحيه ڊرامو هيو: 'The Thunder Storm' (1860) جنهن لاءِ ڪنهن نقاد چيو هو ته اهو اونداهيءَ منجهه ڪرڻي جيان آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

ڊرامي جي هيروئن 'Katerina' شاعره ۽ مذهبي عورت آ، جنهن تي هن جي سَس تمام گهڻو ڏاڍ ۽ ڏمر ڪري ٿي، هن جو مڙس ڍڳي نما خاموش ۽ ڏيرو هجي ٿو. پريشانين جي ور چڙهيل ناريءَ جي نظر ڪنهن نوجوان تي پئجي ويجي ٿي، ٻئي نظرن جي نوڙين منجهه وڪوڙجي ٿا وڃن. اوچتو طوفان 'Thunder Strom' ٿو اچي، ڪترينا بوکلائجي ضمير آڏو جُهڪي معافي ۽ پيار جو اعتراف ٿي ڪري وجهي. ان ڪان پوءِ ظالم سَس ظالم سماج سان گڏجي ڪترينا جو جيئڻ جنجال ڪري ٿا وجهن. تشدد ۽ پشيمانيءَ هيٺ هوءَ پاڳل ٿي پوي ٿي ۽ پوءِ خودڪشي ڪري ٿي. هن جي عاشق کي سائبيريا ڏانهن سزا ڏئي موڪليو ٿو وڃي. هن ڊرامي کي ڪو نقاد سمودر ظالم واپاريءَ جي چوڪرين مٿان ظلم جي انتها ۽ ان جي اصولن جي تباهي ڪوٺي ٿو.

آسترووسڪي فقط هڪ ڪلاس "واپاري" تي ڪونه قلم هلايو آهي، هن جا ٻيا بہ مشهور ڊراما ميدان تي آيا آهن. چند نالا آهن: 'Even The Wise Stumble' _ 'The Poverty no Disgrace'_ The Thunder Storm' وغيره. هن آفيسر شاهيءَ کي پنهنجن ڊرامن منجهه خوار ڪيو آهي. مثال طور: 'Wild Money' – 'Profitable Business' – Without Dowry' وغيره.

آسترووسڪي سچائيءَ واري تنقيد جو مها نقاد. گوگول ڪان پوءِ سمجهيو وڃي ٿو. پنجاهہ ۽ سٺ واري ڏهاڪي ۾ هن جي سچائي پنهنجي ملڪ اندر ۽ ان ڪان ٻاهر بہ مشهور ٿي ۽ عالمي ادب ۾، هن کي پڻ اعليٰ مقام حاصل ٿيو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

آستروسڪي ٿيٽر جو بادشاھ سڏجڻ لڳو ائين جيئن ناول جو بادشاھ، گوگول گنچروف ۽ ترجنيف کي سڏيو ويندو هو. هن پلاٽ ۽ ڪردار سمورا روسي سماج مان چونڊيا هئا. اهو ئي سبب آهي جو فرانس جا ننڍا ۽ مزاحيہ ڊراما هن جي ڊرامن آڏو بيهي نہ سگهيا ۽ هن کي قومي حياتيءَ جو ڊراما نگار چيو ويو. هن مٿان صوبائي هجڻ جو الزام بہ لڳو ۽ چيو ويو تہ جيڪڏهن واپاري، دڪاندار، آڙهتي ۽ وچين طبقي وارن رشوت خورن کي ڪڍيو وڃي تہ پوءِ آستروسڪي جي ڊرامن جو ڇا ٿيندو. پر جيتري تعداد ۽ عرصي منجھ هن جا ڊراما هليا، ان ڪري اهو الزام هن مٿان لهي ويو. هن جا ڊراما اوڻويهين صدي ۽ ان کان بہ وڌيڪ ويهين صديءَ منجھ هلندا رهيا، ان جو وچوڙ ڪجھ هن طرح آهي. سال 1870ع دوران هن جا ڊراما ڇئن پنجن ٿيٽرن ۾ هلندا هئا، 1912ع ۾ ستن يا اٺن ماڻدن ۾ ۽ 1940ع منجھ اٺاويهن ماڻدن اندر روزانو هن جا ڊراما سموري روس ۾ اسٽيج ڪيا ويندا هئا.

آستروسڪي جي شهرت جا ٻيا سبب بہ هئا، هن جي ٻولي، ڊائلاگ، ڪردار، پهاڪا، ادائيگي وغيره، اهو ئي سبب آهي، جو هن کي قومي ليول جو لکاري هئڻ جو اعزاز ڏنو ويو ۽ ان سان گڏ هو روسي حياتيءَ جو محافظ، غريب ۽ امير جي وچ ۾ واضح فرق رکندڙ، مظلوم جو حمايتي هجڻ ڪري هن کي مجتا طور روس جو عظيم ڊراما نگار هجڻ جو ايوارڊ عطا ڪيو ويو.

| |
|---|
| Oblomov is a debunking of the superfluous man. He is intelligent and kind hearted, but too soft and lazy.... This paralysis of will is rooted in his in eracdicatable contempt for action. He firmly believes that inactivety is a symbol of social superiority and that work is a curse. |



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

باب ڏهون

# انڪاريت پسندن کان انقلابين تائين

## FROM NIHILISTS TO REVOLUTIONARIES

نڪولس پهرين جي بادشاهي هن جي خوابن واري دنيا سميت ڏڙام ڪري اچي پٽ تي پئي. سال 55_1854ع واري ڪريمين لڙائي (Crimean War) ناخوشگوار نتيجن جي روپ ۾ راڄ رکوالن جي ٻتاڪن، فني ۽ سياسي ڪوتاهين مٿان رکيل پردو اڏاري ڇڏيو. جنهن جي پٺيان هو پنهنجي طاقت ۽ شجاعت جا وڏا واڪ ڏيندي ڏاپندا ئي ڪونہ هئا. ٻن سماجي ڌڙن، سليووفائيلس ۽ مغربيت مائل ڌڙي جي مهندارن شڪست خلاف سخت مزاحمت ڪئي، ڇاڪاڻ تہ ان سان يورپ ۾ مدبل ايسٽ منجهہ ملڪ جي رتبي کي ڪاپاري ڌڪ لڳي چڪو هو. نئون زار اليگزينڊر ٻيو، همت هاري ويٺو ۽ ٻاهڙجي پيو. ملڪ جي بدليل انقلابي حالتن کي هو پٺي نہ ڏئي سگهيو ۽ نہ وري ڪورٽ پاران تاج ۽ تخت جي وچ ۾ مفاهمت واري بيهاريل پٽ ڪيرائي ٿي سگهيو. هو بنا وقت وڃائڻ جي حالتن کي پرکيندي سڌارن آڻڻ لاءِ راضي ٿي بيٺو. هن جي اندر واري اُلجهاوَ ۽ لبرل سوچ حالتن جي تقاضا کي پرکيندي روس اندر غلامن وارو وڏو مسئلو آخرڪار حل ڪيو.

سال 1861ع ۾ زار ٻئي فرمان جاري ڪيو. جنهن تحت لکن جي تعداد ۾ هارين کي آزاد ڪيو ويو ۽ کين زمين تہ الاٽ ڪئي وئي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

هئي پر ڳوٺاڻي گڏيل پنگتي راڄ ڏاني تحت رنڊائي رکيو ويو هو. هارين کان بعد ۾ معاوضو (زمين جي رقم) قسطن منجهه تہ وصول ڪيو ويو هو. جيڪو 1903ع تائين هڪ بلين گولڊ ڊالرس کان مٿڀرو هيو.

غلامن جي آزادي معاشي ميدان اندر حڪومت کي حالتن پٽاندڙ وڏي پيماني تي تبديلين ڪرڻ تي مجبور ڪيو. انتظامي تبديلين ملڪ جو مهانڊو ئي مٽائي ڇڏيو ۽ ان طرح سان سٺ وارو ڏهاڪو "وڏن سڌارن وارو دور" سڏجڻ ۾ آيو. زيمستو(Zemstwo )جي سڌارن، لوڪل گورنمينٽ اندر سماجي ليول تي وڏيون تبديليون آنديون، حالانڪ اڃا تائين حڪومتي نظام غير جمهوري هيو. يونيورسل ملٽري ٽريننگ نافذ ڪئي وئي. جوڊيشل ڪوڊ منجهه عوامي راءِ بڌڻ بعد تبديلي ڪئي وئي. جسماني تشدد واري سزا ختم ڪئي وئي (هارين ۽ ڏوهارين لاءِ سائبيريا- بدري قائم رهي) سينسرشپ ۾ نرمي، تعليم لاءِ نوان اسڪول کولڻ، تعليمي ماحول لاءِ يونيورسٽين منجهه آزاد خيالي، پريس ۽ ڪتابن مٿان بندش جو خاتمو- اهي ۽ ڪجهه ٻين قسمن جي سڌارن، سماجي ڏڙن منجهه روشن خيالي جي سوچ ۾ واڌارو آندو.

انهن سڌارن باوجود اڃا ڪجهه پراڻا قاعدا بہ موجود رهيا، پراڻي ۽ نئين نظام ۾ ٽڪراءُ نہ ٿيو ڊڪٽيٽرشپ جا باقيات موجود رهيا، انهن جا بادشاهي خيال ۽ حق بہ هلندا رهيا، جمهوري ۽ پارلياماني نظام جي پنپرائي رڪيل رهي، ان سان گڏ سٺ واري پوئين ڏهاڪي تائين سماجي معاشي ۽ سياسي ذهنن اندر 1905ع واري انقلاب تائين وڏي انقلابي سوچ جنم وٺندي رهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin- Ameer Adnan 00923337516944

غلامن جي آزادي، بورجوا طبقي جو اُڀرڻ، لوئر مڊل ڪلاس جي معاشي ترقي، تعليم يافته طبقي جي ذهنن مٿان وڏو اثر ڇڏيو. رومانوي ذهن وارا فوجي ڇڳا مڙس ويهن جي ڏهاڪي اندر چاليهن جي ڏهاڪي وارا تصوراتي دنيا ۾ رهندڙ زميندار ۽ سول آفيسرشاهي تيزيءَ سان علمي ۽ تعليمي طبقي ۾ متجڻ لڳا، جن جو ايمان ۽ اعتقاد، عمل ۽ عملي ڪمن جي سڏاري ۽ واڌاري منجهه هيو. سماجي دنيا اندر مڊل ڪلاس جي تبديل ٿيل سوچ، فن، علم، ادب ۽ سائنس جي سهاري ثقافتي محاذ تي متي ايرڻ لڳا ۽ پراڻي سوچ واري ڇڳ مڙسي پوئتي هٽڻ لڳي. نئين سوچ اڀارڻ لاءِ آسترووسڪيءَ جي ڊرامن وڏو ڪم ڏنو.

سچ، ميوزڪ، پينٽنگ، نيچرل سائنس جي تعليم، سمورن سوچ جي ميدان ۾ گڏجي انقلاب برپا ڪري ڇڏيو جنهن تحت عقلمندي (Rationalism)۽ سماجي روشن خيالي (Social Radicalism) ايرڻ لڳي ۽ سماج جي ذهنن ۾ انقلاب جو سنيهو پهچائڻ لاءِ هڪ بيو تمام وڏو انقلابي شخص ميدان ۾ لٿو. سندن نالو هو نڪولس چرنيشووسڪي Nicholas Chernyshevsky (1828_89)

چرنيشووسڪي هڪ پادريءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. غير تدريسي طور تي گهڻو مطالعو ڪندي معاشيات جو ماهر ۽ ٻئي طرف ادبي نقاد تي اُڀريو. هن جا مضمون ۽ مقالا هڪ مشهور رسالي 'The Contemporary' منجهه ڇپجڻ لڳا، جن ۾ هن جذباتيت ۽ خيال پرستيءَ مٿان جَهلون ڪيون ۽ ان سان گڏ همعصر شاعري ۽ نثر نگاري، جيڪا مروج، سماجي ۽ ماديات واري ماحول تحت تخليق تي رهي هئي، ان جي تشريح پيش ڪئي. حڪومتي واٽن هن سماج سڌار جي تحريرن کي نوسيندي، جن جو اثر نوجوان نسل تي تي رهيو هو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

گرفتار ڪيو. اهو الزام لڳايو تہ هي حڪومت خلاف سازش پيو ڪري، حالانڪ هن جي مٿان شاهديون بہ ڏيريون هيون. ان جي باوجود ڪيس سخت پورهئي سان سزا ڏئي سائبيريا طرف روانو ڪري ڇڏيو. ايڪويهہ سال سائبيريا جي سخت سردين ۾ هن عمر گهاريندي گذاري، جنهن ڪان پوءِ هن کي روس واپس ڪيو ويو تہ هو جسماني طرح ٽٽي چڪو هو ۽ چند سالن اندر انتقال ڪري ويو.

هن جي حياتيءَ دوران پريس اندر ڇپجڻ تي هن مٿان پابندي لڳل هئي. گوگول جي لکڻين جو ڇپائيندڙ ۽ تشريح ڪندڙ روسي ادب ۾ هن کي ڪوٺيو ويو. جنتي هن قدرتي اسڪول 'Natural School' جوڙڻ ۽ ان جي مول متن گهڙڻ جو ڪم ڪيو ۽ اهو پڻ اعلان ڪيو تہ روسي علم ادب ۾ سچ ۽ سچائيءَ جي فتح ٿي آهي. روشن خيال نوجوان نسل، پنهنجي ڪلام ۾ هن کي ناول *نيٺ ڇا ڪجي* *'What to be done'* جو لکندڙ ڪري پيش ڪيو (ياد رهي تہ هن ناول جو ترجمو ان عنوان سان جناب نورالدين سرڪي صاحب سال 1957ع ۾ ڪيو هو)

چرنيشووسڪيءَ هي ناول پنهنجي قيد بندي واري دور ۾ سينٽ پيٽر ۽ پال واري قلعي اندر گهڙي ورتو هو جنهن جا بہ مشهور ڪردار ويرا پيولونا، آزادي ماڻيندڙ عورت ۽ ڪرسانوف عقلمند فزيشن، روشن خيال ۽ انڪاريت پسند نوجوان ڄڻ ماڊل بڻجي پيا. هنن کان بہ وڌيڪ هڪ ٽيون ويڙهو ڪردار راخميتوف، جيڪو هن سماجي پڌرنامي جو رکوال بڻجي پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڌرتي وارا سمورا سُک ۽ مزا قربان ڪرڻ جو اعلان ٿو ڪري. هن جا اهڙا اعلان نوجوان نسل جا خواب بڻيا ۽ سندن تصورات منجهہ ڄڻ ڪا چٽنگ دکائي ڇڏي. هن ڪمزور، سڙيل رت واري ڪاهوڙيءَ اهڙا انيڪ عارضي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

عڪس ادب ۾ جوڙيا. جو سال 1930ع کان 1955ع تائين واري عرصي اندر ڪيترا ڏڌزن سگهارا اوچي پارٽيءَ جا سيڪريٽري، راخميتوف جي گهڙيل چار منجهه ڦاسي اچي ڦهه ڪري ڪريا.

ويهين صديءَ ۾ راخميتوف کي ڪميونسٽ حسن شناسيءَ جو مهندار ڪري ڪوٺيو ويو. هن زندگيءَ کي فن کان مٿيرو درجو ڏنو ادبي ڪاوشن کي سماجي دنيا جي جهلڪ ڪوٺيو پر هن اها ڪوشش ڪئي تہ سماجيات جي اپرڻ لاءِ ان کي ڪو وجود يا بنياد هئڻ ضروري آهي، اهو بنياد ئي هن جي سادن، سماجي تنقيدي مضمونن جو باعث بڻيل آهي.

سال 1836ع کان 1861ع واري عرصي منجهہ هن جو شڪار نڪولس ڏوبروليوبوف Nicholos Dobroliubov جيڪو پڻ پادريءَ جو پٽ هو، مذهبي مدرسي جو فارغ طالب اڳتي وڌي تمام سٺو لکاري بڻجي ٿو. حالانڪ هن سماجي اصولن کي ترڪ ڪونہ ڪيو. ان جي باوجود هن جا ترجنيف، گنچروف ۽ آسترووسڪي مٿان لکيل مضمون سماجي ۽ خيالي اٿرن واري تشريح کان ڪجهہ مٿيرا بڻجي ويا. پر هن جي ۽ چرنيشووسڪي جي مضمونن، جن منجهہ فن کي سڌي ۽ سچائيءَ جي تشريح ڪري پيش ڪيو ويو ان اصول تحت روسي ادبي تنقيد نگاري جو ايندڙ ڪيترن سالن تائين بنياد رکيو ويو.

ڏوبروليوبوف ادب کي سماجي خدمت ڪري مڃيو ۽ پنهنجي همعصر ليکڪن کان بہ اهو مطالبو ڪيو تہ اهڙي ڪوشش ڪن جيئن سماج کي نئين سر جوڙي سگهجي. فن جي ڪابہ تخليق هن لاءِ قوت ۽ خيالن جي تشريح جو باعث هئي. ان جي عنوانن جي لسٽ منجهان ئي ان جو وجود بڻجي ٿو اهو نسل جيڪو معاشيات ۽ نيچرل سائنس جو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

متوالو هجي، ان کي تاريخ ۽ فلسفي جي اهميت جي کھڙي چنتا، ظاهري طرح تي اهو رجحان پرکشش ۽ دليلن مطابق هجي ٿو. سٺ جي ڏهاڪي وارو نوجوان نسل مرد توڙي عورتون حقيقتن کي وڏيڪ پسند ڪري ٿو ۽ خيالي پلاوَن پچائڻ کان نفرت ڪري ٿو.

اهڙن ئي جذبات کي سهيڙي ان وقت جي هڪ جوشيلي نوجوان لکاريءَ دمتري پساروف Dimitri Pisarov (1840_68ع) پنهنجي تکي ۽ تيز قلم سان جيڪو پهرين صف جو صحافي ۽ ڪالم نگار پڻ هيو، ساڳي سچائي جي عمارت جوڙيندي پاڻ پتوڙيندو رهي ٿو. ڊوبروليوبوف جيان هن جي حياتي جا ڏينهن بہ ٿورا هيا (هو اٺاويهن سالن جي عمر ۾، شايد خودڪشي ڪندي ختم ٿيو) پر هو ٻاويهن سالن منجهہ ئي مشهور ٿي چڪو هو. هن جي مضمونن طوفان ڪڙو ڪيو. هن جو آواز ڄڻ هن جي همعصرن جي دل جو آواز ٿي لڳو. هو پڻ هنن جي خيالن جي ترجماني ڪندو رهيو. سڀ کان پهريان هن ڌڪاريو، جذباتيت، افلاطون وارو پيار، خيالي پلاوَ پچائڻ، شاعرن وارا خواب، انهن سمورن خيالن کي ڪمزوري جون نشانيون ڪري ڪوٺيو. اسان کي جيڪي بہ شيون يا خيال پنهنجي اهم ڪمن تعليم- سائنسي ترقي، مادي ۽ سماجي ترقي، اهي بيڪار آهن. منجهائيندڙ ۽ نفرت لائق آهن- پساروف جو هي بيان نوجوانن لاءِ ڄڻ مقدس صحيفو بڻجي ويو. هنن ان ڳالهہ کي دل سان تسليم ڪيو تہ دولت، ڊانس، ڊرامي ۽ شاعريءَ تي صرف ڪرڻ بجاءِ ريل جا بند ٺاهيا وڃن. پساروف، پشڪن جي تحريرن کي پڻ وقت جا قاتل ڊرونس ڪري ڪوٺيو. هن اهڙا بيان بہ ڏنا تہ (شيڪسپيئر جي ڊرامن کان بوٽن جو جوڙو وڌڻ وڌيڪ ڪارآمد آهي) اهي بيان هن ثقافت جي دشمنن Philistines کي چيڙائڻ لاءِ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin- Ameer Adnan 00923337516944

پئي ڏنا، جن کي اهڙن بيانن کان منيان لڳندي هئي. اهي هزارن جي تعداد ۾ گڏجي هڪ بينر مثبت سوچ بنا، بيوقوفيءَ هيٺ جلوس پڻ ڪيندا رهيا.

چرنيشو وسڪي ۽ ڊوبريو لوف جو گهڻو رجحان معاشي ۽ سماجي مسئلن ڏانهن هوندو هو. ان سان گڏوگڏ تاريخ ۽ سياسي تبديليءَ جي مسئلن تي بہ زور ڏيندا رهيا. پسا روف جو گهڻو ڌيان فرد ڏانهن هو. هن پنهنجي ماڻهن کي اها صلاح پئي ڏني تہ اهي عملي تعليم تي ڌيان ڏين. جيڪا حقيقت ۾ فطرت، ماڻهو ۽ سماج کي عقلمنديءَ جي ويجهو وٺي وڃڻ واري گس ڏانهن پهچڻ ۾ مدد ڪري ٿي. هن مڪمل اختيار، اخلاقي يا ادبي کي مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ فيصلي جي خودمختياري، آزادي ۽ انهن اعليٰ رهنما اصولن جي اهميت تي زور ڏيندي هر باعزت ماڻهوءَ لاءِ انهن کي ضروري ڪوٺيو. انڪاريت پسند (Nihilists)، اهڙن فرمانن کان خائف هوندا هئا، پنهنجي خاندان اندر ئي انهن جي رڏٽي ۾ رولو پوڻ لڳو. انهن وڏن جي اختيارن تي اعتراض واريا، سماجي گڏجاڻين ۽ سٺن اخلاقي قدرن خلاف آواز اٿاريو گهرن مان نڪرڻ لڳا، ترڙائپ ۽ بدتميزي کي پاڪر پري، گفتار ۽ روين منجھ وقلڻ لڳا. ڪيترا وڏن گهراڻن منجهان اپريا هنن جي بغاوت وڏن جي هٺ ٺوڪيل اصولن ۽ سخت مزاجي، کوکلي خانداني انا وغيره جي خلاف هئي. انڪاريت پسندي فقط مٿين ڪلاس جي محلن منجھ بي عزتي تصور ڪئي وئي ۽ اهڙي طرح سان بغاوت ۽ بيهودگيءَ (Debauchery) جي علامت بڻجي وئي.

حيرانگيءَ ۾ ورتل والدين اکيون ڦاڙي تڪيندا رهيا، سندن ڇوڪرين وار ڪٽائي ڇڏيا. سگريٽ ساڙيندي آزادي جي انتها ڪري



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

ڏيکاري. مردن کي هڪجهڙو سمجهڻ لڳيون. ڇوڪرن وري هاري بوٽ پاتا، روسي جُبا پائي وار وڏا ڪري ڇڏيا. وڏي وات واڪ ڪندي مذهب جي خلاف ڳالهائيندي ان کي فضول شيءِ ڪوٺڻ لڳا. نئين فيشن هيٺ عجيب ڪپڙا اوڍڻ لڳا (ڇي، اسان وٽ رئو ڪاسميٽڪس وغيره پائڻ ۽ لڳائڻ لاءِ وقت ئي ناهي). انڪار پرستن پنهنجا مهانڊا ۽ پهرياڻ ئي عجيب ڪري ڇڏيا هئا. جيڪي انهن کي ٻين ڪلاس فيلوز کان بلڪل الڳ ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا.

سياسي سماج وارا انڪارپرست انهن کي سڏڻ لڳا. جن جا وار ڪٽيل، چشمو نڪ تي (ڏس ته ڇوڪري) وار وڏا (ڏس ته ڇوڪرو) پر اختيار ڏٺي وري انهن کي حڪومت جو دشمن چوڻ لڳا. حقيقت ۾ انڪار پرستي شروع منجهه غير سياسي هئي. هنن جي ظاهري خشڪ مزاجي ۽ وڏائي وارو عنصر ان ڪري هيو جو هو ڪم ڪرڻ ۽ عملي اظهار جا حامي هئا. اهي پاڻ پسند ۽ سيڪيولر هئا. هنن جا هزارين ڪارڪن هر طرح جي ڪم ۾ لڳي ويا. اسڪول، ريلوي لائينون ناهڻ، تعليم لاءِ ملڪ کان ٻاهر ويا. عورتن جي آزاديءَ واري تحريڪ به انڪاريت پسند تنظيم جي ڪک مان جنم ورتو سموري روس ۾ ڦهلجي وئي ۽ حڪومت وقت کي مجبور ڪيو انهن لاءِ الڳ تعليمي ادارا قائم ڪرڻ لاءِ.

سٺ جي شروعاتي ڏهاڪي منجهه نيهيلزم فقط تعليم جي ترقيءَ لاءِ جاکوڙ تي ڪئي، ان جي ڪارڪنن ان دور جي سماجي اُيار ۽ روشن خياليءَ جي ڀرپور حمايت پئي ڪئي. هنن وٽ سياسي رجحان بلڪل ڪونه هيو. تبديلي ان ڪري آئي. جو هنن جي عملي جاکوڙ واري نظرئي جي راهه ۾ پوليس ٽپي پئي. هنن روس جي گنڀير حالتن



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

ڪي بدلائڻ جي عملي ڪم ۾ پوليس مداخلت ڪئي ۽ نتيجي ۾ ٽڪراءُ ٿي پيو. حڪومت هنن جي تحريڪ کي شڪ جي نگاهن سان ڏسڻ لڳي. هنن جي رستا روڪ ڪئي وئي. هنن سان گڏ لبرل ۽ روشن خيال ڌڙن مڪمل سهڪار ڪيو ۽ ٽڪراءُ ان ڪري ٿيو جو حڪومت پنهنجي ڪيل واعدن ۽ اعلانيل سڌارن تي عمل ڪرڻ کان گريز ڪرڻ لڳي هئي. زار ميمبرن جي اصرار کي پُٺي ڏني ۽ پارلياماني بادشاهت ۽ هڪ حاڪم جا حڪم جاري ڪرڻ تي بضد بڻيو بيٺو رهيو جڏهن تہ ميمبرن منجهہ وڏا زميندار ۽ افسرشاهيءَ جي اڪثريت هئي. ان کان علاوه سڌارن جي اعلان کان پوءِ بہ اقتدار ڌڙي، مراعت يافتہ مٿين ڪلاس وارا هئا، جيڪا ڳالهہ روس جي عوام کي قبول نہ هئي. مراعت وارا طبقا هئا: جم کان بخشيل طبقو نواب ۽ نيڪ مرد (Aristocracy) اختيار ڌڙي (افسرشاهي ۽ دين جا رکوالا (Bureaucracy and clergy)، دولت ڌڙي ۽ واپاري (Landed persons & Merchants) يا يونيورسٽي جا ڊگري يافتہ تعليم دان، انهن طبقن وارن ڌڙن کي سمورا سماجي حق مليل هئا. ٻئي طرف هئا: هاري، لوئر مڊل ڪلاس، فنڪار، فني ماهر، مزدور ڪلاس ۽ عام ماڻهو اهي سماجي ٽڪنڊي جي تري منجهہ اڇلايل هئا ۽ انهن جي حيثيت، ڪُت خلق يا ڌرتي جي جيتامڙن جيتري هئي . انهن جو ئي استحصال ۽ مٿن ظلم يا تشدد ڪيو ويندو هو. روشن خيال نوجوانن دير ئي نہ ڪئي، انقلاب جي حمايت ڪرڻ ۾ هڪڙي مٿي ڦرئي نوجوان، ڪاراڪيزوف( Karakazov)جيڪو يونيورسٽي جو شاگرد هو سال 1866ع ۾ زار کي گولي هڻي ڪڍي. هن کي سزا ڏيڻ بعد حڪومت



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

لوهي هٿن واري پاليسي نافذ ڪئي، جنهن تحت فقط خوف اُڀارڻ ڪان وڌي ڪري هر جاءِ تشدد ۽ خوف کي وڌائي ڇڏيو.

انڪارپرست، جيڪي هيل تائين صرف شخصي تبديلي جا قائل هئا، اهي سياسي محاذ تي سازش ڪرڻ لاءِ لهي آيا. ڪيترا زير زمين گروهه، جن هرزن ۽ چرنيشووسڪيءَ جي تحريرن جو مطالعو ڪيو ان سان گڏ مغربي، معاشيات ۽ سماجيات جي ماهرن جا سبق ورجايا ۽ پوءِ اهي انقلاب جي پروپيگنڊا جا مرڪز بڻجي ويا.

سترهين صديءَ جي شروعات منجهه ذهني تبديلي مڪمل ٿي وئي. تعليم يافته سماج، خاص طور تي نوجوان طبقو ڪاہي ڏر جي ويڙهاڪ جٿن سان ڳجهو ناهه ڪندي ڊوبروليوبوف ۽ پساريف ۽ ٻين سٺ جي ڏهاڪي وارن انقلابين سان ٻانهه ٻيلي ٿي بيٺا (مثال طور زيٽسيف ۽ ٽڪاچيف) انهن وري سوشلزم پيٽرلئوروف (1900-1823ع). هڪ تعليم يافته انقلابي پاپولزم جي بانيءَ جي ڪلهن تي رکي وئي ۽ ان سان گڏ هيو. مائيڪل بيڪونن (76-1814ع)، جنهن مارڪس سان مقابلو ڪندي پهرين انٽرنيشنل کي ڏوڏائي وڌو هو. ٻئي سائبيريا مان ڀڄي نڪتا ۽ وڃي مغرب پيڙا ٿيا، جتي يورپ منجهه هنن سياسي پناهه وٺي پنهنجيون باقي حياتيون گذاريون. هنن جون تخليقون انڊر گرائونڊ ذريعن جي معرفت روس منجهه پهچنديون رهيون.

حقيقت پسندي بابت سوچڻ وارن کي ڏاڍا عوام جا ڏک سور ڏسڻ ۾ آيا. غلام هاري آزاديءَ ملڻ کان پوءِ به خوشحال نه ٿي سگهيو. عام انتظامي ڏمر جو شڪار هيو. معاشي غلامي، جهالت ۽ غربت ڳوٺن ۽ ننڍين شهرن مٿان راڄ ڪري رهي هئي. روس اڃا به جاگيرداري، اڌ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ظالم قوتن جي ڏاڍ هيٺ پيڙجي رهيو هو. بس گاديءَ واري شهر ۽ چند وڏن شهرن ۾ رونق موجود هئي. روس جي ترقي ۽ خوشحالي فقط هڪ بادشاهه جي حڪمرانيءَ جي خاتمي ۽ ان جي جاءِ تي گڏيل سماج واري نظام کي لاڳو ڪرڻ منجهه ئي ممڪن هئي.

سماجي انقلاب جو تصور نوجوان نسل جي ساٿ سان سلهاڙيل هيو. نوجوان تعليم يافته نسل پنهنجي روسي عوام جو همدرد بڻيل هو. عوام جا ڏک سور، ظلم، تشدد، هنن کي ڏکارو ڪري وجهندو هو. چاڪاڻ ته غريب عوام ته سادو، معصوم ۽ سماجي خوبين سان ڀمثار هجي ٿو. مغربي رجحان جا مخالف سليووفائيلس قومي روايتن جا رکوال هئا ۽ هنن جو چوڻ هو ته روس مٿان جيڪا پلائي آهي، اها اصلي مذهب جي ڪري آهي، هنن جي تاريخي روايتن مطابق ماڻهن کي عيسائيت واري پيار کي اجاگر ڪري ڌرتيءَ مٿان الله جي حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙڻ گهرجي. ان جي برعڪس پاپولسٽ طبقو ان ڳالهه تي زور ڏيندو هو ته روسي ماڻهو دلين جا سچا، اتحاد جا قائل ۽ روايتن جا رکوال ضرور آهن پر هن وقت هنن جي دلين جي ديرينه خواهش سوشلزم حاصل ڪرڻ آهي. هو اميد ڪندا هئا ته جيڪڏهن هاري سجاڳ ٿي پون، کين پنهنجي حقن ۽ ضرورتن جي ڄاڻ پئجي وڃي ته پوءِ روس اندر هڪ مڪمل سماج جوڙي سگهجي ٿو.

پيٽرليو روف (Peterlavrov) ڪتاب: *"تاريخي خط"* *'Historical letters'* جو تخليقڪار، جنهن ستر جي ڏهاڪي اندر ماڻهن جا ذهن موڙيا، ان جي دعوي هئي ته پڙهيل لکيل ماڻهن مٿان سموري عوام جو حق آهي ته هو محنت ڪري، مجموعي طرح سان فن ۽ سوچ حاصل ڪن ۽ عوام تائين پهچائين. حقيقت ۾ ثقافت جو سمورو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

مندر ماڻهن جي هٿن سان جوڙيل بنيادن مٿان بيٺل هجي ٿو. تاريخ ۾ ارتقا جي ڊگهي دڳ ۾ سفر دوران لکين ماڻهن لوڙيو آ ۽ بکون ڪاٽيون آهن، جانين جا نذرانا پيش ڪري اپر ڪلاس لاءِ آسائشون جوڙيون آهن، جن جي ڪري ئي هو تهذيب جا مينار ڪڙا ڪري سگهيا آهن. اخلاقيات جي تقاضا ٿي بڻجي تہ اهي بہ سوشل آرڊر قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪن ۽ سموري عوام لاءِ ثقافت ۽ خوشحالي آڻڻ لاءِ پاڻ پتوڙين، بجاءِ اهي ڪنهن مراعت يافتہ اقليت آڏو پيش ڪرڻ جي. سوشلزم ئي اهو آرڊر/ قانون آهي ۽ جيڪي ان آرڊر جي آڻڻ لاءِ ڊوڙي رهيا آهن، اهي ئي روس لاءِ ۽ انسان ذات جي سچي خدمت ڪري رهيا آهن.

ستر جي ڏهاڪي ۾ سوشلزم جي نظرئي مايوس پراڻي نوبل ڪلاس ڪي پڻ متاثر ڪيو ٿو ڏسجي. هو بہ جم ۾ تعليم جي حق جا حمايتي ٿيڻ لڳا. سماجي خدمت بہ قرباني جيترو چڱو عمل آهي. زرعي ٽيڪس جو بہ جواز نٿو بڻجي. نوان انڪاريت پسند، جيڪي اڳ ۾ تصورات پرست هئا، اهي بہ هن نظرئي جا حامي بڻيا.

ليوروف، خاموش تبليغ جو حمائتي هو. هن جو چوڻ هو اهو طريقو جهنگلي باهہ جيان پاڻ ئي ڦهلجي ويندو، ان جي مقابلي ۾ بيڪونن سڌي ايڪشن جو حامي هو. هن جو اصرار هو تہ روسي عوام اندر انقلاب جا وڏا عنصر موجود آهن، ميڙ، ميڙاڪا، مظاهرا ۽ زار شاهيءَ سان سڌو ٽڪراءُ انقلاب جو درس پڻ ٿيندو ۽ عوامي اُپار هڪ ظالم جي حڪومت جون پاڙون پٽي ڇڏيندو.

نوجوان نسل ستر جي ڏهاڪي ۾ عملي ڪم ڪرڻ لاءِ جهنگ جهر ۾ ڪاهي پيو. ٻئي مرد توڙي عورتون، اهي بہ ڳوٺن ۾ ويا، ڪاريگر، آرٽسٽ، نرسون، مزدور روس جي انهن پورهيتن سان ڪلهو ڪلهي ۾



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin Ameer Adnan 00923337516944

ملائي ڪم ڪرڻ خاطر پري پري جي علائقن تائين پهچي ويا پر هنن
کي جلدي اهو احساس ٿيو تہ اهو عمل طاقت جي ورهائجي وڃڻ جو
باعث ٿيو ۽ اتي جا هاري ۽ مزدور انهن کي مخالف سمجهڻ لڳا ۽ چوڻ
لڳا تہ هي اسان جي روزگار تي لت هڻڻ لاءِ آيا آهن. پوليس کي بہ ان
ٽڪراءُ جو فائدو رسيو جو هنن اجنبي مزدورن کي گرفتار ڪري
پنهنجو پيٽ ڀرڻ لڳا. سال 1875ع ڌاري اهو تجربو ٿيو تہ ماڻهن ڏانهن
وڃڻ لاءِ سوچڻ ۽ تياري ڪرڻ ضروري هيو. هڪ ڳجهي تنظيم
'Land and Freedom' روس ۾ پهرين تنظيم هئي، جنهن هن
تحريڪ جي سربراهي ڪئي ۽ ٻيو حملو ڪيو. اهو حملو ٻيهر بہ
ناڪام ڪيو ويو. حڪومت جي سختي تحت سوين پاپولسٽ ورڪر
گرفتار ڪري جيلن حوالي ڪيا ويا ۽ ڪن کي سزائون ڏنيون ويون ۽
ڪيترا بنا ٽرائيل جي جيل ڀيڙا ڪيا ويا. روس منجهہ زار شاهيءَ کي
مغربي جمهوري طريقي سان هٽائڻ جون اميدون ختم ٿي ويون. نام نهاد
معاشي ماهرن (مارڪس واري ڪيپيٽل جو روس ۾ ترجمو 1872ع ۾
ٿيو هو) جو اجا بہ اهو اصرار هيو تہ سياسي آزادي ننڍڙو مسئلو آهي
بنسبت دولت شاهيءَ جي؛ پر پاپولسٽ گروپ جي اڪثريت ان راءِ جي
هئي تہ سياسي حق حاصل ڪرڻ ٻين سڀني ڳالهين کان مٿانهان آهن.
هنن چيو تہ اسان کي روس ۾ پهريائين جمهوري حڪومت جوڙڻ
گهرجي، اها ئي سوشلزم کي قائم ڪرڻ لاءِ پهرين ضرورت آهي.

ملڪ اندر وڌندڙ خلفشار ۽ حڪومت جي جوابي سخت قدمن
ان سان گڏ 78-1877ع دوران بالڪن جي غلامن جي آزاديءَ واري
جنگ تعليم يافتہ طبقي اندر انقلاب جي آڌڻ لاءِ جوش جو واڌارو
ڪري وڌو. اڳ واري خاموش تبليغ واري تحريڪ دهشتگرديءَ جو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin Ameer Adnan 00923337516944

بنياد وڌايو. سال 1879ع ۾ پراڻي لکل تحريڪ ‘Land and Freedom’ جي جاءِ تي نئين تحريڪ ‘Party of the Popular Will’ ظاهر ٿي آئي. هر طرف کان ۽ ڳجهي طرح پڻ عوام جي مرضيءَ مطابق جمهوري حڪومت آزاد خياليءَ سميت آڻڻ جا اعلان ٿيڻ لڳا. اها تحريڪ ظالم آپيشاهي خلاف نيٺ هٿياربند تحريڪ ۾ تبديل ٿي ۽ طاقت جو استعمال پڻ ٿيڻ لڳو. پارٽي جي سينٽرل ڪميٽي هڪ گروپ تي جڙيل هئي، جيڪي شخصي قرباني ڏيڻ وارا. اهي مرد ۽ عورتون هئا، جن وٽ عزم هيو ۽ ڪم سان وفاداري هئي. دهشتگرد ۽ شهيد به ان گروپ مان ٿيا، بي پناهه قربانيون ڏيڻ وارا ڪيترن موقعن تي طاقتور حڪومت خلاف، طاقت جو اظهار ڪرڻ وارا به انهن مان هئا. هو دشمن کي مارڻ لاءِ هر وقت تيار هوندا هئا ۽ ان سان گڏ مرڻ لاءِ به تيار هوندا هئا. سينٽرل ڪميٽي جو حڪم هنن لاءِ مذهبي فريضي جيان هو انهن معرفت ڌماڪا ڪرائي روسي حڪومت کي ڏوڏي رکيو. جيل ڀڳا، زار مٿان ۽ هن جي ساٿين جي حياتين مٿان ڦاٽلاٽا حملا ڪيا ويا. ڦاهيون، فائرنگ اسڪواڊ، سخت پورهيو، سخت قدمن جون سزائون هنن کي پنهنجي عزم ۽ ارادي تان هٽائي نه سگهيا.

سال 1881ع ڏاري اهم ڪاميابي اها ٿي جو زار پيو دهشتگردي جي سازش جو شڪار ٿي ويو. انقلابين جي هيءَ قيمتي ۽ تمام وڏي ڪاميابي ٿي. سينٽرل ڪميٽيءَ جي گهڻن ميمبرن کي سزا ڏني وئي، باقي رهيل سائبيريا جي غارن منجهه موت جي حوالي هئا. حڪومت جي وڏي جدوجهد بعد پاپولرول واري پارٽي حڪومت هٿان مڪمل طور ختم ڪئي وئي. 1881ع واري ٽاهه جي ابتڙ اليگزينڊر ٽيون مفاهمت بجاءِ ڏاڍ ۽ ڏمر سميت اچي تخت تي ويٺو. سوشلسٽ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

پرچار جو خاتمو پوءِ بہ ختم ڪونہ ٿيو. اسيءَ جي ڏهاڪي ۾ پڻ مارڪسست ۽ پاپولسٽ روسي پڙهيل لکيل طبقو اجا بہ اثرانداز هيو ۽ سموري تعليم يافتہ ۽ فنڪارانہ حياتي ملڪ اندر سياسي مخالفت ۽ روشن خيال جذبات جي سنگم سان حڪومت قائم رهي.

Peter lavrov- every educated man had obligations towards the popular masses which, by their toil, made possible all achievement in art and thought……

Millions suffered, hungered, and died to provide leisure for the upper classes…….

It was morally imperative to pay one's debt to the people by founding a social order which would offer culture and welfare to all instead of to a privileged minority

.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

باب يارهون

# پاپولسٽس ۽ ڌرتيءَ ڌڻي لکاري

# ‘POPULISTS AND THE WRITERS OF THE SOIL’

سٺ ۽ ستر واري ڏهاڪن ۾ نون پڙهندڙن جو تعداد تمام گهڻو وڌيو. ڪتابن وارو ڌنڌو ڪمرشل ٿي ويو. وڌندڙ ڪلاس جون ضرورتون به وڌيون. تعليم جو ڦهلاءُ ٿيڻ جي نتيجي ۾ ادب ۽ علم جو اثر عروج تي پهچي ويو. جڏهن چرنيشووسڪي لکيو ته ”روس اندر علم ادب، تعليم يافته طبقي مٿان گهڻي ياڳي ڇانيل آهي“. هن فقط حقيقت بيان ڪئي. هڪ اهڙي ملڪ ۾، جتي مغرب جهڙيون سهولتون ۽ ماحول ئي ميسر نه هجي، اتي ادبي ميڙ پڻ سماجي گڏجاڻين جيان هوندا آهن. يورپ اندر ته انهن گڏجاڻين جو وڏي ۽ وسيع پيماني تي، اخلاقي ۽ جذباتي اثر به تسليم ڪيو ويندو آهي. هي لکاري ته استاد به هيو ته گائيڊ به، هن جو هر عمل، فرض نڀائڻ جيان هيو. ان کان علاوه سٺ وارو ڏهاڪو ته ”سونهري دور“ ڪري ڪوٺيو ويندو هو. ان دور ۾ جيتريون تحريرون ڇپيون، انهن جو معيار ۽ اثر تمام وڏو متاثر ڪندڙ هيو. اهو ڏهن سالن جو دور 1860ع کان 1870ع وارو ئي هيو. جنهن اندر وڏا ۽ مشهور ناول ڇپجي ميدان تي آيا ۽ ناميارا ناول نگار هيا؛ ترجنيف، دوستووسڪي، ٽالسٽاءِ، گنچروف وغيره. ان طرح سان نثر، شاعريءَ کان مٿيرو رهيو انهن سيني اندر ”حقيقت پسنديءَ“ وارو جذبو مختلف اسلوب ۽ ادائيگي سميت قائم رهيو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

ان کان پوءِ ڪيترا ٻيا لکاري بہ ظاهر ٿيا، جن روس جي هيٺين طبقي وارن ماڻهن ۽ علائقن جا سور، بک، بدحالي، بي راهہ روي جهڙن دردن بابت دل کولي دانهون ڪيون. ظالم حڪمرانن ۽ ان جي بي رحم، بي ضمير مذهبي ٺيڪيدارن دان ڏيندي هڪ لکاريءَ نڪولس پوميالووسڪيءَ کي، جنهن جو ڏوهہ اهو هيو جو هن انهن ٺيڪيدارن جي هڪ پهلوءَ کي جلسي اندر ننگو ڪيو هيو ان کي دان ۾ چار سئو ڦٽڪا هنيا ويا هئا.

اهڙي قسم جا جذباتي ليک لکڻ وارا ڪافي تعداد ۾ گڏ ٿيا ۽ پوءِ "انقلابي سوچ واري اسڪول" جي نالي مشهور ٿيا. ان اسڪول لاءِ اهو چيو وڃي ٿو تہ، پروليٽاري ادب جو بنياد وجهڻ وارا اهي حقيقت پسند انقلابي لکاري ۽ سندن اسڪول کي ئي مڃيو وڃي ٿو.

پاپولسٽ اسڪول جا خيال ۽ رجحان ٽالسٽاءِ جي لکڻين منجهہ بہ نظر اچن ٿا. دوستووسڪي جي تحريرن منجهہ بہ اها شهرت مائل قوت آهي پر ان سان گڏ هن مذهبي ماڻهن، جيڪي مغرب کان خائف هئا، انهن جي جذبات جو بہ خيال پيئي رکيو آهي. ڏرتي ڏٺي لوڪل ليول، ضلعي يا ڪميون ليول ۽ صوبائي ليول جا لکاري بہ جام ميدان ۾ لٿل هئا ۽ پنهنجي پنهنجي علائقن جا مسئلا ۽ دردن جا داستان لکندا رهيا پر اهي قومي ليول جي شهرت حاصل ڪري نہ سگهيا. انهن جا چند نالا آهن: اليگزينڊر مائيخيلوف، گريگري مئڪٽيت، اسٽينيڪووچ، ٻهراڙين جو نقش چٽيندڙ نڪولس ڏليٽورسٽڪي سندس مشهور ناول هو *'The Foundations'* اليگزينڊر اِرٽيل نقاد، جنهن جو نالو 'The Gardenias' هيو وغيره. مزاحيہ لکاري سليپٽوف ۽ ليويٽوف ۽ سليپزوف هئا. بيان ڪيل لکاري



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

مشهوري جي قائل اسڪول جا ميمبر هئا ۽ انهن مان ڪجهہ زير زمين تحريڪن سان بہ ڳنڍيل هئا. انهن سمورن جو اڳواڻ اِسپين سڪي (Uspensky: 1843_1902) کي ڪوٺيو ويندو هو. هنن سمورن جا عنوان گهٽي پاڳي ڏرتي ستايل، ذليل ۽ خوار ٿيل غريب طبقي جا ماڻهو هوندا هئا، جن جي تذليل هنن کان برداشت ڪونہ ٿيندي هئي.

نڪولس نيڪرا سوف (Nicholas Nekrassov: 1821_77) زخمي ضمير واري هن پڙهيل لکيل شاعر کان ڏرتيءَ ستايل ماڻهن جا ڏک ۽ سُور برداشت ڪونہ ٿي سگهيا. سٺ جي ڏهاڪي ۾ هن اها شاعري گهڙي، جنهن ۾ ڳوناڻن جون مجبوريون، بک ۽ بدحالي، شهرين جون محروميون، صحت ۽ تعليم جي اڻاٺ، پاڻ هڪ چڱي زميندار گهراڻي جو فرد سينٽ پيٽرسبرگ ۾ تعليم وٺڻ لاءِ پهتو اتي دولت جي چهل پهل ڏسي ڏونڊوڙي بڻيو ۽ ڪاميابي حاصل ڪري بزنس مين ٿيو ۽ اخبار شروع ڪيائين، اشاعت گهر جوڙيائين. پر هن کان پنهنجي مارو ماڻهن جا ڏک نہ وسريا ۽ انهن جي پني مٿان پلٽ اهڙي تہ ڪيائين جو قومي شاعر بڻجي ويو. سماج ۾ انصاف نہ ڏسي هن چيو تہ "جيڪڏهن ڪو شاعر نٿو ٿي سگهي تہ پوءِ هو سٺو شهري ضرور بڻجي"، بئي هنڌ لکيائين تہ "آزادي لاءِ رت جو رشتو هئڻ ضروري آهي، وري چيائين تہ "او فادر لينڊ، مون کي سڀ ڏوهہ معاف ڪر، ڇاڪاڻ تہ منهنجو پنهنجي ديس واسين سان هڪڙي رت جي ڦڙي جو رشتو قائم آهي، ان طرح سان هن قومي، سماجي، رومانوي، ڀهراڙي جي ماڻهن جي دلين جي ترجماني پنهنجي شاعري منجهہ ڀرپور طرح ڪئي ٿي ڏسجي. اهو ئي سبب آهي جو هن جي شاعريءَ ڳوٺن اندر، محنت ڪشن وٽ، ڳوناڻن دوشيزائن واتان ڳائي وڃي ٿي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

نيڪراسوف، جيئن تعليم يافته طبقي جو شاعر مشهور ٿيو، تيئن شيڊرن وري طنزيه شاعر بڻجي آڏو آيو. هن جي سچائي طرف مائل طنزيه شاعري اهڙي مقبول ٿي، جو هن کي 'Russian Swift' جو لقب ڏنو ويو.

ميخائيل سالٽي ڪوف (Mikhail Saltykov: 1826_89) جيڪو قلمي نالي شيڊرن سان شاعري ڪرڻ لڳو قديم وڏ گهراڻي ۾ جنم ورتائين. پشڪن جي مادر علمي اداري Syelo مان پڙهيو. سول سرونٽ منجهان ترقي ڪندي ٻن صوبن Raizan ۽ Tver جو ڊپٽي گورنر بڻيو. سال 1862ع ۾ جڏهن استعيفيٰ ڏنائي ته "طنزيه حياتين جي احوالن" جو خالق بڻجي چڪو هو ۽ ان وقت پاڻ کي صحافت جو سفير بڻائي چڪو هو. نيڪراسوف سان گڏجي تعليم يافته طبقي جي ترجمان رسالن جو ڪو آيڊيٽر ٿي رهيو. اهي رسالا زار شاهيءَ جا سخت مخالف هئا.

هن پنهنجي طنزيه تحريرن منجهه سرڪاري سوئرن، پاڳل منتظمن، ڪرپٽ ۽ سست ڪامورن، جاهل وزيرن، اميرن، نوابن، پيرن جي تنزلين ۽ آخر ۾ نودولتين جي حوس، هيچ ۽ بيهودگين جا پاڳا پيلي ڇڏيا. هڪ خالي شهر جو نقشو چٽيندي سموري روس جي ڪڌن ڪرتوتن، ظلم جي داستانن، حاڪمن ۽ وزيرن جي ڪارنامن مٿان چٽرون ڪندي انڌن، گونگن، ٻوڙن، پاڻ کي آمر سمجهندڙ حاڪمن، جيڪي روشن خيالي ۽ ترقي پسنديءَ آڏو ديوار ڪٽڻ پيا چاهين، انهن جي خوب خواري ڪري ڏيکاري. ٻوليءَ جي خوبصورتي، اشارن ۽ ڪنعاين ۾ اهڙو ته پُوئي پئي لکيو جو عام ماڻهو ته سمجهي پيو پر عقل جي انڌن جي تڪڙين مٿان ترڪي پئي ويو. ان طرح سان سالٽيڪوف



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جو ناول *'The Golovlyovs'* پوڇيخون جو ناول *'The Old Times'* ۽ *'Fairy Tales'* ڏاڍا مشهور ۽ مقبول ناول مڃيا ويا.

ستر ۽ اسي جي ڏهاڪي اندر وري انقلاب دشمن سرڪاري انعام يافته ويڪائو لکاري به منظر تي اُڀري آيا. ساڄي ڌر جا به لکاري (1831_91) 'Konstantin Leontiev' ۽ (1822_95) 'Nicholas Danilevsky' هڪڙو مذهبي پڙهيل لکيل، ناول نگار، مضمون نگار، ظالم آمريت جو طرفدار ۽ ٻيو فطرت جو طرفدار، تاريخدان، آزاد خياليءَ ۽ دولت نواز لاڙن جو مخالف، انقلاب ۽ آزاديءَ جي ڀرپور مخالفت ڪرڻ لڳا. اهڙي طرح سان فڪشن ۾ به ساڳئي مخالفت ڏسڻ ۾ آئي. انقلاب مخالف تحريرون: Krestovsky ۽ Victor Klushnkov جون به ميدان ۾ هيون ۽ دوستووسڪي جو ناول 'The Possessed' به ان قسم جي تحريرن ۾ شامل ڇيو ويو. هن ليکڪن جي به چڱي لانئِ لڳل آهي پر انهن منجهه وري (1803_73ع) Fedor Tictchev کي ڪافي شهرت حاصل ٿي. هڪ دولتمند زميندار جو پٽ قابل ڊپلوميٽ بڻيو. ٻاويهه سال ملڪ کان ٻاهر سفارتخانن ۾ رهيو ۽ آخر فارين آفيس ۾ اهم عهدي تي اچي چڙهيو. هن جي شاعري چار سئو بيتن تي مشتمل آهي، جيڪي سمنڊ، رات، ڏينهن، افراتفري جهڙن عنوانن تي جڙيل آهي. ليو ٽالسٽاءِ کي هن جو نظم پينٿي ازم واري نظرئي تحت گهڙيل ڏاڍو وڻندو هو. ٻڌڻ مهل هن جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳندا هئا. نظم جون ڪجهه سٽون هي آهن.

All things are within me, — سڀ صورتون مون ۾ آهن،
I am in all things, — مان آهيان سڀني ۾ سمايل،



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

Let me Partake of annihilation, مان فنا ٿيڻ ٿو چاهيان،
Let me be diffused in, مون کي فنا ٿيڻ ڏيو،
The slumbering universe; ننڊاکڙي ڪائنات جي جهولي ۾،
Nothing leaves any trace, بنا ڪو نشان ڇڏڻ جي،
And it is so easy not to be. ان طرح سان وجود وڃائڻ آسان آهي.

ٽيوٽشوف ڏکائيندڙ نغما پڻ لکيا، جن مٿان مذهبي رنگ جو پردو پڻ هوندو هو. هن وٽ مذهبي رنگ جي ڇِٽائپ هجڻ ڪري کيس "سچو Pure Russian"روسي- سڏيو ويو. اهڙي طرح سان هن گروپ جي ليکڪن کي پڻ، ڌرتيءَ جا لکاري سڏيو ويو. چاڪاڻ ته نثر نگاري منجهه به هنن جون تحريرون ڇپجڻ لڳيون، انهن جي ٻولي، محاورا ۽ تشبيهون سموريون ديسي هيون. هنن منجهان چند ماڻهن ٻنهي ڌرن، تعليم يافته ۽ شهرت يافته کي ڳنڍڻ جي ڀرپور ڪوشش پڻ ڪئي هئي پر ڪامياب نه ٿيا ۽ ٻئي ڌرا پنهنجون تخليقون جوڙيندا رهيا.

نڪولس ليسڪوف (95_1831ع) 'Nicholas Leskov':

ڌرتيءَ جو تمام وڏو لکاري ڪري مڃيو وڃي ٿو. هن لوڪ ادب کان وٺي ڪليسا، پادري، مذهبي نوجوان، گرجا گهر جا باشندا ۽ اهڙن ڏکين موضوعن مٿان اتڪل ٻارنهن ناول ۽ ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيون آهن. هن جا گهڻا پستڪ هن جي مرڻ کان پوءِ ڇپيا ۽ شهرت ماڻيائون. هن جي ٻولي، اسلوب، مزاح، لفاظي، قومي ڪردار، شهوت پرستي، ڏوهه، گناهه، سزا و جزا، مطلب ته بي شمار عنوانن تحت هن پنهنجا پستڪ پئي جوڙيا . اهو ئي سبب آهي جو هن کي مهندار لکاري ڪري تسليم ڪيو ٿو وڃي. اڻويهين صديءَ جي ادب مٿان هن جي ڇاپ لڳل ٿي ڏسجي. چيخوف گورڪي هن جا مداح آهن. هن فرد کان وڌيڪ ملڪ يعني روس کي موضوع بڻائي ان جي تعريف ڪئي آهي ۽ نالو ڪمايو اٿس.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

باب ٻارهون

# دوستو وسڪي

# DOSTOEVSKY

(1821-1881)

فيڊور دوستووسڪي 1821ع ۾ ماسڪو ۾ هڪ نيڪ مرد جي گهر ۾ پيدا ٿيو جيڪو ان وقت مفلسيءَ جو شڪار هو ۽ هڪ خيراتي اسپتال ۾ رهائش پذير فزيشن جي حيثيت ۾ ڪم ڪندو هو. ننڍڙي دوستووسڪيءَ کي ٻالڪپڻي ۾ ئي اسپتال اندر رهندي بيمارين، قسمت جي هٿان شڪار ٿيل مريضن ۽ موت جي راند سان گڏ رهندو، ڏسندو ۽ پسندو رهيو. هن جو والد سخت نظم ضبط جو قائل ۽ مذهبي رنگ ۾ رتل هو تنهن ڪري ننڍڙي نينگر به سختيءَ جي ماحول ۾ ابتدائي ڏينهن گذاريا. هن جي ماءُ ڏاڍي رحمدل هئي، بيمار گذاريندي به ننڍي نينگر کي پيار سان پاليندي رهي، پر جڏهن هو اڃا سورنهن سالن جو ٿيو ته هن کي اڪيلو ڇڏي وري نه موٽڻ جو واعدو ڪري) هلي وئي. ان کان پوءِ هو سينٽ پيٽرسبرگ اسڪول آف ملٽري انجنيئرس ۾ داخل ڪرايو ويو، جتي هن چار سال ڏکيا ۽ بي مزي گهاريا. هن جي پيءُ کي هارين جي باغي گروپ قتل ڪيو ۽ ان طرح سان فيڊور اڪيلو کيسا خالي ۽ بي يارو مددگار رهجي ويو. هن کي اسڪول جي نالي کان سخت نفرت هئي پر فقط هڪڙو ئي رستو علم و ادب جو کيس پسند هو. گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ ملٽري ۾ ڊرافٽس مين بڻيو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ اتان استعيفي ڏئي لکڻ پڙهڻ ۾ لڳي ويو. غربت جي گهاٽي ۾



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

پيڙجندي نيٺ هن پنهنجو ناول ‘Poor Folk’ ڇپرايو جيڪو پسند ڪيو ويو. هن پنهنجا ٻيا بہ ناوليٽ ۽ ڪهاڻيون وڏي جوش ۽ جذبي سان لکي پئي ڇپرايون، جن ۾ ملڪ جي مفاد ۽ ڀلائي لاءِ تجويزون بہ هونديون هيون. هن مٿان وري اوچتو آفت اچي نازل ٿي، جو کيس گرفتار ڪيو ويو، الزام هيو تہ تون ڳجهي گروهہ سان گڏجي تصور پرستي، سوشلزم ۽ آزاديءَ جا خواب ٿو ڏسين.

سال 1849ع ۾ فاضل عدالت هن کي دوستن سميت ڦاسي جي سزا ٻڌائي. آخر اهو ڏينهن بہ اچي ويو جو کين فائرنگ اسڪاڊ آڏو پبلڪ اسڪوائر تي اڏائڻ لاءِ آندو ويو. حياتي هجي رهيل تہ پوءِ ڪجهہ بہ ٿي نٿو سگهي. آخري گهڙيءَ تي قاصد اچي پهتو روڪي، زار پاران معافي نامي جو اعلان ڪيو آهي ۽ ٻڌايو تہ گوليءَ بجاءِ انهن مجرمن کي ڪولي الاٽ ٿي وئي آهي. دوستووسڪي، جنهن مهل هوش ۾ آيو تہ همراهہ لوهي سلاخن پٺيان پاڻ کي لڌندو محسوس ڪيو ۽ کيس ٻڌايو ويو تہ سائبيريا ڏي خاص مهمان خاني ڏانهن نيو پيو وڃي.

ان خوفناڪ ۽ اذيتناڪ مهمان خاني جي تجربن ۾ چار سال هن سخت مشڪت، ڏوهارين ۽ قاتلن وچ ۾ بي رحم روين ۾ گهاريو اتي جي اذيتن جي جهلڪ هن جي يادگيرين واري ڪتاب *‘Memoirs from the House of Dead’* مان پڙهي سگهجن ٿيون.

سال 1857ع ۾ هن هڪ ڇوڪري سان شادي رچائي، جنهن کي سِلهہ جو اثر هو. ان وقت هن جي عمر اٺتيهہ سال هئي، ٽَون سالن کان پوءِ هن جا ڏکيا ڏينهن پورا ٿيا ۽ کيس سينٽ پيٽرسبرگ اچڻ جي اجازت ملي، جتي اچي هن علم ادب جي خدمت شروع ڪئي. سال 1859 کان وٺي مرڻ واري سال 1881ع تائين هن ناول نگار، صحافيءَ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

۽ ايڊيٽر جي حيثيت سان ڀرپور وقت گذاريو. سال 1864ع ۾ هن جي زال گذاري وئي. ٻه سال پوءِ هن پنهنجي اسٽينوگرافر سان شادي ڪئي، جيڪا راز ۽ نياز سان ڪئي وئي، چاڪاڻ ته ڇوڪري ويهن سالن جي هئي ۽ هن جي عمر ٻائيتاليهه سال هئي.

سٺ ۽ ستر واري ڏهاڪي ۾ دوستووسڪيءَ جا تمام مشهور ڪتاب ڇپيا، جن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو:

i) The Humiliated and wronged (1861)
ii) Notes from the underground (1864)
iii) Crime and punishment (1866)
iv) The Idiot (1868)
v) The Possessed (1871)
vi) A Raw Youth (1875)
vii) The Diary of a writer (1876_80)
viii) The Brothers Karamazov (1880)

هنن ڪتابن جي اشاعت کان پوءِ هن جو مان مرتبو ته وڌيو پر معاشي حالت ڪونه سڌري، ان ڪري هن کي ڪجهه ڪتاب غربت جي خاتمي لاءِ جلدي لکڻا پيا. جيل جي سختين هن جو جيءُ جهوري وڌو هو جن جي خراب اثرن ڪري کيس مرگهيءَ جو مرض نڪري پيو. ڇڙاڇپ وارن ڏينهن ۾ ڪلبن ۾ شراب ۽ جوا جا مزا، مخالفن سان جهيڙا، دوستن سان ناراضگيون، پبلشرن سان مغز خوري، سرڪار سان سينسرشپ خلاف دنگل ، ياريون باشيون، انهن سمورين بي راهه روين هوندي به هن جو روح، خدا، سچ ۽ سڪون جي تلاش ڪندو رهيو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

دوستووسڪي جا ادبي اهڃاڻ صاف ۽ واضح رهيا. شروع ۾ هو رشين ريئلسٽ اسڪول جو ميمبر رهيو. يورپي رومانٽڪس جو اثر شخصيت ۾ ٽڪراءُ ۽ برائيءَ جا اثر هن جي ذهن تي حاوي رهيا. وڪٽر هيوگو جي ”انسان دوستي“ ۽ ان سان گڏ ٻين فرانس جي لڪارين جو هن گهڻو اثر قبول ڪيو. انهن سمورن حالتن جي جهلڪ هن جي ناولن ۾ نمايان نظر اچي ٿي. روسي ليکڪن مان گوگول جو اثرهن مٿان ڪجهه سرس ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن جي ‘Poor folk’ ۽ ‘The Double’ تائين هن جو پهريون دور ليکيو وڃي ٿو.

دوستووسڪي جو ٻيو دور سال 1854ع کان 1864ع تائين چيو وڃي ٿو. هن دورجي پهرين ناول *‘The Humiliated and wrong’* ۾ ان وقت جي ڏکائيندڙ حالتن, زنا ڪارين, قتل, ٻنا پيءُ ٻار, ڪوڙي وڏائي, ظالم داداگير, جذباتي عشق....... وغيره جي تصوير پيش ڪئي وئي آهي. ان سان گڏ سماج جي نفسياتي, علامتي ۽ فلسفيانہ ورهائجڻ جو ذڪر, چڱي ۽ بري ۾ تفاوت, ماڻهو جي سوچ جا ٻہ پهلو, هڪڙو جيڪو ظالم آهي ۽ ٻيو مظلوم; انهن جا سبب ۽ پوءِ علاج. هن جي ناول *‘The gambler’* جو حصو بڻجن ٿا. ان سان گڏ *‘The notes from underground’* جي حوالي سان اهو ذڪر ملي ٿو تہ هڪڙا ظلم ڪن ٿا ۽ ٻيا خاموش سهن ٿا. ان لاءِ هو چوي ٿو تہ عملي قدم, سادا ۽ ڪم عقل ماڻهو جهٽ ڪڻن ٿا, ان جي برعڪس قابل ۽ شاطر قسم جا ماڻهو شڪ ۽ طاقت وڃائڻ ۾ رڌل رهن ٿا. سماج جو سڌرڻ ناممڪن آهي, ڇاڪاڻ تہ بيوقوفي ۽ انسان جي فطرت ۾ ٽڪراءَ ان ۾ رڪاوٽ بڻيل آهن; سماج جي بگڙيل صورت آهي ماڻهوءَ جي جسم ۽ ذهن جي پيداوار آهي نہ ڪي هن جي هيٺي حال جي, ڇاڪاڻ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

تہ بنيادي طور تي هو انتقامي، ظالم، بي عقل آهي ۽ هو خطري کي ڳولهي سيني سان ٿو لڳائي ۽ بچاءَ کي ڏسي بہ ڪونہ ٿو.

دوستووسڪيءَ جي ٽين ۽ آخري ادبي حيثيت هن جي ناول *'Crime and Punishment'* مان جهلڪي ٿي. هو ماڻهن جي نسل کي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿو. هڪڙو ڏکندڙ اڪثريت وارو نسل ۽ ٻيو طاقتور اقليت وارو نسل، جيڪو ڏوهہ ڪرڻ، حق ڪاٽڻ ۽ سماجي ۽ روايتي قانون ٽوڙڻ کي پنهنجو حق ٿو سمجهي.

هن ناول جي اهم متن- آزادي ۽ طاقت، اخلاقيات جون مقرر ٿيل حدون، ليبدر ۽ عوام جي وچ ۾ ٽڪراءُ هجن ٿا، جن تي اڳتي هلي، نطشي عمل پيرا ٿئي ٿو ۽ دوستووسڪيءَ کي پنهنجو استاد ڪري تسليم ڪري ٿو.

سال 1865ع کان وٺي هن جي ناول "ڏوهہ ۽ سزا" جي لکڻ ۽ مرڻ کان اڳ دوستووسڪي مٿان روح جي روحانيت، سچائي ۽ ڪرسچن قانون جو اثر ڪجهہ وڌيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان ناول ۾ چيل لفظ تہ "خدا مون کي سموري حياتي ۾ پيئي ڏنپ ڏنا آهن". اهڙي طرح سان هو پاڻ ڪا ئي فتويٰ يا مسئلي جو حل نٿو ٻڌائي پر پنهنجي ڪردار کان سوال ڪرائي ٿو ۽ انهن جي زباني جواب حاصل ڪري ٿو.

دوستووسڪي جا چونڊيل عنوان گهٽي ياڳي هن جي ناول "ڪيرو موزوف پائر" اندر ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اهو ناول جڻ هن جو 'Divine Comedy' جيان لڳي ٿو. هي ناول دوستووسڪي جي عظيم تخليق چيو وڃي ٿو جنهن ۾ نفسياتي سمجهہ، ڪردارن جي گهڻائي ۽ اعليٰ جاڻ ۽ عقلمندي نظر اچي ٿي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

دوستوسڪي پنھنجي تحريرن ۾ يورپ جي وڏن ملڪن فرانس، جرمني، اٽلي ۽ انگلينڊ جي علمي ادبي اهڃاڻن ۽ ڪردارن مان پڻ چونڊ ڪري گهڻو ڪجهه پيش ڪيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو پشڪن مٿان تقرير ڪندي يورپ ۽ رشيا وچ ۾ اختلاف ۽ ٽڪراءَ جي نفي ڪري ٿو ۽ چوي ٿو تہ يورپ اسان جو پيو فادر لينڊ آهي ۽ اتان جا شهري اسان جا شهري هجن ٿا.

دوستوسڪي انساني نفسيات جو مطالعو ڪندي ماڻهوءَ جي اندر جي ٽڪراوَن، الجهاوَ ۽ جذباتي ڪيفيتن جو غور سان تجزيو ڪيو آهي، ان ڪري ئي هن کي نفسياتي ناولن جو ماهر ڪري تسليم ڪيو ويو آهي. هن جا ڪردار بي انتها درجي جا سچا ۽ عام زندگيءَ مان کنيل آهن: مثال طور، پادري، شاگرد، وئشائون، بگڙيل نرَ، ناريون، عاشق، قاتل، ڏوهاري، اديب، عقلمند، بيوقوف، مشڪرا،انڪاريت پرست، سچار ۽ فلسفي- ۽ انهن جي عملي زندگي جون جهلڪيون، سچايون ۽ حقيقي مسئلا پيش ڪيا ويا آهن. انهن حياتيءَ جي ڏکن سورن جي پيشڪش، ٻولي، ڊائلاگ.. لکاريءَ جي لياقت ۽ اهليت جا ڏنا وائتا ثبوت لڳن ٿا.

ان ڳالهہ جي اهميت ناهي تہ پڙهندڙ انهن سان اتفاق ڪري يا نہ تہ دوستووسڪيءَ جو دين، ان جا خيال ۽ احوال ۽ ماڻهن جا انداز ڪيئن ۽ ڪهڙي نوعيت جا آهن. پر اها ڳالهہ ضرور اهميت واري آهي تہ دوستووسڪيءَ کي شاباس ڏيڻ کان رهي نٿو سگهجي جو هن ڪيڏي جذبي، همت ۽ بهادريءَ سان حياتي ۽ سماج جي بنيادي اصولن مٿان کولي لکيو آهي. هن جي اهڙي جوش ۽ جذبي کي سلام ڪيو وڃي ٿو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

باب تيرهون

# ليو ٽالسٽاءِ

# LEO TOLSTOY

(1828-1910)

ٽالسٽاءِ 1828ع ۾ ڄائو ٻن سالن کان پوءِ هن جي ماءُ ۽ نَون سالن بعد سندس پيءُ انتقال ڪري ويا. هن يتيم ٻار جي پرورش سندس چاچيءَ ڪئي. هن ٽيهن سالن تائين عام تعليم حاصل ڪئي. ڪجهه استاد ٻاهريان هئا جن وٽ فرينچ ۽ جرمن زبانون پڙهيون. ڪاليج ۾ سورنهن سالن تائين پڙهيو جتي هن جي دل نه لڳي ۽ ان ڪري هو گريجوئيٽ نه ٿي سگهيو. ان بعد سينٽ پيٽرس برگ ۾ داخل ٿيو جتي جُوا ۽ آواره گردي جو شڪار ٿيو.

ان کان پوءِ هو آرمي ۾ ڀرتي ٿيو. تربيت کان پوءِ ڪوهه قاف ۾ بعد ۾ جونيئر آفيسر جي حيثيت سان ڪريمين وار (Crimean war) ۾ فرانس، ترڪي ۽ برٽش فوجن سان جنگ ۾ حصو ورتائين. اتي هن فارغ وقت ۾ قلم جو سهارو ورتو ۽ چند ڪهاڻيون گهڙيائين ۽ اهڙي طرح سان Tales of Sebastopol جو ڪهاڻيڪار مشهور ٿيو جن لاءِ هن اعلان ڪيو هو ته انهن ڪهاڻين جو هيرو فقط "سچ" هو ۽ نه ڪو ٻيو.

ان کان پوءِ هو پيار جي پيچرن تي ڪاهي پيو ۽ ٻاهرجي وچي سير سفر جي دنيا ۾ پهتو. ايتري ۾ هارين جي ٻارن لاءِ Clear Glades ۾ هن پروگريسو تعليم وارو اسڪول کوليو جتي پاڻ به پڙهائڻ لڳو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

هن قلم جي ڪرت جاري رکي ۽ ڪاميابي جيڪا اڃا اڻپوري هيس حاصل ڪائين. پوري ڪاميابي تڏهن ٿي، جڏهن 1862ع ۾ هن سوفي بهرس (Sophie Behrs) سان شادي ڪيئي، جيڪا سندس عمر کان اڌ جيتري مس هئي ۽ نوجوان نينگري ٿي لڳي. جنهن کان پوءِ هن پنهنجي جاگير تي اچي ديرو ڄمايو ۽ عظيم شهپارا تخليق ڪيا. 1863ع ۾ هن 'The Cossacks' ڇپرايو ۽ ساڳي سال 'War and Peace' لکڻ شروع ڪيائين. ڏهه سال پوءِ 1873ع ۾ هن 'Anna Karenina' شروع ڪيو اهو ختم ٿيڻ کان اڳ هن جي اندر ۾ اخلاقيات جي آنڌ مانڌ اڌما ڏئي نڪرڻ لڳي، جنهن جو سمورو احوال 1879ع دوران 'My Confession' ۾ هن پڌرو ڪيو آهي.

هن عرصي دوران هن جي حياتيءَ ۾ وڏي تبديلي اپري آئي، جنهن هيٺ هن وڏو فيصلو ڪيو ۽ جنهن تحت هن پنهنجي ماضيءَ تان هٿ کنيو جنهن ۾ فن جي دنيا (Art) پڻ شامل هئي، پنهنجي نئين دنيا ۾ هن "پنهنجي ڀلائي ۽ انسانيت جي خدمت" کي پنهنجو Motto بڻايو. ان گهڙيءَ کان هن فڪشن اها گهڙڻ شروع ڪئي، جنهن ۾ هن پنهنجا مذهبي نظريا بيان ڪيا يا جيڪو جذبو هن جي عقلي دليلن 'Logical resolutions' کان ڪجهه طاقتور ٿي هن مٿان حاوي ٿي ويو هو. هن اندر جيڪا تبديلي اپري، اها وڏي جاکوڙ مشاهدن ۽ سير سفر جو نتيجو هئي.ان سفر ۾ هو گهڻو روسو کان متاثر ٿيو جنهن جي تعريف جا هر وقت ڏِڪ پرڻ لڳو هو. ٻيو اثر هو روس جي قديمي کيتي ڪرڻ وارن جي حالتن جو اهو ئي سبب هو جو ٽالسٽاءِ انساني تهذيب جو حمايتي بڻيو بنسبت فطرت 'Nature' جي. هن اهو محسوس ڪيو ته سمورا ڏک، سوسائٽي ۾ ڪوڙن قدرن جا جوڙيل ٿا ڏسجن. ان جي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

برعڪس ماڻهو بنيادي طور تي نيڪ يا ڀلو آهي. هن جو ضمير ڪيس هر وقت ستائيندو رهندو هو.

روس جي سماجي تاريخ جو هڪ دور هو، جنهن کي مشهور ماڻهن جو دور 'Populist Period' سڏيو ويو هو. ان جي ڪجهه زنده ضمير وارن کي پڇتائيندڙ نيڪ مرد 'Repentant Noble men' سڏيو ويندو هو. انهن وانگر هن کي به پنهنجي دولت ۽ سماجي رتبي تي شرمساري ٿيڻ لڳي. اهو ئي سبب آهي جو هن غريب هارين جي حمايت ۾ سار سنڀال شروع ڪري ڏني هئي، جنهن کي هڪ روحاني ڏات يا عقلمندي 'Spiritual Wisdom' ڪوٺڻ لڳو هو.

ان دور ۾ هن کي فيملي ۾ گڏجي رهڻ ڪري سڪون محسوس ٿيڻ لڳو هو. ان سان گڏ لکاري جي حيثيت ۾ پاڻ هارين سان گڏ ڪم ڪرڻ ۾ پڻ اها ڪيفيت محسوس ڪرڻ لڳو هو. اها ڪيفيت ڪافي نشيب و فراز کان پوءِ اٽڪل پندرنهن سالن تائين قائم رهي. آخرڪار هن جي اندر مان پشيمانيءَ وارا خيال ۽ پادري 'Saint' بڻجڻ وارا اُڌما ماٺا ٿي ڪيس ماڻهو بڻجي رهڻ واري ماحول طرف وٺي آيا ۽ اهڙي طرح سان هن انسانيت اپارڻ وارا گفتا ۽ گيان ورجائڻ شروع ڪيا.

ٽالسٽاءِ دنياداريءَ جا لوڀ ۽ لالچون پاڻ کان پري رکڻ لاءِ جتن ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا هئا. تيرهن ٻارن جو پيءُ، ڇيڙاڪ طبيعت ۽ مضبوط ارادن وارو عاشق مزاج، اچانڪ بدلجي نفسياتي خواهشن کان دور، پاڪدامني وارا درس ڏيڻ لڳو.

ملڪيت کان منهن موڙي قديم ڪميونزم جي جذبي تحت سموري مال ۽ ملڪيت کان الڳ ٿيڻ جو اعلان ڪري ٿو. ايتري تائين جو موروثي مالڪيءَ واري معاوضي تان پڻ. هن مٿان هڪ غلبو طاري



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

ٿيو تہ ٻياسي سالن جي عمر هجڻ تائين هن عام ماڻهوءَ لاءِ ڪجهہ ناهي ڪيو ۽ فرض ۾ ڪوتاهي ڪرڻ جو ڏوهي آ. هن يڪدم زال ۽ اولاد، وڏن جي ملڪيت مال، سيني تان هٿ کڻي جهنگ منهن ڪري سالڪ وارو سفر شروع ڪيو ۽ رشيا جي روڊن تي پلتار ڪندو رهيو. ان رولڙي دوران بيمار ٿي پيو ۽ هڪڙي ڦِتل ريل روڊ اسٽيشن تي 1910ع ۾ پليٽ فارم تي مري ويو. هن کي سندس هٿان ٺاهيل ڪليئر گيڊس اسڪول جي پر واري پارڪ ۾ دفن ڪيو ويو.

سندس قلمي پورهيو:

ٽالسٽاءِ پنهنجي ليکڪ جي حيثيت "يادگيرين" جي صورت ۾ شروع ڪئي. (Childhood, boyhood, youth_ 1852_ 1856) هن پنهنجي تحريرن ۾ محنت، مشقت کي سچائي سان بيان ڪيو آهي ۽ مسئلن تي کولي لکيو آهي. هن کي جڏهن احساس ٿيو تہ فن سان لکيل تحريرون ڪجهہ ڏکيون پئي لڳيون تہ هن يڪدم سڌي سادي تحرير، خط، مضمون، مباحثي وارا مضمون پڻ لکيا. هن ڏٺو تہ لکاري جو دائرو جنهن جاءِ تي نٿو پهچي، اتي هن تبليغ ڪرڻ ۽ تبليغي وارو ڪردار بہ ادا ڪيو. هو فلسفي بہ ٻٽيو نئين ديني لاڙي جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي. سماج سڌار ٻٽيو ۽ سماج کي سڌارڻ لاءِ هن ويڙهاڪ جو روپ بہ اختيار ڪيو. هن جي قدآور شخصيت فڪشن کان هٽي ڪري، روحاني دنيا ۾ بہ اهم جاءِ والاريندي نظر اچي ٿي. هن جو اثر روس جي هر فڪر مٿان حاوي نظر اچي ٿو. روسي انقلاب جو ماحول ٺاهڻ وارن ۾ ٽالسٽاءِ اهم جاءِ والاري ٿو. ان طرح سان روس ۾ جيڪڏهن ڪو عظيم ماڻهو پيدا ٿيو تہ ان جو نالو ٽالسٽاءِ ئي ٿي سگهي ٿو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

تالستاءِ هڪ طاقتور شخص هو ۽ هن جو ذهن بہ اوترو ئي تيز هو. هن کي سماج جي سورن، جذبن ۽ لاهن چاڙهن جي بخوبي ڄاڻ هئي. هن ناول *'The Cossacks'* ۾ حياتيءَ کي ويجهڙائي کان ڏٺو آهي. ماڻهن جي مسئلن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ، نہ فقط ماڻهن پر جانورن جي بہ جيڪي ماڻهن سان شامل هجن ٿا. مثال طور ڪتا ۽ گهوڙا، انهن ۾ ماڻهن سان وفاداري ۽ فرمانبرداري وارا لاڙا خوب پرکيا اٿس. ٻاهرين دنيا جو ماڻهو جيڪو روسي ادب پڙهڻ کان پوءِ ڏک، غربت ۽ غمگين ماڻهن جو ادب ڪوني ٿو اهو جڏهن تالستاءِ کي پڙهندو تہ کيس روس بابت پراڻي راءِ مٽائي نئين راءِ يعني خوشي، خوش آئند رجحانات ۽ مثبت ادب ڪوڻ لاءِ مجبور ٿيندو.

هن جو ٻيو مشهور ناول "جنگ ۽ امن" 'War and Peace' پڙهڻ کان پوءِ محسوس ٿيندو تہ ان ۾ خاندانن جي حياتين جا احوال درج ٿيل ملندا. مشهور خاندان: راستوفس، بيزوخوفس ۽ بولڪن اسڪائيز جيڪي پڙهيل لکيل ۽ خوشحال خاندان رهيا آهن.

ان سان گڏ تالستاءِ ننڍن ماڻهن مثال طور پليٽن ڪراٽوف، جيڪو مسڪين هاري هيو پر سياڻپ ۽ نيڪوڪاريءَ جو مجسمو هو. ان کان علاوه ننڍن زميندارن جو ذڪر بہ ٿيل آهي. هن ناول ۾ 559 ڪردار آهن. هر ڪردار جي پنهنجي دنيا ۽ دائرو آهي، ان ڪري ناول نگار جو قول آهي تہ "ناول جو پلاٽ اهي ڪردار ئي آهن ۽ حياتي جي ڳولا پڻ حياتيءَ جو احوال ئي تہ آهي".

هن جو ٽيون ناول 'Anna Karenina' آهي، جنهن ۾ صحتمند ماڻهن جي صحتمند ۽ خوبصورت دنيا جو ذڪر ملي ٿو. ايتري تائين جو جنگ جي تباهي ۽ توبن جي ٺڪائن کي بہ زندگيءَ جا



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

عام رواجي اظهار ٿو ڪوني ۽ پريشاني ۽ ڏک ۽ تڪليفون به انسان لاءِ حياتيءَ جو حصو ٿو چوي.

ٽالسٽاءِ جي حياتيءَ ۾ گهڻي ڀونچال ڪري 1879ع ڌاران هڪ وڏي تبديلي اچي وئي، جيڪا هن جي مشهور تصنيف *'My Confessions'* جي صورت ۾پڌري ٿي. هن دور ۾ ليکڪ تي گهڻو اثر مذهبي رنگ جو هو جنهن ڪري پاڻ کي گذريل دور تي سوچيندي پشيمانيءَ جي ور چاڙهي ڇڏيو. ان کان پوءِ جيڪو به علمي ڪم ڪيائين، اهو ڌرمي رنگ ۾ رڱيل رهيو. اهو ئي سبب آهي جو هن حياتيءَ جا نت نانگر ڇڏي، انسانيت ۽ عوام الناس جي خدمت ڪرڻ جو وچن ڪيو ۽ محل ماڙيون ڇڏي ڌرتي وارن سان ڌرتيءَ تي رهڻ، گهمڻ ۽ ڪجهه چڱا ڪم ڪرڻ لاءِ سيلاني جو روپ ڌاري نڪري پيو. ٽالسٽاءِ جي زندگيءَ جي هيءَ وڏي تبديلي چئي ويجي ٿي.

روسي نقادن جي دنيا ۾ ليئو پاڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته دوستووسڪي ۽ ٽالسٽاءِ جي حياتين ۽ قلمي ڪاوشن تي گهڻو بحث ۽ تقابلي مواد ملي ٿو.

دوستووسڪي کي داخلي دنيا 'Subjective' جو پانڌيئڙو ڪوٺيو ويو آهي، جڏهن ته ٽالسٽاءِ کي خارجي 'Objective' دنيا جو.

مرزڪووسڪي نالي نقاد، دوستووسڪيءَ کي روحاني دنيا جو پانڌوڙي ۽ ٽالسٽاءِ کي جسماني دنيا جو جاکوڙي ڪوٺيو آهي. ٻين نقادن دوستووسڪيءَ جي غمگين ۽ عقلي عملن کان هٽيل دنيا يا روين جي مخالفت ڪئي آهي. ان جي برعڪس ٽالسٽاءِ ماڻهوءَ جي خوش آئند ۽ سمجهداريءَ واري دنيا جو حمايتي هجڻ ڪري سندس حمايت ڪئي آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin Ameer Adnan 00923337516944

اهڙي قسم جا رايا يا اظهار ان ڪري بہ ايرن ٿا، جو ٻنهي ليکڪن جي حياتي الڳ الڳ راهن تي گامزن نظر اچي ٿي. دوستووسڪي جي حياتي رومانوي روين، انساني حياتي طويل ۽ اٽانگن پيچرن تي هلڻ وارن ڪردارن جي تفصيلي ذڪر اذڪار سان ڀرپور بيان ڪيل ڪهاڻي تي لڳي. جڏهن تہ ٽالسٽاءِ اينٽي رومانٽڪ رويو رکڻ ڪري پاڻ ۽ سندس ڪردار جيڪي هن گهڙيا آهن . اهي سچا، سڌا، سادا انسان آهن تہ انهن جي دنيا بہ سڌي، سادي ۽ حقيقت تحت هلڻ واري دنيا ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

ٽالسٽاءِ جي حياتي ۽ سندس ڪاوشن ادبي دنيا اندر وڏا عڪس ڇڏيا آهن ۽ اجا بہ پڙهندڙن جي ذهن تي عمدا عڪس ڇڏيندي رهي ٿي. سموري دنيا ۾ هن جا هزارين پرستار ۽ خاص شاگرد ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڀارت ۾ گانڌي، فرانس ۾ رومين رولان، جپان جي مذهبي باغين کان وٺي آمريڪا جي سجاڳ ضمير وارن جتن، هن جي اخلاقي اصولن کي سيني اندر سانڍي ٽالسٽاءِ کي روحاني استاد جهڙي عظمت سان پئي ياد رکيو آهي. اهڙي طرح سان هن جا روحاني شاگرد ۽ پرستار سموري دنيا اندر ملن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو ٽالسٽاءِ جي پستڪن جا ترجمان تمام گهڻين ٻولين ۾ ٿي چڪا آهن. ان ڪري روس وارا ٽالسٽاءِ کي روسي ادب جو عظيم لکاري ڪري مڃين ٿا. ڀلي هنن جا مذهبي يا سياسي اختلاف ڇو نہ هجن، هو ٽالسٽاءِ کي دنيائي ادب جو لائق ۽ فائق، روسي ملڪ جو نمائندو پڻ مڃين ٿا. اهي ٽالسٽاءِ جي تحريرن کي روسي قومن جي ضمير جو آواز ڪوٺين ٿا.

ٽالسٽاءِ جيئن تہ پنجاهہ واري ڏهاڪي ۾ سرفڊم 'Serfdom' جي دور اندر لکڻ شروع ڪيو هو ۽ 1917ع واري روسي انقلاب کان



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ٿورو اڳ انتقال ڪري ويو ان باوجود هن جي شخصيت اوڻويهين ۽ ويهين صديءَ تائين روسي ثقافت ۾ ان جي ارتقا جو اهم ۽ نالي وارو لکاري ڪري تسليم ڪن ٿا.

Tolestoy made fun of bureaucracy- created hilarious lampoons and puns directed against the narrowness of the bureaurats.

Nekrassov: You may not be a poet but must be a citizen.

Dostovsky's literary and ideological evolution, the man from underground comes to the surface and, in a person Rakolnikov, chooses open rebellion as the only means for changing his destiny. He divides mankind into two main groups - the trembling multitude of common man - the daring minority of exceptional individuals who have right to transgress the conventional rules of social Law and Custom.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

باب چوڏهون

# اينٽن چيخوف

ANTON CHEKHOV

(1860-1904)

اينٽن چيخوف 1860ع ۾ ٽيگنراگ ‘Taganrog’ ايزوف سمنڊ ڪناري شهر ۾ ڄائو هو. هن جو پيءُ دڪاندار هو ۽ سندس ڏاڏو ننڍڙو زميندار هو ان ڪري هن کي پنهنجي زندگي پاڻ سنوارڻ لاءِ محنت ڪرڻي پئي. شروعات جا ڏينهن هن ڳوٺ اندر ئي اسڪول ۾ گهاريا، اتان نڪري هو ماسڪو ۾ اچي پنهنجي مائٽن وٽ پهتو. وڏي ڪٽنب هجڻ ڪري هنن کي اهي ڏينهن غربت منجهه گذارڻا پيا.

انهن ڏينهن ۾ ميڊيڪل اسٽوڊنٽ هجڻ باوجود هن ننڍڙيون مزاحيه ڪهاڻيون لکل نالن سان لکڻ شروع ڪيون هيون ته جيئن ڪجهه ڏوڪڙ حاصل ڪري تعليم جاري رکي سگهي. اهڙي طرح سان لکڻ هن جو اهم شوق بڻجي ويو. هن ميڊيسن ۾ ڊپلوما حاصل ڪئي پر ميڊيسن کي ڇڏي هن ادب جي دنيا ۾ پير پاتو. جڏهن ٽيهن سالن جي عمر جو ٿيو ته هن سٺي ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ چڱو نالو ڪمايو.

صديءَ جي پڇاڙي دوران هن ڊراما لکڻ شروع ڪيا هئا ۽ ماسڪو آرٽ ٿيٽر جي معرفت هو سٺو ڊرامہ نگار به بڻجي ويو.

سال 1904ع دوران هن کي سِلهه ظاهر ٿي پئي ۽ آخر ۾ گذاري ويو. هن جي گذاري وڃڻ ڪري ادب جي دنيا ۾ هن جو موت قومي نقصان طور مڃيو ويو. سياسي پونچال هن جي رتبي کي نقصان ڪونه



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

رسايو ۽ انقلاب کان پوءِ بہ اڳ جيان، هن جي تحريرن کي ماڻهو پڙهندا رهيا.

گذريل اڌ صدي دوران هن کي پراڻن انگريزن وارن ملڪن ۾ بہ ميجتا ملي ۽ اڄ تائين هن کي روس جو اهم ۽ مڃيل لکاري طور تسليم ڪيو وڃي ٿو.

چيخوف، شروع ۾ پاڻ کي سماجي مسئلن بابت لکڻ ڪري ڪالم نگار طور سمجهندو هو. هن سان گڏ ٻيا بہ ڪالم نگار هئا، ان ڪري هو سوچيندو هو تہ ايندڙ دور هن کي ساٿين سميت ڪو وڏو لکاري نہ پر اسيءَ جي ڏهاڪي جا لکاري هئڻ ڪري ياد ڪيو ويندو.

چيخوف، روس جي سر زمين ۽ ان تي رهندڙ ماڻهن جو خوب مشاهدو ۽ مطالعو ڪيو هو. خاص طور تي هيٺين طبقي جي ماڻهن جو، هاري، مزدور کان وٺي زميندار ۽ عوامي مهندار تائين. پنهنجي تحريرن ۾ جيڪي هن نقش چٽيا آهن، اهي خاص طور تي: ننڍڙا ماڻهو، ڪلارڪ، شاطر واپاري، سست اسڪول ماستر، ڳوٺ جا ملان/ پادري ۽ اڻ پڙهيل پوليس آفيسر وغيره. هن جو خاص ڪردار عام ماڻهو آهي. معمولي شخص، سادو، سباجهڙو، ميسوٽو ۽ منجهيل، جنهن ۾ ڪا خاص، اعليٰ جاڻ يا صلاحيت جي ڏپ ئي ڪانہ. هن جا مفاد خسيس، گهٽ ذهنيت، ڪمينائپ ۽ ڪنجوس ذهنيت، جواري ۽ موالي... هڪ ڪردار، جڏهن جوا ۾ سڀ ڪجهہ هارائي ٿو تہ صبح جو وري رقم قرض لاءِ پٽ کي ڏندا ٿو هڻي.هڪ همراهہ جو ايڪسيڊنٽ وارو اخبار ۾ فوٽو ٿو ڇپجي، اهو ڪٽي سيني تي چنبڙائي تڏ ۾ ڳلين ۾ ڦرندو ٿو وتي، ڪوٺ جو اڳ بہ ٽڏ هجڻ باوجود کولي ٿو ڇڏي. چيخوف ان ڪردار کي لکڻ کان پوءِ جڏهن ٻيهر پڙهيو هو تہ کِلي کلي کيرو ٿي پيو هو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

چيخوف پنهنجي لکاريءَ جي پهرين دور ۾ جيڪو مزاح نگار ۽ طنز نگار وارو روپ هئس، ان ۾ پنهنجي ارد گرد هن بيشمار ڪردارن جو مشاهدو ڪيو ٿو ڏسجي. مثال طور، موڪل جي ڏينهن جا متوالا، ڏُت ڪوچوان، بي وفا حسيناڻون، زالون، رولاڪ مڙس، ڪرپٽ پوليس وارا ۽ هيچي واپاري.......... انهن کي پڙهي چيخوف ڏاڍي خوشي محسوس ڪندو هو ۽ انهن ڪردارن جي پوڪ پٽي تي خوب چٽر ڪندو هو.

هن جون 1896ع کان اڳ ۽ ٿورو پوءِ واريون ڪهاڻيون انسان جي اندر ڀونچال، ڪمزورين، ڪوتاهين ۽ ننگائپ جا اڻ کٽ قصا ۽ ڪهاڻيون هيون.

چيخوف پنهنجي اندر جي اُڌمن، نفساني خواهشن، پيڙا، مشاهدن منجهان اپري عظيم بڻيو ٿو ڏسجي. ظاهري طور تي هو ننڍڙو لکاري هو، قلم هٿ مان نه ڇڏيائين، جنهن جي نتيجي ۾ هن جي شخصيت ۾ نکار ۽ اپار اپري آيو ۽ نيٺ هن جي گهري سوچ ۽ لوچ کيس عظمت ۽ عقلمنديءَ جي بي بها دولت سان مالا مال ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح سان هو پنهنجي تحريرن جي آئيني ۾ سچو ۽ سچار لکاري بڻجي مشهور ٿي ويو.

چيخوف نوي جي ڏهاڪي اندر پاسو بدلايو ۽ زندگيءَ جي مثبت پهلوئن کي ڇڏي منفي پهلوئن جو پاسو ورتو. زندگيءَ جي ڏُکاري ڏيکن کي چِٽڻ شروع ڪيو ۽ اهڙي طرح سان هن جي ڪردارن جي ڪردار نگاريءَ ۾ وڏي ڀونچال اچي وئي.

چيخوف هاڻي علمي اڪابرن ۽ اپر ڪلاس جي شهزادن طرف قلمي توپ جو رخ ڪيو. مايوسي، بي همتي ۽ بزدليءَ وارن ڪردارن کي چِٽڻ شروع ڪيو. عام طور جن کي موڊي ماڻهو Moody men چيو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin Ameer Adnan 00923337516944

ويندو آهي، هن جي ڪهاڻين جي زينت بڻجڻ لڳا. اهي ڪردار عام شهري زندگي گهارڻ وارا، جن کي پنهنجي زندگيءَ جي اهميت ۽ ضرورت جي ڪا خبر ناهي، جيڪي هر وقت اهو رٽ لڳائيندا رهندا آهن تہ يار هن بي مقصد زندگيءَ جو فائدو ڪهڙو؟ اهي عام طور تي ڪنهن ويران وٿاڻي تي رهندي ووڊڪا جا ڍُڪ پريندي وينا تاس کيڏندا، گوڙ گپاڙ پيا ڪندا، ڏينهن راتين جي هڪجهڙائي کان تنگ، جذبي ۽ جوش کان عاري، تعميري سوچ ۽ ڪم کان پرو، خسيس پڻي ۽ بوريت جا پندار، مايوسين جي ڏُبي ۾ پيا غوطا کائيندا. هڪڙا بي اختيار خيالي دنيا جا پوڄاري، جيئن وارڊ نمبر 6 وارو ڊاڪٽر، جيڪو حسن ۽ نواڻ تي گوهر افشاني ڪرڻ ۾ ڀڏو پيو آ، تہ هوڏانهن سندس اسپتال ۾ ٿرماميٽر بہ ڪونہ اٿس ۽ مريضن کي سندس پاليل موتا سوتا واردن ڪتڪي ڪيڻ ۾ پيش پيش، ٻيا وري سچ کان منهن موڙي بينا هوائن ۾ محل اڏيندڙ هيرو، ان ڪاري پادريءَ جيان، جيڪو تصور ۾ خوشين جا مزا ماڻڻ ۾ مصروف. آخر ۾ اهي عالم، تعليمي ماهر جيئن اهو پروفيسر، جيڪو The Dreary Story جو هيرو آهي، جيڪا چيخوف جي بهترين ڪهاڻي آ، اهي پنهنجي حياتيءَ جي پڇاڙي تي پريشان آهن ۽ پڇتاءُ اٿن تہ کين سموري حياتيءَ منجهہ ڪو اهڙو نقطو نہ هٿ اچي سگهيو جنهن جي ڪري هنن اهو رستو ئي نہ ڳولي سگهيو، جنهن تي پيار چا هي، اڪيلائي جا ڏنپ، منافقي کان نجات ۽ انساني طرز جي گفتار جا لاياڻا رخ هو ڳولي سگهڻ جي قابل بڻيا هجن.

چيخوف جا موڊي مين سماجي ۽ سياسي حالتن جو شڪار گهٽ، نفسياتي مانڏاڻ جو گهٽي ياڳي شڪار ٿيل تا ڏسجن. مثال طور: هڪ ماستر 'The man in a case' وارو، جنهن جو دماغ سُڪي ويجي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

ٿو ۽ ماڻهپي مان ٻاهر هجي ٿو اڪيلائپ ۾ بہ بنا ٻارن جي سامهون هجڻ جي عادت پٽاندڙ هٿن، اکين ۽ منڍيءَ سان خالي اشارا ورجائيندي نظر اچي ٿو.

ڪهاڻي Younysh جو اهو ڊاڪٽر وارو ڪردار، جيڪو پنهنجي جوانيءَ وارن جذبن جو گلو گهٽيندي، سستي ۽ مرغن غذا ڳڙيندي ٿلهو ٿي ٿوٽا هڻي ٿو ۽ پنهنجي ان حالت تي قسمت طرفان تحفو چوندي بوريت ۽ بي ايمانيءَ منجهہ عمر جا آخري ڏينهن گهاري ٿو.

چيخوف جي عورت ڪردارن منجهان ڪهاڻي 'The grass hoper' جي هيروئن وانگر جيڪا چيڙاڪ ۽ چلولي هجڻ ڪري سچ جي سچائيءَ واري راز کي سمجهڻ جي صلاحيت ئي نٿي رکي ۽ سچي پيار جو ڪوڙي نٽ ٽانگر سان سودو ٿي ڪري ڇڏي.

شروع ۾ ائين لڳي ٿو تہ چيخوف جا ڪردار بس ائين مٽي خالي يا مٽاڇرن ماڻهن جا ڪٽڪ آهن، جيڪي پوڙ اڻويهين صديءَ جا نمائندا ڪردار ٽا لڳن. اعليٰ تعليم يافتہ ماڻهو جيڪي لفظن گهڙڻ جا تہ ڪاريگر هوندا آهن پر حقيقت ۽ سچ آڏو منهن ڦيري ڇڏيندا آهن. اهي پاڻ کي ۽ پاڻ سان گڏ خاندانن کي ڪاهليءَ هٿان قربان ڪري ڇڏيندا، وٽن ارادي ۽ عزم جي ڪوتاهي هوندي آهي. جنهن سماج ۾ هڪ ماڻهوءَ جي حڪومت 'Autocracy' ۽ ڏاڍ هجي، اتي دل شڪستا، مايوس، بي ضرر پاڻ پرست ٽولا، پريشان حال ماڻهو ناخوش نارييون، وڪيل، ڊاڪٽر، ماستر، صحافي، وڏيرا ۽ محافظن جا ادارا جام ملندا. اهو ئي سبب آهي جو اهڙا ڪردار چيخوف جي دل جي ديوار اندران جلوس ڪڍيو گهمندا ڦرندا نظر اچن ٿا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin Ameer Adnan 00923337516944

چيخوف کي فقط پنهنجي ڪردارن جي روشنيءَ ۾ نہ پرکيو وڃي، هو گهڻو عملي ماڻهو هو هن جي تحريرن منجهہ عمل جي ڪاڻ ۽ عظمت جي اوچائي بہ سمايل ٿي ڏسجي. هن جا پنهنجا لفظ آهن تہ هو پرعزم آهي ۽ يقين رکي ٿو: صحت، هوشياري، ذات، اُهاءُ، پيار، مڪمل آزادي، جَبر ۽ ڪوڙ کان آزادي جهڙن انمول اصولن مٿان. هن حساس ۽ نازڪ آرٽسٽ کي مڪمل يقين هو مثبت لاڙن ۽ انسان پرست اصولن مٿان، جن سان هو شامل ڪندو هو فرد جي مڪمل طور اپاريل، سريلي انفراديت.

ڪجهہ عرصي لاءِ چيخوف ٽالسٽاءِ جي اخلاقي پاليسي، جنهن تحت برائي کي طاقت سان نہ ڪچليو وڃي: 'Non_ resistance to evil by force' پر 1890ع ڌاري جڏهن هو سخالن 'Sakhalin' ٻيٽ تي ٿهيل ڏوهارين/ سزا يافتن جي ڪالونيءَ جو دورو ڪري موٽيو تہ هن ٽالسٽاءِ واري پاليسيءَ کي ٺڪرائي، جدوجهد جي اهميت کي وري ورجايو ۽ لبرلزم جي اصول تي پڻ زور ڏنو. هڪ دفعي مزاحيہ انداز ۾ هن لکيو تہ "عقلمندي ۽ انصاف" مون تي اهو واضح ڪيو آهي تہ "بجلي ۽ ٻاڦ منجهہ انسانيت وڌيڪ آهي، بنسبت پاڪدامني ۽ ڀاڄي خوري جي":

Quote: 'Reason and justice tell me, that there is more humanity in electricity and steam than chastity and vegetarianism'

پنهنجي ڪهاڻي 'Goose Berries' ۾ هن ٽالسٽاءِ جي اصلاحي ڪهاڻيءَ 'How much land does a man need' کي ٺڪرائي ۽ مڇڻ کان جواب ڏنو. هن چيو تہ "روايتي طور تي برابر ماڻهوءَ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin Ameer Adnan 00923337516944

ڪي زمين جا ست فوٽ ئي گهرجن، پر اهي فقط لاش جي پورڻ لاءِ ڪافي آهن، جڏهن ته هڪ زنده انسان کي ستن فوٽن کان وڌيڪ هڪ پوري رياست۔ هن کي سموري دنيا کپي“.

چيخوف ڪنهن به سياسي پارٽيءَ سان سلهاڙيل ڪونه هو ۽ نه ڪنهن سان ساٿ هئس، پر هو روس جي وسيع لبرل علمي برادري جو ميمبر هو، انهن جي عملي ڪوڊ ۽ احساسات جو علمبردار هو. جڏهن گورڪي کي زار جي حڪم موجب سياسي بنيادن تحت رشين اڪيڊمي جي ميمبرشپ مان خارج ڪيو ويو هو، تڏهن چيخوف پاڻ اڪيڊميشن هجڻ جي حيثيت ۾ احتجاج ڪندي اڪيڊمي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. هن هر لمحي اهو پئي ورجايو ته اهو جنهن جي ڪا حاجت ناهي، ڪيس ڪي اميدون ۽ ڪي خوف ناهن هوندا، اهو لکاري نٿو ٿي سگهي:

Quote: ‘He who does not want anything, has no hopes and no fears, cannot become a writer’

چيخوف هارين جي غربت ۽ بي حاليءَ تي گهڻو لکيو پر سندس به ڪهاڻيون: ‘Peasants’ ۽ ‘In the Ravine’ تمام سٺيون ۽ عظيم ليکيون وڃن ٿيون. هن بورجوازي زندگين تي به گهڻو ڪجهه لکيو، هتي هن جا ٽارگيٽ، همعصر نيڪ مرد ۽ علمي ماڻهو آهن، جن مان گهڻا ”شوباز“ ماڻهو آهن، جن جو تعلق به اپر ڪلاس سان رهيو آهي. هن جي ڊرامن ۾ گهڻو تڻو انهن جي خلاف لکيل آهي. هن جي ڊرامي ‘The sea gull’ ۾ هڪڙو ڪردار، ٽگورن اجهو هن طرح چوي ٿو:



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

Quote: 'The intellectuals seek nothing, do nothing, are unfit for work of any kind.'

ترجمو: "اهي دانشور، ڪجھ حاصل ڪون ڪندا، ڪو ڪم ڪون ڪندا ۽ ڪنهن به قسم جي ڪم ڪرڻ جي لائق ئي ناهن هوندا".

ٻئي ڊرامي: 'The cherry Orchard' منجھ تروفيموف (هڪ ڪردار) هيئن چوي ٿو جيڪو اجا به سخت آهي.

Quote: 'They read nothing; have little taste in art and they talk, talk, and talk, while surrounded by dirt, vulgarity and Asiatic backwardness'

ترجمو: "اهي پڙهن ڪجھ ڪون، فن سان ڪو چاهه ڪون، چڙو پيا جاڙي هٽندا، ڳالهائيندا پيا ڳالهائيندا، ڌوڙ جي ڍڳ تي ويٺي، عرياني ۽ ايشيائي ابتري سندن موضوع هوندا".

چيخوف اهڙن علمي اڳواڻن جا ڏاڱا لاهڻ ۾ دير ئي نه ڪندو هو، ان سان گڏ مستقبل بابت مايوس نه پر پُرامید ٻڻجي اڳڪٿيون پڻ ڪندو هو ته روسي سماج ٿوري وقت اندر ترقي يافته ضرور ٿيندو. اهڙي خوش آئند، اميد ۽ آسرو هن جي ڪهاڻي 'The Three Sisters' ۾ موجود آهي.

چيخوف جي تحريرن منجھ نڪمٽائپ، واندو ويهڻ، فضول ڦرڻ (Futility) تي ڪافي چٽر ڪيل ٿي ڏسجي. هن نڪمٽائپ کي ٻن قسمن ۾ ورهايو آهي؛ سماجي نڪمٽائپ، جيڪا انقلاب کان اڳ 1905ع ڌاران غربت جي گهاٽي ۾ پيڙجڻ وارن ماڻهن ۾ ٻي چين، مايوس علمي ماڻهن منجھ گهرڪندي پئي وئي ۽ ٻي عام ماڻهن واري نڪمٽائپ، جنهن هنن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو هو اميدن مٿان



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پاڻي ڦيري ڇڏيو هو. جن جي زندگين ۾ زهر ملايو هو ظلم ۾ پاڳلپڻي جن کي ماڻهپي مان ڪڍي ڇڏيو هو.

هڪ ڪردار Masha کان ڪو پڇي ٿو تہ ”تون ڪارا ڪپڙا ڇو ٿو پائين؟“ جواب ٿو ڏئي.

مون کي سموري حياتي روئي رڙي جو گذارڻي آهي. ڇو تہ منهنجو ڏيل ئي ڏکايل آهي.

Quote: ‘I am mourning for my life_ I am unhappy’

ترجمو: مان پنهنجي حياتي لاءِ ٿو روئان - مان ناخوش آهيان.

(هي حوالو ڪهاڻي The Sea Gull منجهان کنيل آهي)

چيخوف جا اهڙا ٻيا بہ ڇرڪائيندڙ موضوع آهن. مثال طور: سچاڻپ جي گمشدگي. انساني لڳ لاڳاپن جو فقدان ۾ انهن منجهہ سچائيءَ جي کوٽ...... وغيره. ان طرح سان چيخوف جي ڪهاڻين منجهہ يونيورسلٽي جام ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جيڪا هر ملڪ ۾ اتان جي ماڻهن جي مسئلن سان ملي ٿي.

چيخوف جي لکڻين جي هڪ خوبي اها بہ آهي تہ هو سماج اندر نفسياتي حقيقت پسندي يا سچائيءَ تي بہ گهري نظر رکندو رهي ٿو. هن پنهنجي ڪردار جي عملي چرپر کي حقيقي انساني حدن اندر پئي رکيو آهي. هن جو ڪردار ڪڏهن بہ آسماني مخلوق يا دولتمندي واري ڏارا منجهہ داخل ٿيل ڪونہ آهي. ان ۾ چيخوف تي ٽالسٽاءِ جو ائنٽي رومانٽڪ وارو رويو ڪجهہ سرس نظر اچي ٿو.

هو پنهنجي ڪردارن کي ڪوڙ بدوڙ کان پري رکندو رهي ٿو ۽ انهن کي پنهنجي اصليت، پلي اها ذهني تصور، روايت يا بي ايماني ڇو نہ هجي. انهن اوٽاين کي بہ هو سچايون يا جيئڻ جو تيئن. اصلي روپ ۾



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

رسمن سان پيش ڪري ٿو. هن جي تحريرن منجهه وفاداري، عظمت، سچائي، همدردي ۽ طنز مزاح جام جهلڪي ٿي.

چيخوف ڪڏهن به پنهنجو آواز بلند نہ ڪيو. هن جو ڳالهائڻ مانيٽو سپاءُ همدردي وارو پر نظر تيز جيڪا هر عمل کي خوب پرکي ٿي، پر ان تي ڪو اٽوٽندڙ عمل ڪونہ ٿي ڪري، ڪوبہ اخلاقيات جو پرچارڪ. جيئن گورڪي هڪ هنڌ چيو هو "تہ پلي ماڻهو ڏکن ڏولاون جي وچ ۾ ويٺل هجي پر هن جي چپن تي مسيحا واري مرُڪ موجود هجي ۽ هن جي چهري منجهان ڪابہ احتجاج واري لڪير نظر نہ اچي." اهو سڀ ڪجهه هن پنهنجي حياتيءَ اندر ئي جوڙيو پرکيو ۽ پروڙيو اهو ئي سبب آهي تہ انهن تحريرن مٿان لکاري حاوي نظر اچي ٿو.

**چيخوف جي ڊرامن بابت:**

ماسڪو آرٽ ٿيٽر کي مشهور ۽ مقبول ٿيڻ جو رتبو چيخوف جي ڊرامن جي ڪري حاصل ٿيو چاڪاڻ تہ ان وقت جي ڊرامن جي دنيا ۾ هن جي ڊرامن منجهه نئين آرٽ يا جديد فني رجحان جي هجڻ ڪري مشهوري حاصل ٿي ۽ سامعين کي گهڻو پسند آيو چند مشهور ڊرامن مان احوال هن طرح آهن: پهريائين تہ هن جي ڊرامن ۾ پلاٽ ڪونهي هوندو. ننڍڙا توڙي وڏا واقعا بہ عام حالتن جيان اوچتو اچي ظاهر ٿيندا آهن، جيڪي اتي هلندڙ حالتن سان ٺهڪي ايندا آهن، انهن منجهان ڪا مصنوعيت يا هٺ ٺوڪيل ڳالهہ ڪونہ بکندي آهي.

اهڙي ڏيکا جيڪا تمام ڏک واري ۽ اثرپذير هجي، جيئن خودڪشي اها بہ جيڪڏهن ان وقت جي صورتحال سان ٺهڪي اچي، بنا ڪنهن هٺ ٺوڪئي واقعي جيان پيش ڪيل هوندي آهي. اهڙي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

طرح خودڪشيءَ جو منظر هن جي ڊرامن: ’Ivanov‘ يا ’The Sea Gull‘ منجهه ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن جي ڊرامي ’The Three Sisters‘ منجهه هڪ ڪردار ٽيوزن باڇ جو موت، ٻن پهلوانن جي پاڻ ۾ ويڙهه جي نتيجي ۾ ٿئي ٿو. هڪ ماڻهو Uncle Vanya هڪڙي پروفيسر سربرياڪوف (Serebria Kov) جو قتل ڪري ٿو. اهي سڀ نفسياتي مسئلا ڪري پيش ڪيا ويا آهن. نه ڪي مقرر ٿيل Climax تحت، تنهن ڪري ڪنهن به حيراني يا اچرج جي ڪا ڳالهه ناهي هوندي پر سڀ ڄڻ عام سماجي ۽ نفسياتي مسئلن جي پيداوار جو نتيجو لڳندا آهن.

Ivanov منجهه جڏهن پردو کڄي ٿو ته هيرو Ivanov پنهنجي بيمار زال سان جيڪا هن جي خدمتگذار ۽ شڪر گذار رهندي آهي، ان سان پيار ڪونه ٿو ڪري پر هو هڪ نوجوان ناري ساشا Sasha جي عشق ۾ انڌو لڳو پيو آهي. Uncle Vanya منجهه مرڪزي ڪردار پروفيسر سربرياڪوف بابت ٻڌائي ٿو ته ڪيئن نه هو ٻئاڪي ۽ بچڙائي جو بچڪو ٻٽيو وتي ٿو وڏن درن تي ڌڪا کائيندو، ان سان گڏوگڏ هر محفل ۾ پنهنجي زال Elena سان پيار جا ڏيک پريندي ٿڪجي ئي ڪونه ٿو.

The Sea Gull ڊرامي اندر پهرين ئي ڏيک منجهه نوجوان هيروئن Nina، جيڪا لکاري Trig Orin مٿان جان نثار ڪرڻ جا جتن ڪرڻ کان مڙي ڪونه ٿي، حالانڪ ان مان سندس تباهي اٽل آهي، ان جي برعڪس ساڳيو ٽرگورن نينا کي حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو.

هن جي ڊرامي ’The Three Sisters‘ ۾ اڪيلائپ ۽ ويڳاڻپ جي سببن ڪري پيار جي پيچري تي هلڻ مشڪل هجڻ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

ڪري عاشق ويهي حوالن منجهه مزو ٽا وٺن. ساڳئي طرح The cherry Orchard ۾ وڏن جي ملڪيت وڪڻڻ وارن ڪٽل ڪاٺن ۽ سُڄن پونيئرن منجهه تڪرار ٿيڻ بجاءِ هو پاڻ ۾ ويهي بحث مباحثه، ڇا ڪجي، ڇا نه ڪجي، جهڙن موضوعن تي متوماري ڪندي ڪلندي ڪيرا ٿين ٿا.

چيخوف جي ڊراما آرٽ کي ماسڪو آرٽ ٿيٽر منجهه ڊرامي جي صنف کي اهڙي نواڻ بخشي، جنهن ۾ ڊيڪ، سريلن سرن، واقعن ۽ آوازن ۽ موڊ مطابق اندازن هن کي وڏو ڊرامه نگار بڻايو ۽ ان طرح سان Lyrical Drama جي لکاريءَ جو هن کي وڏو خطاب مليو.

چيخوف جي ڪهاڻين ۽ ڊرامن اندر سچائيءَ واري خوبي ۽ خصلت سان سلهاڙيل علامت نگاري ۽ شاعريءَ واري انداز بيان، هن کي روسي قديم ڊرامه نگاريءَ کان الڳ ۽ اونچي مقام تي آڻي بيهاريو. ان ڪري ئي اڻويهين صدي جي روسي ادبيات مٿان چيخوف جو وڏو اثر قائم ٿيو نه فقط ڊرامي پر روسي نثر نگارن کي انقلاب کان اڳ ۽ پوءِ ڏاڍو متاثر ڪيو ٿو ڏسجي، خاص طور تي ناول نگارن مثال طور: Bunin, Zaitsav, Kupsin کان وٺي Fedin تائين وارن ليکڪن تي اهو اثر اڃا به قائم آهي.

چيخوف اڃا به هن صديءَ جي ٻي اڌ تائين وارن ليکڪن لاءِ ماڊل بڻيل آهي. هن جي تحريرن منجهان اتساهه ۽ نقالي پڻ نمايان نظر اچي ٿي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

باب پندرهون

# جديديت واري تحريڪ

# THE MODERNIST MOVEMENT

صديءَ جي پاسو متائڻ سان ئي ٿي اهم رجحان روسي سوسائٽي اندر پڌرا ٿيا. بادشاهت معاشي طور مضبوط ٿيڻ لڳي، اتي جي صنعت، شهري آدمشماري ۾ اتي جي پروليتاري وڌڻ لڳيون؛ اتي جي دولت شاهي ۾ اتان جو بورجوا طبقو دولت ۾ شهرت حاصل ڪرڻ لڳو. نَون لاڙن جي يلغار پراڻي سماجي سرشتي منجهه ڏار وجهي ڇڏيا. طوفاني تبديلين جي منهن ڪڍڻ ۾ دير ڪونه هئي.

پڙهيل لکيل ڪلاسن جي گول دائري واري ترقي، انقلابي لاڙن کان ترقي پسند رجحانن تائين هڪٻئي جي پنيان هلندي ڪڌهن به مائي نه ٿي ۾ هڪ ڏهاڪي جي خاموشيءَ کان پوءِ وري لبرل قوتن جي سجاڳي پوري طاقت سان ايرڻ لڳي. حڪومت جي ڏاڍ ۾ ڏمر باوجود سوشلزم جا هزارين رنگ، سموري ملڪ اندر ڦهلجڻ لڳا، هزارين ڳجهن ڪارڪنن جا ڪارناما، ڳجهين تنظيمن جي معرفت پروپيگنڊا ڪندا رهيا. پاپولسٽ تنظيم جي تحريڪ مٿان هڪ هٿي ختم ٿي وئي، اسي جي ڏهاڪي منجهان پاپولر وِل پارٽيءَ کي شڪست اچي وئي. هن گهڻي ڪوشش ڪئي ته وري اوج آڻجي، ان ڪوشش دوران لينن جي ڀاءُ به حياتي جو نذرانو ڏنو. هارين جي خوشحالي آڻڻ وارا خواب اها شهرت واري پارٽي واپس آڻي نه سگهي، ان سان گڏ ڪميون جو سڌاري وارو ڪردار به ايري نه سگهيو ۽ نه وري انقلاب جي آثارن



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

اڇڻ جي ڪا اميد جڙي سگهي. البته هڪ نئين نظرئي Critical populism اُڀري اچي پراڻي جاءِ ورتي. ان جو مهندار جيڪو وڏي اثر وارو مضمون نگار ۽ ادبي نقاد ميخائيلو وسڪي Mikhailovsky (1904_1842) هيو. هن جو خيال هو ته مزدور جا مفاد فرد جي مفادن سان شامل هجن ٿا. جيڪو ڪم ڪري تخليقي عمل ۾ پانهه پيلي بڻجي ٿو. ڪرٽيڪل پاپولزم کي رشين سوشلزم جي نالي سان به سڏيو ويو. جيڪو مارڪس جي جدلياتي ماديت ۽ سماجي ۽ سياسي مسئلن جو معاشي طور طريقي سان نبيرڻ وارن لاڙن جو مخالف هو. ان فرد جي ڪردار جي اهميت ۽ ان سان گڏ تاريخ جي اخلاقيات وارن رجحانن کي اڀارڻ جي اهميت تي زور ڏنو. جنهن منجهان هو "روسي ترقيءَ واري خاص طريقي" جو دعويدار ٿيو. جيڪو هن چواڻي اڻٽر بڻجي چڪو هو. اهي اصول ئي نظرياتي بنياد بڻيا. روسي سوشل- انقلابي پارٽيءَ جا. جيڪا صديءَ جي شروعات ۾ قائم ٿي هئي. جنهن منجهه تمام انڊر گرائونڊ اتحاد پاپولر ڌڙن جا شامل ٿي چڪا هئا. انهن اتحادين پنهنجن اڳين انقلابين جي پيروي ڪندي دهشتگرديءَ جا واقعا به پئي ورجايا. ان پاپولر نظرئي تحت زار شاهيءَ جي حاڪمن ۽ سندن ساٿارين جي حياتين تي حملا ڪيا. اهڙي طرح سان روس جي انقلابي تحريڪ جي تاريخ منجهه پنهنجي خون، شجاعت، شهادت ۽ بغاوت جي رنگن سان هڪ رنگين ورق جو واڌارو ڪيو. سال 1917ع کان پوءِ اهڙي ڪامياب ابتدا هجڻ جي باوجود ان تحريڪ ۾ خلفشار پيدا ٿيو. جيڪو ڪميونسٽن پهريائين تڪڙ ۽ جلد بازي ڏيکاري ۽ بعد ۾ وري ترا ڪيڍيا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

نوي جي ڍانچي ۾ مارڪسوادي پانڊيئڙن، اهو ڪارنامو ڪري ڏيکاريو جو پاپولسٽ انقلابين جا ڪامياب مخالف بڻجي ميدان تي لهي پيا. هنن جو ليڊر جارج پليخانوف George Plakhanov (1856_1918) هيو. جنهن پاپولسٽ فلسفي کي خيالي پلاءُ ڪوٺيو. وڏيڪ ان کي دل جي خواهش، ڊيوٽي ۽ بيوٽيءَ جو سنگم 'Falderal' چيو. هنن کي بورجوا هارين جا هلڪا حمايتي ڪوٺيندي اعلان ڪيو ته روس اندر انقلابي تحريڪ فقط مزدور تحريڪ ئي ڪاميابي ماڻي سگهندي.

مارڪسوادين تيزيءَ سان پاپولسٽ انقلابين جي صفن منجهه گهڙڻ شروع ڪيو. خاص طور تي هنن جي خاص مددي ڌرين (تعليم يافته طبقي ۽ يونيورسٽي جي شاگردن) منجهه پنهنجو اثر رسوخ وڌايو. ان ڪان علاوه صنعتي مزدورن، پروفيشنل ڌڙن ۽ سفيد پوش ملازمن ڏانهن هٿ وڌايائون. هنن جي هڪ مضبوط ڌڙي، جيڪو نوجوانن ۽ اسڪالرن تي مشتمل معاشيات جي ماهرن جو هيو. جيڪي ليگل مارڪسزم جا حامي هئا، انهن سمورن آمريتن خلاف سياسي تحريڪ جي حمايت جو اعلان ڪيو ۽ سڄي ملڪ اندر هڪ سياسي ۽ لڪل نيٽ ورڪ جوڙي وڌو. ان ڪوشش جي نتيجي ۾ سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي جو وجود قيام پذير ٿيو (اڳ 1903 منجهه جيڪي ٻه ڌڙا، بولشيوڪس ۽ مينشيوڪس تي ٽٽي چڪا هئا). ڪميونسٽ ليڊر لينن سميت هنن منجهان ئي گهٽي ڀاڳي هئا، جيڪي مارڪس جو مطالعو نوي جي ڍانچي ۾ ڪندا هئا ۽ پاپولسٽ گروپ سان روس اندر دولت شاهي جي عنوان مٿان بحث مباحثا ڪندا هئا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin Ameer Adnan 00923337516944

سوشلسٽن کان علاوه ٻيا به روشن خيال گروپ هئا، جيڪي موجود حڪومت جي ٿوري گهڻي مخالفت ڪندا هئا پر انهن جو تعداد وڏندڙ هو. هڪ تمام وڏي لبرل باڊي "ڪانسٽيٽيوشنل ڊيموڪريٽڪس" Constitutional Democrats هئي، جنهن جو سربراهه پيوَل مليوڪوف (Pavel Miliukov: 1859_1943) هيو، جيڪو تاريخ جو پروفيسر ۽ سياستڪار هو. 1905ع ۾ پنهنجي پارٽي ناهي ٿو. آخرڪار نوي جي ڏهاڪي ۾ هڪ وڏي ثقافتي تحريڪ اڀري ٿي، جيڪا روسي سماج جي سمورن علمي محاذن: فن، ادب، ٿيٽر ۽ تعليم منجهه نوان لاڙا آڻي ٿي، اهي لاڙا مڪمل قوت بڻجي انقلاب جي رستن کي روشن ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿا.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اها فني سگهاري قوت ايتري ته وسيع ۽ اثرانداز بڻي، جو ان دور کي "سِلور ايج" جو نالو ڏنو ويو. اهو دور هيو 1894ع کان 1917ع تائين ۽ جن اهو نالو تجويز ڪيو، اهي حق بجانب هئا. تاريخ نويس اجا منجهيل هئا، هنن جو چوڻ هو ته هي دور روشن خيال بڻجي، يورپ جي رومانويت برابر هيو يا اجا پوئتي هو. هن ئي دور ۾ ٽالسٽاءِ به حيات هو ۽ گهڻي ڀاڱي تخليقڪاري اجا اڏوري پئي لڳي. چند نالا هئا، جيڪي اوچ آدرشي تخليق ڪري رهيا هئا. انهن منجهه ڪورولينڪو (V.Korolenko: 1853_1921) چڱو لکاري هو، جنهن مزاح، شارٽ اسٽوري ۽ مضمون لکيا ۽ سماج کي سرور جو سامان مهيا ڪيو. ان دور جي نون اڀرندڙ ليکڪن، سماجي ۽ سياسي محاذن تي پنهنجي اندر جي اڌمن کي اجاگر ڪرڻ کي پنهنجو حق ڪوٺيو ۽ انفرادي تصور ۽ نج فن (Pure art) جي ڀرپور پنڀرائي ڪئي. ان دور جي ليکڪن مثان فرانس جي علم ادب ۽ ان جي مهندار



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

باڊليئر جي تحرير ‘Correspondences’ جو چڱو خاصو اثر ڏسڻ ۾ آيو. ان ڏڙي وارن پاڻ کي ان ڍاڪي جو يعني Decadents چوائڻ لڳا. اهي ادب ۾ نواڻ، اسلوب ۾ جدت ۽ روايتي تنقيد کي مٽيرو ڪرڻ جا پاڻ کي حمايتي چوائڻ لڳا. صديءَ جي موڙ منجهه وري نوان ۽ نوجوان لکاري اڀريا، جن پاڻ کي جدت پسند Modernists چوايو. انهن جي کيپ ان دور جي شاعري، تنقيد، پيٽنگ ۽ ٿيٽر مٿان پنهنجو ٺپو هڻي ڏيکاريو، جن جي شهرت جي واڪاڻ يورپ تائين پکڙجي وئي. Tairov, Scrabian, Baksts فن، ميوزڪ ۽ ٿيٽر جا سلسليوار ماهر ٿي اڀريا ۽ انهن سان ٻيا بہ گهڻا همعصر هئا، جن جي گروپ کي The World of Art جي نالي پنيان سڃاتو ويو. اهي سڀ جدت پسند هئا ۽ مجموعي طور تي هن گروپ کي Anti realist ڪوٺيو ويو.

ان دور جا چند مشهور ۽ مقبول شاعر جن ادب جي صنفن کي موڙ ڏنو نواڻ ڏني ۽ سماج تي اثر انداز ٿيا، انهن جا نالا آهن: Valery Bruvssav: 1873_ ,Balmont: 1867_1943 ,1924 Zinaida Hippius: 1867_ ۽ Sologub: 1863_1927 1945 وغيره. انهن منجهه Sologub جو ناول ‘The Little Demon_ 1907’ جي عنوان سان گهڻو مشهور ٿيو ان ۾ اهم ڪردار هيو هڪڙي ماستر پيريڊونوف جو جيڪو سماج جي اهم ڪردار هجڻ باوجود سيني براين جو بادشاهہ ڪري ڏيکاريو ويو آ. ساڳئي لکاريءَ جي شاعريءَ جي ٿمورتي Created Legend (1908_12) هئي، جنهن منجهہ فن، فڪر، جادو، سياست، ڏائڻيون، آزاد خيال، مرد، عورتون ۽ ناڪام عاشق ۽ ٻيا انيڪ عنوان آهن، جن مٿان مڪمل طور



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

سان فن ۽ فڪر ۽ سچائيءَ وارن واقعن سميت قلم جي ڪرت ڪيل تي ڏسجي.

ٻنهي ڏڙن، ڏهاڪي وارا ۽ علامت نگار وچ ۾ هڪ استاد شاعر هيو (1856_1909) Annensky، جنهن جي شاعري معياري ۽ اهم عنوانن: ڏکن، موت، حسن وغيره مٿان جوڙيل هئي، جنهن کي روس ۽ ان کان ٻاهر يورپ ۾ بہ چڱي موت ملي.

نوي جي آخري ڏهاڙن وارا لکاري ۽ شاعر پهريائين حسن شناس هئا، جن فن جي آفاقيت تي زور ڏيندي فنڪار کي گروهه جو درجو ڏنو سواءِ اصلي گُرن، اپولو ۽ ڊايونيسيس جي، انهن پڙهيل ڪڙهيل گروپ تي ان لاءِ جهَل پئي ڪئي تہ اهي حسن شناسيءَ کان پري هئا. سماجي ۽ سياسي مسئلن کان بي خبر پر هنن جي هڪڙي خوبي هئي تہ اهي روسي روايتن پٽاندڙ روشن خيالي جا حامي ضرور هئا. پر فرينچ علامت نگاري ۽ يورپ واري حسن شناسي، جڏهن روسي سر زمين تي پهتي تہ انهن جي اصلي فنڪاراڻي اثر منجهہ ملاوت ٿي وئي ۽ تصوراتي ۽ عام لاڙا انهن منجهہ شامل ٿي ويا. سچائي (Realism) جو واسطو چوڌاري موجود سچين حالتن سان سلهاڙيل هجي ٿو جيڪي ڏسي ۽ پسي سگهجن ٿيون. اهڙي طرح سان علامت نگاري، اها کوج ۽ جاکوڙ واري ڪِرت ۽ ڪاوش آهي، جنهن جي مدد سان اشارن ۽ ڪنعاين ذريعي اجا بہ هڪ ڏاکو مٿي واري سچائي ڦولهي سگهجي ٿي. اهڙي قسم جي جاکوڙ کي سيني ۾ سانڍي انهن ادبي تخليق ڪاري ڪئي ۽ ان سان گڏ ديني ۽ سماجي لاڙن کي بہ گڏ رکيو.

اهڙو هڪ لکاري 1866_1941 Dimitry Merezhkosvsky پراڻي باغي ڌڙي جو ميمبر، شاعري ڪندي وڏي وجي ناول ۽ فلسفي جو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

خالق بڻجي پوي ٿو. هن تاريخي ٽرائلاجي گهڙي، جنهن کيس عالمي شهرت ڏياري، اهي ٽي ناول هئا ‘Julian the Apostate’، ‘Peter and Alexis’ ۽ ‘Leonardo_da_Vinci’، انهن جو دور هيو 1893ع کان 1902ع تائين. انهن منجهه Christianity ۽ Paganism جو ٽڪراءُ بيان ڪيل ٿو ڏسجي ۽ ليڪڪ اهو انڪشاف ڪيو آ ته اڳتي اهي ٻئي Holy Trinity واري مذهبي ڌڙي ۾ داخل ٿيندا. لکاري پاڻ ته جدليات جو شاگرد هو پر صوفياڻي سچائي کان متاثر ٿي Holy Ghost جي گروپ/ عقيدي ڏانهن لڙيو ۽ اها ڪوشش ڪيائين ته عقلمند ڌڙو به ان طرف وڌي اچي. هن سان گڏ هيو Vassily Rosanov (1856_1919)، هڪ تيز فهم ۽ مشڪل لکاري، دوستوسڪيءَ جو شاگرد/ پوئلڳ. شروع ۾ هو روسي ديني ۽ فلسفي سوسائٽين سان سلهاڙيل رهيو. جن جي سڏ تي وڏي تعداد ۾ ماڻهو اچي مڙندا هئا. انهن ڏينهن ۾ مرزڪووسڪي پنهنجي دماغي صلاحيت سميت تڏي دماغ سان نوان لاڙا ۽ قانون ايجاد ڪندو رهيو. روزانوف وري انسان جي صفتن کي سهيڙيندي اعليٰ اسٽائيل جو موجد بڻيو. انڪاريت پرست، ڏوهاري ۽ چيڙاڪ طبع، جيڪو پادري بڻجڻ پئي ويو اعتقاد، يقين ۽ ٻئي اخلاقي معيار کي سيني اندر سانڍي، ابتا پيچرا اورانگهي، دين اندر سيڪسوئل رجحانن بابت قلم کنيو ۽ اهڙي طرح نطشي ۽ يوناني آرٿوڊاڪس چرچ منجهه مفاهمت ڪرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. هڪ باهمت لکاري ۽ وڏو نفسياتي ماهر ويهين صديءَ جي لکارين منجهه جوڳي جاءِ والاري ٿو. هن جو اثر ڏهاڪي وارن (decadants) ۽ علامت نگارن، ليڪڪن جي اڪثريت مٿان نمايان نظر اچي ٿو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin- Ameer Adnan 00923337516944

مذهبي ڌڙي جي واپس ورڻ وارن ليڪڪن جو مهندار هيو Vladimer Solovyov (1853_1900) فلاسافر، شاعر، صوفي (ascetic)، جنهن تمام گهرو اثر ڇڏيو روسي حياتي جي لاڙن ۽ سوچ مٿان. سولووف ماڻهوءَ کي فطرت ۽ خالق جي وچ ۾ ڳانڍاپي جو سبب ڪوٺيو. هن چيو ته تاريخ جو مقصد آهي انسانيت ۽ آفاقيت جو سنگم، جيڪو روحانيت ۽ فطرت جي ٻنهي معيار مٿان حاوي هئڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هو فرد جو حمايتي هيو پر ان سان گڏ ان جي ڪاوش جو پڻ، جنهن سان عظيم چڱائي Supreme Good، گڏيل ڪوششن سان حاصل ڪري سگهجي ۽ هن جي صوفياڻي فلاسافي، جيڪا گڏجڻ يا مفاهمت ڪرڻ (Congregational or Conciliatory) واري اصول منجهه سمايل هجي. هن جو ايمان هو ته آخري ڪاميابي روشني سان ٿيندي، سولو ووف عمل ۽ تخيل کي سلهاڙي تمام گهڻن روسي سياسي مسئلن مٿان قلم ڊوڙايو ٿو ڏسجي. ٻين عنوانن کان علاوه هن سليووفائيلزم ۽ شاونزم مٿان خوب جهلون ڪيون، هن جو اهو خواب هيو ته سمورا ديني ڌڙا Churches وري گڏجي هڪ ٿيندا، خاص طور تي ڪيٿوليسزم ۽ گريڪ آرٿوڊاڪسي، هن جو پيغمبراڻو تصور هيو ته ايشيا گڏجي يورپ مٿان حملي آور ٿيندو، هن جي تصور ۾ Pan_Mongolism جي برن اثرن/ نتيجن جا آثار به موجود هئا. هن تاريخي مسئلن کي ديني ۽ صوفياڻي طريقي سان حل ڪرڻ ٿي چاهيو. هن جي فڪر ۽ فلسفي، روسي ٿيالاجي ۽ مابعد الطبعيات واري سوچ جي نواڻ کي وڏي ٽيڪ ڏني. اهو ئي سبب آهي جو هن کان پوءِ وارا لکاري Ern_ Bulgakov_ Berdiaev_ Elchaninov_ Florensky ۽ ٻيا ڪيترا سولووف جي ڏسيل گس



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

تي هلڻ لڳا. شاعر جي حيثيت ۾ هو جديدت پسندن مٿان چٿرون ڪندو رهيو. سخت قسم جون نقاليون Parodies بريزوف ۽ بالمنٽ مٿان لکندو رهيو. حالانڪ اهي مقبول ڪالم نويس هئا پر هن جو ايمان هو تہ ”علامتون، خيالي ڳالهيون ناهن پر خود سچائي آهن، اهو ئي سبب آهي جو هن جي شاعري اعليٰ قسم جي علامتي شاعري آهي، جيڪا روحاني رازن ۽ جادوئي اثرن سان ڀرپور آهي.“

Realism was only concerned with the existing reality, with the visible world around it, while Symbolism wanted to discover signs and hints of another, higher reality.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

باب سورهون

# علامت نگار

## ‘THE SYMBOLISTS’

علامت نگار ليڪڪن جو بيو نسل، انهن ۾ خاص طور تي Blok سولوف ڪان ڏاڍو متاثر هئا، هن جي علامت نگاري ايمان طور، هن جي شاعريءَ منجهہ سچ ۽ خدا بابت اوچا خيال. پر روسي شاعريءَ مٿان علامت نگاريءَ جو اثر 1905ع کان 1917ع واري عرصي منجهہ، ان وقت جي فن، ميوزڪ، ٿيٽر مٿان بہ قائم رهيو پر گهٽي عرصي تائين مقيد نہ رهيو. هيءَ تحريڪ، جيڪا شاعري جي بغاوت کان شروع ٿي، پڙهيل لکيل طبقي جا سماجي ۽ سياسي جذبات جذب ڪندي حسن شناسي، روشن خيالي ۽ سليووفائيل وارن رجحانن کي سلهاڙي اڳتي وڌڻ لڳي. ان نئين رجحان جو اثر ٽن نوجوان شاعرن، جيڪي هن تحريڪ جا اڳواڻ پڻ هئا، Blok ـ Bely ۽ Ivanov، انهن جي شاعري منجهہ نمايان نظر اچڻ لڳو.

Ivanov (1866ـ1949)، روس مان 1924ع ۾ ڪوچ ڪري اٽليءَ ۾ پناهہ ورتي ۽ ڪيٿولڪ بڻيو ڏاڍو عقلمند ۽ ٻولين روسي، يوناني ۽ لئٽن جو ماهر. آخري پساهہ بہ اتي ئي گهاري ۽ گذاري وڃي ٿو. هن جي شاعري شاندار، ڪلاسيڪل ۽ فلاسفيڪل لاڙن سان ٽمٽار هئي. هن جا انيڪ موضوع، اڪائي، گهٽائي، فطرت، انسان، سچ ۽ ڏرتي هئا. انهن تي هن شاعريءَ جي مختلف گهاڙيٽن ۽ قسمن، مثال طور: شجاعت واري (Epic) ٽريجڊي، مشهور راڳ، رازن وارا ڊراما



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

(Mystry Plays)، ڪاميابي وارا نعما Ballads وغيره جي صنفن جا شاعريءَ جا مٽ پري چڙيا. آئونوف، سينيٽ پيٽرسبرگ ۾ هڪ اپارٽمينٽ ۾ اچي رهيو جنهن کي 'The Tower' جي نالي سان مشهور ڪيو ويو جتي هن جي چوڌاري شاعر، فنڪار، فلسفي اچي ويهندا هئا ۽ هن کي گروءِ شاعرن جو بادشاهه ڪري مڃيندا هئا ۽ هو رهنمائي سان گڏ فرمان به ڪيندو هو. سال 1911ع دوران هن جو لاڙو پاپولسٽ ۽ سليووفائيل طرف وڌندو ويو هو جنهن تحت هو روس جي ترقيءَ جو خاص حمايتي بڻيو. مغرب جي روايتن جو مخالف، روسي ثقافت، مذهبي تعليمات جو وڏو شيدائي بڻجي بيٺو هو.

ساڳيا خيال ۽ اهو ئي حال ۽ ڪلهن تي سوچن جا بار کڻي Audrie Bely پنهنجي مخصوص ايجاد ڪيل اسلوب سان روس جي شاعري ۽ نثر نگاري تي ڏاڪو چمائي ميدان تي لهي ٿو.

(BORIS Bugaev (1880_1934، جيڪو ائنڊري بيلي جي پين نيم، سان لکڻ شروع ڪري ٿو. هن جو پيءُ رياضي جو پروفيسر هيو؛ علامت نگارن جو باني بيلي بڻجي ويهن سالن جي عمر ۾ شاعري ۽ ناول نويسي تي قلم هلائيندي سال 1903ع کان 1917ع واري عرصي منجهه طوفان مچائي ڇڏي ٿو. هن جا وسيع واسطا ليکڪن ۽ ويڙهو طبقي سان هجن ٿا. سولوووف جو پوئلڳ بلوڪ جو ساٿي، صوفي بڻجي پاپولسٽ ۽ انقلابي ڌڙن جو حمايتي فيوچرسٽس جو سربراهه سال 1913ع ۾ روڊولف استينر، روس جي مشهور فلسفيءَ جو طالب بڻجي تيز طبع علامت نگار (ڪميونسٽ کيس ڪوٺيندا هئا) 1930ع ۾ مارڪسسٽ بڻجڻ جو اعلان ڪري ٿو. هن جي شاعري مڪمل فن ۽ سريلائپ سان ٽمٽار هجي ٿي. هن شاعرن جي مجموعن مٿان تنقيدي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

رايا لکيا، ان سان گڏ حسن شناسيءَ مٿان بہ هن معلوماتي ليک لکيا. ان دور جو اهم ڪم، جيڪو هن ڪيو سو هيو علامت نگارن ۽ اڻويهين صديءَ جي ادبي روايت پرستي وارن جي وچ ۾ سهڪار جو گس جوڙڻ. هن جي دعوي هئي تہ علامت نگار ادبي وارث آهن. شاعري منجهہ، لرمونتوف، نڪاراسوف، ٽيٽچوف ۽ فيٽ جا ۽ نثر منجهہ، گوگول، دوستووسڪي ۽ چيخوف جا. هن پنهنجي شاعري منجهہ بہ ساڳيا مسئلا انقلاب ۽ روشن خيالي وارا اجاگر ڪيا، جيڪي تنقيدي سچائي جو باعث بڻيا. هن جون مشهور ڪاوشون هن طرح آهن:

Silver Dove_ Novel (1910) Peters berg (1913_16)

هي ويهين صديءَ جي مشهور ناولن مان آهي، انهن کان علاوه بيا بہ ڪيترائي نظم ۽ نثر منجهہ هن جا پستڪ ملن ٿا. بيليءَ کي اهو رتبو حاصل آ تہ هن انقلاب لاءِ پنهنجي تحريرن معرفت رستو هموار ڪيو. هن لاءِ اهو بہ مشهور هيو تہ هن نثر کي ترنم جو ويس پارايو ٿو ڏسجي، جنهن لاءِ 'Poetization of Prose' چيو ويندو هو. ويهين صديءَ ۾ روس لاءِ بيليائين هو جيئن مغرب لاءِ جيمس جوائس ۽ Proust هيا. هن روس منجهہ نئون دور ايجاد ڪيو جنهن جو واڌارو ۽ ترقي، انقلاب جي ور چڙهي ويو.

Alexis Remizov (1877_1957): هي علامت نگارن جو هم خيال، نثر نويس، اسلوب جي اصلي روپ سان قومي رنگ ۽ لوڪ ادب جو بنيادي اثر ۽ روايت گڏ ڪٺي ننڍڙي نواڻ ملائي قلم جي ڪرت سميت ادبي ميدان ۾ اچي لٿو. هن جي ڪاوش ۾ ڪافي سينگار نظر اچي ٿو. انوکا سٽاءَ، ٻوليءَ جي جادوگري، لفظن جي سريلاٽپ (Onomatopaeic) ۽ گرامر جي گرمائش جهڙا نقش نمايان نظر اچن



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

ٿا. هو متيندو رهي ٿو سريلائپ مان عام فهم، ذڪ ڪان مزاح، سينگاريل نثر منجهہ خوش مزاجي پرپور، انساني ڏکن ڏولاون کي عجيب رنگن ۾ پوئي پيش ڪيو اٿس.

ريميزوف کي گوگول ۽ دوستووسڪيءَ جو پوئلڳ چيو وڃي ٿو. هن ديني ۽ اخلاقي مسئلن جي فقط نشاندهي ڪئي آهي. هن جي اسٽائيل بہ پنهنجي آهي. هو زندگي منجهہ انوکي تبديلي جي تمنا رکي ٿو. هن جي تحريرن منجهہ انيڪ ڪردار ۽ منظر ملن ٿا، جن، پريون، خواب، جانور، پوڪ وغيره، انهن سمورن عنوانن کي وڏي فنڪاري سان پوبو اٿس. هن کي ليڪڪن جو لکاري ڪري ڪوٺيو وڃي ٿو. بيلي کان پوءِ ويهين صديءَ جي پوئين اڌ جو اصلي ناول نگار ڪري تسليم ڪيو وڃي ٿو. هن جا ڪتاب انقلاب کان اڳ ڇپجي چڪا هيا.

ناول: 'Sisters in the cross' – 'The Pond'، ڪهاڻيون: 'The fifth pestilence' وغيره ۽ انقلاب کان پوءِ بہ ڇپبا رهيا. 1921ع کان پوءِ ٽيهہ جلد هن جا ڇپيا پر ان وقت هو ملڪ کان ٻاهر پناهگير هيو. هن جي تحريرن جو اثر نَون حقيقت پسند ليکڪن تي انقلاب کان اڳ ۽ پوءِ بہ تمام گهڻو رهيو.

Alexander Blok (1880_1921)

روسي علامت نگاريءَ واري تحريڪ شهرت جي چوٽيءَ تي پهتي، جنهن جو مهندار تخليڪار اليگزينڊر بلاڪ هيو علمائن جي راءِ آهي تہ ان جي انتها بہ بلاڪ جي تحريرن وٽ ٿي.

بلاڪ، قانون واري پروفيسر جو پٽ ۽ سائنسدان ڏاڏي جو پوٽو، جيڪو ان وقت سينٽ پيٽرسبرگ يونيورسٽيءَ جو ريڪٽر هيو. پڙهيل لکيل گهراڻي جو فرزند، علمي ماحول هيٺ ميوزڪ، ادب ۽ فنون لطيفہ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

جو شيدائي بڻيو. سوفيہ ديويءَ جي دست مبارڪ جي چانو هيٺ عشق ڪرڻ جي ڊپلوما حاصل ڪري هڪ ڪيميادان جي ڪڪيءَ مٿان عاشق زهر پياڪ بڻجي پيو. ان عشق ڪي شاباس، جنهن هن مٿان سوين عشقيہ نغمہ/ گيت پنهنجي معشوق جي شان ۾ چورايا. ان جو نالو هو Liubov Mendelyeva ۽ پستڪ جو عنوان .Verses about beautiful Lady

سولوويف جي اثر هيٺ علامت نگاريءَ جا بہ هن عاشق واهڙ وهائي ڇڏيا، جنهن جو شاهڪار مٿيون بڌايل عشق نامو هو. جڏهن 1904ع ۾ شايع ٿيو تہ عشق جي عالمن ان کي صوفيہ ديوي ڏانهن آفاقي عشقيہ گيتن جو نذرانو ڪوٺيو تہ عام پڙهندڙن ان کي ڏاڍو پسند ڪندي سريلن گيتن جو داستان سڏيو. حسن شناسيءَ جي زيورن سان سينگاريل، بلاڪ جي هن ڪاوش کيس علامتي شاعريءَ جو محبوب ۽ گهڻن پڙهندڙن جي هٿن جي زينت بڻيل شاعر خوب اُتمتا ماڻي ورتي.

دوستن جي نظر ۾ تہ بلاڪ تحريڪ جو فرشتو هو پر دکدائڪ منظرن هن جي ضمير کي جنجهوڙي وڌو ۽ هن کي ڌرتيءَ مٿان دوزخ اندر ليئو پائڻ لاءِ مجبور ڪيو. هن جي چوڌاري 1905ع کان حالتن جي بگڙيل صورتن، انقلاب جي مهاڳ کي پڙهڻ ۽ مواد گڏ ڪرڻ جي ذميواري هن جي ڪُلهن مٿان اڇلائي. سياسي خلفشار، دکن واري گهاٽي ۾ پيڙجندڙ غربت ۽ ان جو ڪاچ غريب عوام، بي انصافيءَ جو عروج، بيوس، بي بها بڻيل، ڪائنات طرفان حسين تحفو بک وگهي، شيشن، پردن پويان جسم فروشيءَ لاءِ ويڻل عورت مجبور ۽ سماج جي ستايل نظر آئي. اهڙن منظرن هن جي روح کي رنجائي رکيو ۽ جسم کي زخمي ڪري وڌو ۽ ڪيترا دفعا هو فوٽ پاٿن، فيڪٽرين جي ٻاهران



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

وڻشيائن جي جهوپڙين پرسان بيهوشي ۽ مدهوشيءَ واري حالت ۾ ڏسڻ ۾ آيو.

هن جا تصوراتي خواب، حياتيءَ جي بدترين منظرن آڏو پاش پاش ٿي ويا. هن دور ۾. هن جي شاعريءَ اندر بہ اهڙي شدت، ڪوڙاڻ، بيچيني، جسماني اذيت ۽ سڙيل رت واريون دليون پسڻ ۾ آيون. نتيجي طور هن جي طبيعت اندر منفي رويا اڀري آيا. ان اثر هيٺ جيڪي پستڪ هن جوڙيا، اهي هيا: 'The Masque of Snow'، 'The Frightening World'. هن دور منجهہ هن جي ديسي عشقن جا داستان بہ چوٽ چڙهي ويا، جن کي 'The Precipice of Evil' ڪوٺيو ويو.

ايتري ۾ بلاڪ جو ضمير وري جاڳي ٿو پوي. انساني زندگي جا دک، درد ۽ ثقافتي سچاٽپ ڪيس واپس وٺي اچي ٿي. هڪ دفعو وري علامت نگاريءَ جي نون گهاڙيٽن ۽ فن جي اوچائيءَ جي سهاري هو شهرت ماڻي 'شاعر روس' جو لقب حاصل ڪري ٿو جنهن جو ثبوت سندس پستڪ 'Verses to the lady beautiful' بڻجي ٿو.

ڌرتي جي رنگن ۽ روپن تحت هن جي نئين شاعري ميدان تي اچي ٿي. 'Verses on Russia': روس جي قسمت ۽ ماڻهن جي ڪردارن کي هو اجاگر ڪرڻ ۾ ڪامياب وڃي ٿو ان طرح سان هو روس اندر نئون تاريخي دور اڀرڻ جو دعويدار بڻجي ٿو. ان دور ۾ اميدون ۽ آسرا، 1917ع واري انقلاب اندر هو ڏسي ٿو پر حڪومت وقت اهي قتل و غارت ۽ رت وهائڻ وارا منظر ختم ڪرڻ ۾ سنجيده ناهي هوندي، جنهن ڪري هن جو ايمان وکري پرزا پرزا ٿي وڃي ٿو. اجا بہ تشدد، نفرت، جنگي جنون، حڪومت جو ڏاڍ، انهن کان بہ مٿيرو فن جي آزادي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

نہ ملڻ ڪري هن جي دل اندر اميدن وارو اسريل پوٽو وري سڪڻ لڳي ٿو. مٿس ذهني دٻاءُ وڌڻ ڪري دورا پوڻ لڳنس ٿا. آخرڪار هڪ ٽٽل دل، ڏکوئيندڙ حالتن جو شڪار ٿيل روح سندس ڏريل ڏيل کي 1921ع ۾ الوداع ڪري ٿو.

هي روح تائين رنجايل، دردن جو داستان گو مسئلن جا انبار سامهون پسندي، شخصيت ۾ بہ ٽڪر ٿي، پنهنجي دور ۽ نسل جي عظيم ٽريجڊي، خود بڻجي پوي ٿو. بلاڪ اندر منجهہ بہ اڌ ٿيل، ٻن خدائن جي وچ ۾ پيڙجي وڃي ٿو. ٻن دورن جي وچ واري روڊ تي بيٺل هڪ ڪن سان انقلاب جون مرليون ٻڌي ٿو تہ ٻئي ڪن سان نااميديءَ جا نغارا، اهو ئي سبب آهي جو هو حالتن جو شڪار ٿئي ٿو.

هن جي شاعري جو سماج مٿان بي پناهہ اثر هجي ٿو. شاعري ڇا هئي، روسي سوچ جا ٽڪرا ٿيل اثر، اعتقاد، پشيمانيون، ديني جذبا، سماجي خوش فهمي ۽ سچائي جا طوفان، لوڪ ادب جون روايتون، علامت نگاريءَ وارا گهاڙيتا ۽ نئون اسلوب، ٻٽَن ٻانن جا سُريلا آواز ۽ درديلا داستان، انهن سمورن بگڙيل ۽ منجهيل مسئلن کي سلجهائي سنواري 'The Twelve' جي روپ ۾ رنگن سان سينگاري پيش ڪيل هئي بلاڪ جي شاعري. ويهين صدي جي هن مهندار شاعر جي عظمت، عظيم ماضي جي لکارين: پشڪن، لرمونتوف، ٽيٽچو، فيٽ ۽ نيڪراسوف کان گهٽ ڪونہ هئي.

علامت نگاريءَ واري رجحان ۾ بلاڪ پڻ، ٻي نسل ۽ دور جو مهندار شاعر ڪري تسليم ڪيو ويو. پنهنجي ڏينهن ۾ هن آڏو علامت نگاريءَ جي مخالف گروپ پيدا ٿيو جيڪو هن ڏٺو ۽ انهن کي ٻڌو ۽ پڙهيو اهو گروهہ زار شاهيءَ جي خاتمي کان پوءِ ظاهر ٿيو. اهي لکاري



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

نوجوان، جن علامت نگاريءَ جي مدرسن ۾ شاعري سکي، حالتن جي تبديلي ڪري پنهنجي جاءِ ناهڻ لاءِ علامت نگاري جي خلاف گروپ جوڙيو.

Michael Kazmin (1875_1935): سونهن جا پجاري، علامت نگاري جي خيال جي ڳوڙهائپ ۽ پردي داريءَ جي مخالفت ڪندي ايپيڪيورس جي فلسفي ۽ موزارٽ جي ميوزڪ جا شيدائي بڻجي شاعري گهڙڻ لڳا. ڪزمن ۽ سندس همعصر، گهڻي ڀاڱي مغرب مائل هئا. انهن سان ٻيا وري ڳوٺاڻي شاعري جا قائل به هئا. انهن ۾ Serghci (1884)، Kluyev(1887_1937) انهن جا مهندار هئا، جن جو چوڻ هو ته لوڪل روايتن ۽ سرن کي شاعريءَ ۾ آندو وڃي.

هن تحريڪ جو استاد شاعر سينٽ پيٽرسبرگ منجهه استاد Nicholas Gumilev (1886_1921) هيو. جنهن 'Poets Gild' جو بنياد وڌو. جنهن تحت حياتيءَ منجهه هلچل (Adventure) ۽ شاعريءَ منجهه پختگي هئڻ ضروري هجڻ گهرجي. هن آفريڪا جو دورو ڪيو ۽ حقيقت ۽ منظر نگاريءَ جي خوب وڪالت ڪئي. ان سان گڏ جدوجهد، گهٽ جذبات، واعدي وفائي جهڙيون خوبيون به هن جي شاعري اندر سمايل هجن ٿيون.

سال 1921ع منجهه گميليف، سياسي سازش ۾ ڪميونسٽن خلاف پڪڙيو ويو. ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ڪيس گوليءَ جو آرڊر ڪري موت جي جهوليءَ ۾ اڇلايو ويو. هي پهريون وڏو ڌڪو هو، جيڪو حڪومت طرفان روسي علم ادب کي ڏنو ويو.

گميليف جي پهرين زال (ڄم: 1888) جيڪا ائنااخموتووا، جي قلمي نالي سان شاعري ڪرڻ لڳي، روسي سماج جي ڏاڍي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پسنديده شاعره بڻجي وئي. صديءَ جي پهرين چوٿائي اندر هن جي شاعري جيڪا تمام ٿوري هئي پر پوءِ بہ مقبول ٿي، ان جي باوجود روسي حڪومت جي ڏاڍ ۽ ڏمر جو شڪار ٿي وئي.

روس جي عظيم شاعرن جن کي 'Acmeists' جي عنوان سان سڃاتو ويندو هو، انهن منجهان هڪ شاعر، جنهن ويهين صديءَ جي روسي شاعري منجهہ وڏو نالو ڪمايو. اهو هيو.

اوسپ منڊيلسٽم (1891_1942) Ossip Mandelstamm:

علامت نگارن کان تربيت ورتائين ۽ وري بغاوت بہ انهن جي خلاف ڪيائين. اسلوب ڪلاسيڪل اختيار ڪندي لفظ جوڙڻ جي مهارت حاصل ڪيائين. ائين جيئن ڪو ماسٽر بلڊر ڪا عمارت جوڙڻ لاءِ پٿرن جو گهڙاءُ، گساءُ ڪري سهڻي بلڊنگ ٺاهيندو آهي. هن پهرين مجموعي جو عنوان بہ اهڙو ئي رکيو: STONE_1913 يوناني ادب ۽ ثقافت جي اثر هيٺ هن پنهنجي شاعري رومانوي طرز تحت جوڙيندي نثر منجهہ بہ نظم جو اسلوب جوڙي خوبصورت شاعري گهڙي پيروڊي، خاڪا، تاريخي عمارتون، جن ۾ ڪيپيٽل پيٽرسبرگ سميت هن روسي ثقافت ۽ تاريخ کي شاعري اندر گهڙي محفوظ ڪري ڇڏيو. روسي شهنشاهيت جي تباهي بہ هن کان گهڙجي وئي. هن جي شاعريءَ جيان هن جي شخصيت بہ روس مان تڙجي وئي ۽ آخرڪار ڪنهن پاڙيسري ملڪ ۾ پناهہ ۾ رهندي سال 1942ع ۾ اصلي راهہ ڏانهن روانو ٿي ويو.

علامت نگاريءَ خلاف جهنڊو کڻي هڪ ڏڙو شاعرن جو نڪتو. جيڪي پاڻ کي مستقبل جا شاعر 'Futurists' چوائڻ لڳا. هنن ماضيءَ جي لکارين کي پٺي ڏيندي، انقلابي ريشمي ٽوپلا پائي اهڙا لفظ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

چونڊي لکڻ لڳا، جيڪي اڳ ۾ ڇپيا نہ هجن. ان سان گڏ ثقافت لاءِ بہ نوان گس گهڙڻ لڳا. روسي عوام کي هنن حيران ڪري ڇڏيو.

ان فيوچرسٽ ڌڙي جو دوست ۽ مهندار ٻوليءَ جو ماهر، جنهن نواڻ جا ڪجهہ مثال جوڙيا، جيڪو قلمي نالي Lotarev (1887_1942) سان نئين اسلوب هيٺ هيٺين سطح (Cheap verse) جي شاعري ڪرڻ لڳو.

فيوچرسٽ شاعرن جو مهندار شاعر، جيڪو نئين اسلوب ۾ نون لفظن سان شاعري ڪرڻ لڳو جنهن ٻوليءَ جي ماهرن کي منجهائي وڌو. اهو هيو: Khlebnikov (1885_1922) هن جي نواڻ واري شاعري ڪري کيس سنو مان مليو. حالانڪ هن جو ڪو مشهور مجموعو سامهون ڪونہ اچي سگهيو. هن جي شاگردن منجهان فقط هڪڙو ئي نالو ڪمائي سگهيو ان جو نالو هيو ماياڪووسڪي، جنهن انقلاب کان اڳ لکيو: The Spine's Flute ،Cloud in trousers ۽ War and peace_ اهي هن جا مشهور ڪتاب هئا، جيڪي فيوچرزم کي ياد رکڻ لاءِ ڪافي آهن.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

باب سترهون

# گورڪي ۽ روسي نثر نگاري- 1917 ڪان اڳ

## ‘GORKY AND THE RUSSIAN PROSE, BEFORE 1917’

## (1868-1936)

مئڪسم گورڪي 1898ع ۾ جڏهن پنهنجيون رسالن ۾ لکيل ڪهاڻيون سهيڙي ٻن جلدن ۾ ڇپايون، جيڪي هو ڇهن سالن کان لکندو پئي آيو، عنوان: ‘Sketches and Stories’ ته ادبي دنيا ۾ وڏو مانداڻ مچي ويو. اهي ٿوري عرصي اندر هڪ لک کن ڪاپيون کپي ويون، تن لکاريءَ کي راتو رات ڏاڍو مشهور ڪري ڇڏيو. هن مئڪسم گورڪي جي قلمي نالي سان لکيو، اصلي نالو، اليڪسي پيشخوف (Alexis Peshkov)، هڪ اخباري اسٽال واري جو پٽ، وولگا، ڀانڊي جي رکوال جو پوٽو هو. 1868ع ۾ ڄائو. هن جو ٻالڪپڻو ڏاڍو ڏکن ۽ ڏولاون منجهه گذريو. هن کي ستن سالن جي عمر ۾ پنهنجو گذر سفر پاڻ کي ڪرڻو پيو. پنجن مهينن کان وڌيڪ پرائمري اسڪول ۾ نه پڙهي سگهيو. اها ئي هن جي باقاعدي تعليم هئي. سموري عمر ۾ هو طنزيه چوندو هو ته منهنجا تجربا منهنجون يونيورسٽيون هيون، اهي تجربا، جيڪي هن وولگا نديءَ جي ڪناري، ٻيڙين مٿان، ٻيڙياتو، موچيءَ جو شاگرد، نانوائي، ڪچي موڪل واري عرصي وارو ملازم ۽ خط ڍوئيندڙ/ پچائيندڙ وغيره. هن کي علم جي ڏاڍي تاس هئي. اهو ئي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

سبب آهي جو جيڪو به ڪتاب هن کي هٿ آيو، ان جي ورقن ۾ پيهجي ويندو هو. ان ڪري هن جا تعلقات پڙهيل لکيل طبقي سان جڙيا ۽ انهن جي خيالن ئي کيس مارڪسزم طرف ڌڪيو. هڪ طرف بک، تشدد ۽ غربت ڏکن جي ڪُن ۾ اڇلايس ۽ هو خودڪشي ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي پيو. ان کان بچي، جهنگ منهن ڪري روس جو سيلاني فقير ٿي ڦرندو رهيو ۽ جيڪي ڪجهه ڏنائين ۽ پسيائين، اهي قلم بند ڪندو رهيو. هن ڏکهي ۽ دکدائڪ صحافتي سکيا ورتي. هن جو مددگار Korolenko بڻيو ۽ آخر جڏهن ٽيهن سالن جو ٿيو ته رومانوي فقيرن ۽ سيلانين جو سربراهه بڻجي ويو. هن پنهنجي شخصي تجربن کي سامهون رکندي روس جي ڌتڙيل ۽ پيڙهيل سماج جي ڏکن ۽ سورن کي نشانبر ڪيو. ڌتڙيل ڏکايل وچون طبقو (Lumpen Proletariat) صوبائي سطح تي خاص طور تي شرابي، چور، سمورا ستايل ڏوهاري قسم جا ماڻهو هيا. هن جي تحريرن ۽ روايتي فطرت نگاريءَ ۾ واضح فرق هيو. انفراديت ۽ بغاوتي جذبي جو جولان جيڪو ڌرتي ستايلن ۾ سندن مخالفن خلاف پچندو رهيو اهو نمايان ڏسڻ ۾ ايندو هو.

اسيءَ جي ڏهاڪي وارن ستايلن کي گورڪيءَ ڏونڌاڙي رکيو اهي جيڪي مرد ۽ عورتون پنهنجي حياتين کي داءُ تي لڳائي قانون ۽ سماج کان اکيون هيٺ ڪري آزاديءَ ۽ خودمختياري جا خواب ڏسندا هئا، اهي پاپولسٽن جي تصوراتي دنيا کان به گهٽ پري ۽ سليووفائيلس فردن جيان خاموش تماشائي هوندا هئا. گورڪيءَ ستايلن جي نبض تي هٿ رکي انهن جي طاقت ۽ شجاعت کي للڪاريو. پاڻ انهن مان هجڻ ڪري هنن جي اعتماد کي اپاريو ۽ هنن جي افعالن جو کين آئينو ڏيکاريو. هن ظلم مٿان پردو ڪونه رکيو. جهالت کي ڪونه لڪايو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

ايشيا جي عظيم قومي ورثي کي بيدار ڪيو. هن سچ کي سچ سمجهي سچائيءَ سان پيش ڪيو سيلاني فقيرن، پٽن پانن جي غيرت کي آواز ڏنو. نطشي واري جوش ۽ جذبي جو سهارو وٺندي انقلابي جذبو اڀاريو. گورڪي روسي سماج جي روح کي بيدار ڪري اهڙو تہ گرمايو جو 1905ع واري انقلاب جو رستو کُلي پيو.

هن جا گيت 'Song of the Falcon' يا 'Song of the Stormy Petrel' پڙهندڙن کي (۽ زار شاهيءَ کي) انقلابي مينيفيسٽو/ پڌرنامو ٿي لڳا، هن جو ڊرامو 'The lower depth' جيڪو ماسڪو آرٽ وارن 1902ع ۾ اسٽيج ڪيو ڏاڍو ڪامياب ويو: عوام ان کي انساني تباهي ۽ بدقسمتي ڪري تسليم ڪيو پر اهو ڇڻ آزادي لاءِ اپيل ۽ انساني عظمت لاءِ التجا جيان هيو.

ساڳيا ارادا ۽ عنوان گورڪيءَ جي ٻين ڊرامن ۾ بہ هئا.

'ThePettyBourgeois', 'TheEnemies', The Barbarians',
The Children of the Sun

جيڪي ادبي شهپارن هجڻ سان گڏوگڏ مقبول عام بہ ٿيا.

اهو ساڳيو سچ سندس ناولن ۾ بہ سمايل هو۔ 'Foma Gordeyev'(1899) دولتمند ڪلاس جو دولتمند ٿيڻ ۽ سچي ۽ ڏتڙيل ڪلاس کي وڌيڪ ڪيرائڻ. اسان ٽئي 'Three of us' ٽن نوجوانن جي ڪهاڻي، ڏوهہ گناهہ جو واڌارو ڏسي، جيڪي ان مان ڪجهہ حصو وٺڻ جو خيال ڪن ٿا ۽ هر طرف ڪرپشن جو ماحول ۽ ان جون تباهيون ڏسن ٿا. گورڪي هنن سمورن ابتدائي تحريرن، سچائي ۽ ڊرامائي ڪاريگري ۽ ذهني خلفشار جو بيان سختيءَ سان ڪيو ٿو ڏسجي. هن جو مارڪٽ، ڦٽڪا هڻڻ، اذيت ڏيڻ ۽ جسماني درد رسائڻ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

جا بيان، دوستووسڪي جيان هئا (جنهن کي هو پهريائين پسند ڪونه ڪندو هو)، انهن ڏکن ڏولاون جي بيان ڪرڻ ڪري هو ڌرتي جي لکارين سان شامل ٿي ويو هو.

گورڪي جي انقلابين سان ويجهڙائپ ڪري کيس ڪيترا دفعا جيل ياترا ڪرڻي پئي ۽ ان سان گڏ 1905ع واري انقلاب کان پوءِ پناهگير پڻ ٿيڻو پئجي ويو. هن جي تحريرن جي اهميت وڌڻ جا سبب هئا، سياسي رنگ ۾ رنگجڻ، جيڪي هن جي ڊرامن ۽ ناولن مان پڌرا ٿيڻ لڳا هئا. هو سوشلسٽ ۽ لينن جو ۽ مستقبل جي ڪميونسٽ اڳواڻن جو ساٿاري پڻ هيو. اهو ئي سبب هو جو گورڪي ڪاہي ڌر ۽ پرولتاري ادب جو نمايان سربراهہ ڪوٺجڻ لڳو. هن جي سماجي سڄاڻپ جي شاهدي، سندس ناول 'Mother' جي ورقن مان بکي پئي. ان ۾ معصوم ۽ بيگناهہ ڪردارن جي پوليس هٿان تذليل ۽ 'Nilovna'، ماءُ جو ڪردار جيڪا آزادي لاءِ ويڙهہ ڪندي شهادت ماڻي ٿي. ان ماءُ جو ڪردار ئي هن ناول کي وڏي شهرت ڏياري ٿو. عين ان طرح جيئن چرنيشوسڪيءَ جي ناول "نيٺ ڇا ڪجي" کي حاصل ٿي هئي، جنهن ۾ انقلابين سان همدردي ڏيکاريل هئي ۽ ان ئي نموني تحت ٻين لکارين پڻ انقلاب دوست تحريرون ميدان تي آنديون هيون. ماءُ، ناول سان گورڪيءَ جي رومانوي لکاريءَ جي حيثيت، انقلاب دوست هجڻ واري دور جي پڇاڙي ٿئي ٿي. گورڪي ملڪ بدريءَ واري دور ۾ (هو اٽليءَ ۾ پناهگير ٿي 1914ع تائين رهيو) پڪو ۽ پختو لکاري 'Mature' بڻيو ۽ ان دور ۾ ئي هن شاهڪار ناول جوڙيا، جن جو وچور هن طرح آهي: Summer ۽ Confession، هنن ۾ هارين جي بدحالي جو ڀرپور احوال ملي ٿو جيڪي سچ ۽ ايمان جي وچ ۾ رلندا



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

پتڪندا رهيا. ‘The small town of Okurov’ (1910_11) هن ناول اندر روسي ماڻهن جي غربت، ظلم ۽ بيڪاري بابت ڪردارن جا ذڪر ٿيل آهن. ان کان پوءِ آتم ڪٿا جي اسلوب هيٺ هن جا ناول اچن ٿا: ‘Reminiscences’ – Childhood (1913) وغيره جيڪي شاهڪار ڇپيا وڃن ٿا. هن پنجويهن سالن جي روسي انقلاب جي اڳ واري دور ۾، جيڪي ڪجهه لکيو اهو سچ، پيار ۽ پُڪار جو آئينو ڪري مڃيو ويو. جنهن ۾ روسي ڏُکن ۽ ڏولاون جا داستان بيان ٿيل آهن. ان بعد گورڪي شارٽ اسٽوري ۽ يادگيرين تحت:

My Universities (1923) _ In The World (1916)

وغيره جهڙيون ٽن جلدن تي مشتمل آتما ڪٿائون تخليق ڪيون هيون. هن جا تاريخي ناول پڻ 1880ع کان 1917ع واري دور جا بہ ملن ٿا.

گورڪي کي فن ۽ نظرياتي طور تي روس جي ڪلاسيڪل دور جو لکاري مڃيو وڃي ٿو. ان کان پوءِ قومي لکاري، جنهن ديس واسين جي دردن کي ڏٺو ۽ پڻ پاڻ بہ پوڳيو ۽ اهي تڪليفون، قومي درد سمجهي پنهنجي دل ۾ داخل ڪيون. ان ڪري ئي هن کي بغاوت جو شاعر ۽ محنت ڪش جو همدرد، ’ماضيءَ ۽ حال ڳنڍڻ وارو‘ ڪري مڃيو وڃي ٿو. ان سموري دور جي ماڻهن ۽ نوجوان لکارين گورڪيءَ کي استاد جي حيثيت ڏني ۽ ’سماجي سچ جو علمبردار‘ ڪري مڃيو ويو.

گورڪيءَ جا واسطا ڪميونسٽن سان پنهنجائپ وارا رهيا ۽ 1928ع تائين سندن رهنمائي ۽ اصلاح پڻ ڪندو رهيو. 1921ع کان 1928ع تائين هو اٽليءَ ۾ ئي رهيو. 1928ع ۾ ماسڪو جي اصرار تي هو واپس موٽيو ۽ نئين حڪومت جي حمايت ڪيائين. هن کي عظيم



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

لکاري، عزت ۽ احترام وارو ڪري مڃيو ويو. هو پاڻ کي مزاحيہ طور ”روسي ادب جو پوپ“ ڪوٺيندو هو. هن مضمون لکي ۽ خطاب ڪري وچ تي ويٺل اديبن ۽ عالمن کي حڪومت حامي بڻجڻ جا مشورا ڏيندو رهيو. هن جي دور جا نقاد ڪيس اهو الزام هڻندا هئا تہ سندس تحريرن ۾ حسن شناسي اٽلپ آهي. گورڪي پنهنجو انوکو اسلوب ۽ پنهنجا پوئلڳ گهڻي تعداد ۾ پيدا ڪيا. جيڪي سيلاني فقيرتن ۽ مهاڏو اتڪائڻ وارا ڪري سڃاتا ويندا هئا. گورڪيءَ چوندو هو تہ ڪمزور قلم ڪار، علم وارا ۽ پشيمان ٿيڻ وارن نيڪ مردن کان هي باغي نوجوان تمام سنا آهن. نواڻ سان سلهاڙيل حقيقت نگاري ويهين صديءَ جي علامت ڪري گورڪيءَ جي کاتي ۾ داخل ڪيل ٿي ڏسجي.

سال 1902ع ۾ هڪ ادبي اشاعتي اداري ‘Knowledge’ جو سربراهہ بڻيو. اهو ادارو ادبي رسالن جي اشاعتي حيثيت سان سموري روس ۾ مشهور ٿيو. رسالن جي ساون ورقن اندر مشهور سچ جي لکارين جون ڪهاڻيون، ڊراما ۽ ناول پڙهڻ لاءِ ملندا، انهن مان گهڻا گورڪي اسڪول جي پيداوار هئا ۽ باقي ڪجهہ آزاد خيال لکاري هئا. انهن ۾ پاپوف (Popov: 1863_1945) جنهن گهرو لڙائي بابت ناول The Iron Stream (1924)لکيو هيو جنهن کي سٺي موٽ ملي هئي. هڪ ٻئي لکاريءَ (Vickanty (1867_1946 جو ناول هو ‘Notes of a physician’ جنهن بيسٽ سيلر جو اعزاز ماڻيو هو.

ان وقت جي لکارين ۾ اليگزينڊر ڪُپرن (Kuprin: 1870_ 1938) مشهور ديسي لکاري ٿي اڀريو. جنهن ديس جي سادن، سچن ماڻهن جي حياتين جا ڏکارا احوال سادي ٻولي ۽ افسانہ گوئي واري انداز ۾ لکيا. مثال طور: مهاڻو پهلوان، خلاصي ۽ بانسري نواز جهڙا مسڪين



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

ڪردار هئا، جن جي حياتين کي بيان ڪندي قصہ گوئي جي صنف کي جيئرو رکيو. هن جانورن مثال طور گهوڙو ۽ ٻين جيڪي وفادار ساٿي هجن ٿا، غريبن جا، انهن مٿان بہ لکيو. ان سان گڏ انهن ماڻهن کي بہ ڪونہ وساريو جيڪي غربت جي گهاٽي ۾ پيڙجندي انساني قدرن کي پائمال ڪيو ڇڏين، پر حياتي تہ هنن وٽ بہ آهي نہ. پوءِ سماجي براين ۾ مجبور ٿي هيٺ ڪري ٿا پون، پر حياتي تہ هر رنگ ۾ گهارڻي پوي ٿي. مثال طور: 'Yama the pit' يا 'The Bracalet of Garnets': اهي هنڌ هئا، "سمنڊ ڪناري ڪوٺيون، ڳاڙهيون بازاريون، بيئر هال، آکاڙا، جتي ڪاريگر، سئنس، جادوگر ۽ شڪاري پنهنجا ڪرتب ۽ هٽ جا کيل، مدهوشيءَ جا اظهار ڪندي حياتيون ڪاٽيندا رهيا. هوتن ريءَ.

ڪُپرن 1905ع ۾ 'The Dual' ناول لکي گيريزن ۾ گذران ۽ هڪ نوجوان آفيسر جي اداسي بيان ڪري خوب داد حاصل ڪيو. ڪُپرن 1923ع ۾ ملڪ بدر ٿي فرانس جا وڃي وڻ وسايا پر ڪيس پرديسي هجڻ جي احساس ۽ ڏارئي ماحول پيچي لاٿو ۽ هو واپس وريو، صلاحيتن ڪانئس موڪلايو تہ هن بہ احتجاج ڪندي ديس کان موڪلايو.

انهن لکارين ۾ هڪ وڏو نالو هيو بيونن: -'Ivan Bunin' (1870-1953): جنهن اڪيلي روسي لکاريءَ سال 1933ع ۾ ادب جو نوبل پرائيز حاصل ڪيو. هن جا موضوع بہ ديس بابت ۽ ديس واسين، هارين (The village_ 1909)، (Dry Valley_ 1911): ورهايل وڏڙا ذهن يا ويران وادي هن کي فن جي دنيا جو شهزادو ڪري ميجرايو. هو ڪميونسٽن جو مخالف بڻيو ۽ پڄي وڃي فرانس نڪتو اتي ئي ڏينهن پورا ڪيائين. ڪهاڻيون، ناول جام لکي ادب جا گهڙا



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

پريائين. نثر نگاريءَ ۾ بہ هن وڏو نالو ڪمايو. ترجنيف جو شاگرد رهيو. ملڪ ۽ قوم جو حمايتي، ديس کان جدائيءَ جي درد هن جي قلم کي قوي سگهہ بخشي ۽ اهڙي طرح روسي نثر نگاريءَ جو عظيم لکاري ٿي رهيو ۽ ديس واسين کي ياد ڪندي ديس مٿان پاڻ کي قربان ڪيائين.

گورڪي بيونن ۽ ڪُپرن جي ٿهيءَ جو هڪ ٻيو لکاري (Leonid Andreyev: (1871_1919، هيو. جيڪو 1905ع کان پوءِ واري انقلاب جي دور ۾ ڏاڍو مشهور ٿيو. نصيحتن وارا ڊراما علامت نگاريءَ واري اسلوب سان ڪائنات جي رازن کي کوٽڻ جي ڪوشش ڪندي خدا، تقدير، پيار، موت ۽ راز جهڙن عجيب نقطن مٿان سوچيندي لکندو رهيو پر 1906ع واري انقلاب جي ناڪاميءَ سبب باهڙجي پيو. ڊپريشن جو شڪار اهڙو ٿيو جو ٿورو ڪجهہ ڏيڻ بعد وري پاڻ سنواري نہ سگهيو ۽ قدامت جي واديءَ ۾ گم ٿي ويو.

سال 1912ع کان پوءِ واري دور ۾ ڪجهہ حقيقت پسند اسلوب جا لکاري روايت، جذبات ۽ جدت جي عنوان هيٺ ادب جي آبياري ڪندا نظر اچن ٿا. مثال طور (Voris – Shmlev (1875_1950 (Zailtsev (b: 1881 وغيره ڪجهہ روس اندر تہ ڪجهہ پناهگير بڻجي لکندا رهيا ۽ تاريخ ۽ ادب ۾ پنهنجو نالو لکائي ويا. انهن کان پوءِ وري نوان حقيقت پسند لکاري نواڻ سميت قلم جي ڪرت ڪندي ميدان تي نظر اچن ٿا: مثال طور: _Alexis Tolstoy_ Prishvin Shishkov. هنن علامت نگاري کان پاڻ کي الڳ ڪري پراڻن کان پاڻ ڇڏائي ڪي اثر پذيرائي Impressionism جو پاسو وٺن ٿا تہ ڪي وري اظهاريت پسندي Expressionism جا پاسدار بڻجي ادب جي آبياري ڪندي اهڙا نقشا ۽ ڍانچا (Structures) ڇڏين ۽ اپارين



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

ٿا, مثال طور: نقالي (parody)، Grotesques، خسيس ڳالهين کي شعر جو چوغو پارائڻ، علامت نگارن ۽ ڏرتيءَ جي ليکڪن جو وچ وٿي جهنگ مان واٽ ٺاهيندي وچي اهڙا موضوع ٿا چوندبين: جهنگل مان ڦوڪ، ڪاري زمين، نديون، چاڙهيون (جبلن جون) مطلب تہ اهڙا واٽڙا خيال ڪلهن تي کڻي اچي ادب جي پاندن کي پريندي خوش فهمي ۾ پرجي مستقبل ۾تبديلي اچڻ جا اعلان ڪندي ڏاپن ڪونہ ٿا ۽ اهڙي طرح سان پنهنجي دور کي بہ دبليءَ ۾ بند ڪري کيسي ۾ لڪائي گم ٿي وڃن ٿا.

Chekhov reasserted the value of belief in liberalism; he wrote jokingly that, ' reason and justice tell me, that there is more humanity in electricity and steam than charity and vegetarianism.'

He always repeated that, 'he who does not want anything, has no hopes and no fears, can not become a writer.'



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

باب ارڙهون

# روسي انقلاب جي دور وارو ادب

# LITERATURE OF REVOLUTION

# (1917)

روسي انقلاب- 1917 واري سال ۾ زار شاهيءَ جي هزار سالن واري حڪومت جو تختو اونڌو ڪري روس جي تاريخ ۾ نئون باب کولي ڇڏيو. ڪجهه مهينن اندر ئي لينن ۽ ٽراٽسڪيءَ حڪومت جون واڳون سنڀاليون. نئين حڪومت جوڙي ۽ ڪميونسٽ نظام جو تجربو مڪمل ڪري ڏيکاريو. هيءَ تبديلي گهرا اثر ڇڏڻ واري آ. نه فقط دنيا اندر پر روسي معاشي، سماجي ۽ سياسي زندگي مٿان پڻ. روس جي محدود حدن واري نيشنل ڪلچر لاءِ هي صورتحال بلڪل نئين هئي.

پهريائين ته انقلاب جا اثر ناڪاري هئا. فوجي ڪميونزم، گهرو لڙائي جي ڏپ ڪان ملڪ کي صوبن ۾ ورهائي ڇڏيو. ان غير فطري ورهاست ۽ صوبن جي حدبندين ماڻهن جي سماجي حالت ابتر ڪري ڇڏي ۽ عوام بکون ڪاٽڻ لڳو. ادبي دنيا کي محدود ڪري ڇڏيو ويو. ان کان پوءِ حڪومتي سرشتي ۾ وٺ پڪڙ ختم ڪئي وئي. ثقافتي سرگرمين ۽ فنڪاراڻين محفلن کي معطل ڪيو ويو. ماهوار ۽ هفتيوار اخبارون گم ڪيون ويون. اشاعتي ادارن کي تالا لڳايا ويا ۽ ڪتابن جو ڪاروبار 1920ع دوران گهٽجي وڃي ٻن هزار ٽائيٽلس تي پهتو. گهٽي ڀاڱي سياسي خبرنامن جو چوپول ٿي ويو. اخبارون سياسي ڊرين جون سڪيلڊيون ڏيئر ٻڌجي ويون. تعليمي سرگرميون مڪمل طور تي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

ڊانواندول ٿيون. علم ادب ۽ فن و فڪر جي روسي راڄڌانيءَ مان تڏاويڙهہ ٿيڻ لڳي.

مشهور اديبن ن جي اڪثريت بيونن ڪان ڪپرن، زيتسيف، شمليف ڪان ويندي ريميزوف تائين ملڪ ڇڏي وڃي پناهگير بڻيا، گورڪي پاڻ پناهگير بڻجي ڪنداڻتو ٿي ويو. انگن اکرن مان ائين پئي محسوس ٿيو تہ روسي اديب وڏي انگ ۾ ماسڪو ۽ پيٽروگراڊ مان لڏجي ڪري وڃي فرانس، پراگ ۽ برلن منجھ پناهہ وٺي رهڻ لڳا هئا. ان تباهي ۽ موت جي ماحول اندرعلمي ادبي سرگرمين وري منهن ڪڍيو ۽ سال 1919ع منجھہ اهي ادبي ميدان تي وري ايرڻ لڳيون. انهن جي پيهر نرواڻ ٿيڻ جي ابتدا شاعريءَ سان ٿي. شاعرن پنهنجي شاعري ڇپائڻ ۽ ڪيفيز ريسٽورنٽس ۽ ميڙاڪن منجھہ پيش ڪرڻ شروع ڪئي. انقلاب کي انهن مذهبي ڪاميابي ڪوٺيو ڪن وري هاريءَ جو خواب سڏيو تہ ڪن وري قومي ڏڙن جي فتح سڏيو ان سان گڏ پروليتاري شاعري پڻ نون رنگن روپن سان ان گروپ پاران لکجڻ لڳي.

هن دور جا بہ مشهور شاعر ۽ ليڊر ٿي اڀرندا نظر اچن ٿا: ايسينن (Essenin) ۽ مايا ڪوفسڪي (Mayakovsky)

**اسينن** (1925_1895): هاريءَ جو پٽ ڳوناٽي شاعري ۽ اتي جي مسئلن بابت شعر گهڙيندو رهيو ديني درسن جي گهٽائي ۽ ڏکن جا خرار ڪلهن تي کڻي هن پنهنجي ڳوناٽن لاءِ جنت جي حاصلات مٿان پئي قلمڪاري ڪئي ۽ ان اميد سان تہ انهن وٽ بہ بهار ايندو ۽ سونا سنگ ڦٽندا. ان آسري تحت هن جا جهجها ساٿاري اچي سهڙيا ۽ آخر هڪ اسڪول کوليو ويو جتي اميدن جا ٻوٽا شاعريءَ جي روپ ۾ اهي



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

پوکيندا رهيا. آخر هنن جي خوابن ۽ حقيقتن منجهه ٽڪراءُ ٿي پيو. سک ۽ عارضي امنگ کي حاصل ڪرڻ لاءِ هن عشق، حسن ۽ ديوتائن وارو ڪوڙو شربت واپرائڻ شروع ڪيو. مناسب حد ٽپڻ ڪري هن آتم هتيا کي سيني سان لڳائي کيل ئي ختم ڪيو. هن جي ڏيل کي ڏارڻ جا سبب هئا، ڏک، بغاوت، ضمير جي جنگ، انفرادي عقوبتون ۽ انهن سان مقابلو پائرن منجهه ڏڦيڙ. اهڙن دکدائڪ مسئلن جو مقابلو ڪندي هن جي حياتي جو باب بند ٿئي ٿو.

**ماياڪووسڪي** (1893_1930): اهي سمورا درد ۽ قومي سور ڏسندو پسندو رهيو ۽ نيٺ کيس پڻ حقيقتن کي تسليم ڪرڻو پيو. هو مستقبل روشن (Futurists) تحريڪ وارن جو حمايتي هو. هن اهو پئي چاهيو ته ادبي اُپار به روس جي عوامي امنگن جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ مددگار ثابت ٿئي ۽ انقلاب جي بعد وارن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ نئين حڪومت جي حمايت ڪري. هن اسلوب به پنهنجو گهڙيو جيڪو شاعريءَ جي بندشن کان آجو هجي. ٻين لفظن ۾ هن سگهڙائپ واري آزاد تڪبندي جي تائيد ڪئي، جن لاءِ موضوع، پهاڪا، چوڻيون، مڙئي ديسي ۽ ديس واسين بابت هجڻ گهرجن.

ماياڪووسڪيءَ جي خيالن جي عام سرجڻهارن ته تائيد ڪئي پر ڪميونسٽن مخالفت ڪئي، ڇاڪاڻ ته هو شاعريءَ کي سياسي هلچل ۽ سجاڳيءَ وارن لاڙن جي ماتحت ڪرڻ نه پيا چاهين. هن جي ٻولي ۽ لفظن جي گهٽائپ ڏاڍي پراثر رهي. هن جي آڏو سماجي ۽ معاشي بدحالي به هئي. ائين هن محصولن، صفائي جو ناقت ، لڙائي جي معاهدن ۽ تباهه ڪارين بابت به شعر گهڙيا. ان طرح سان انهن مسئلن تي هن به ڊراما به لکيا، جن ۾ اهڙن مسئلن مٿان شديد تنقيد ٿيل



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

هئي (ڊرامن جا عنوان: The Bed Bug ۽ The Bath House) حساس طبيعت هجڻ ڪري ماياڪووسڪي ڊپريشن جي شديد دٻاءَ ۾ رهڻ لڳو ۽ آخرڪار پنهنجي ساٿي ايسينن وارو ڪم ڪري پنهنجو ڏيل پاڻ ڏاري بيهي رهيو. هن جي ان عمل سان سندس شهرت ۾ ڪا ڪمي نه آئي، ڪميونسٽ هن ڪي پوءِ انقلابي شاعريءَ جو مهندار شاعر طور مڃيندا رهيا.

سال 1921ع دوران گهرو لڙائي جي تباهه ڪارين، فوجين جي ڀڃاڪ، تعمير جي اهميت کي سامهون رکندي لينن آخر مجبور ٿي پيو ۽ نئين معاشي پاليسي جو اعلان ڪرڻو پيس. (NEP)° ان ڪري هن کي نوان ناهه ڪرڻا پيا. ادب ۾ خاص طور تي غير ڪميونسٽ اديبن مٿان پابنديون نرم ڪيائين. نتيجي ۾ لبرل ڪلچرل پاليسي جوڙي وئي. ماڻهن جي اندر واري آڙاهه کي ماٺو ڪرڻ لاءِ اخبارون ۽ اشاعت گهرن جا تالا کوليا ويا. ادبي ۽ تنقيدي نشستون وري شروع ڪيون ويون. تحقيق مٿان آزمودگار جهونڙن دانشورن جي مدد سان وري ڪم شروع ٿيو. ڪتاب ڇپجڻ لڳا. پڙهندڙن جي تعداد ۾ اضافو آيو. هن ڍاڪي ۾ سينسرشپ ۽ پارٽي مداخلت جي باوجود وڏو علمي ۽ ادبي ذخيرو جڙيو ۽ پڙهندڙن تائين پهتو. ڪيترا ناول نگار ۽ شاعر ادبي ميدان تي نڪري نروار ٿيا.

---

°New Economic Policy نئين اقتصادي پاليسي

ڪميونسٽن جي قوي ڪوشش رهي ته پراڻي ادب ۽ اديبن کي وساريو وڃي پر اهو ناممڪن ٿي پيو. پراڻن اديبن Bely ۽ Remizov جو اثر وري اڀري آيو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

نئين دور جو نئون لکاري **بورپلنائڪ** (1894_1938)، جيڪو پيين نيم Vogau سان لکڻ لڳو. ويهين جي ڏهاڪي منجهه انقلاب کي ناولن اندر بولي، ترنم حوالن ۽ نام ڪئين لکارين جي ڏسيل گسن: Populism _Bolshevism ۽ Neitzsche کي سامهون رکندي سنا ناول گهڙي ورتا ۽ انقلاب جي آجيان ان طرح سان خوب ڪئي.

سال 1922ع دوران گهڙيل ناول ‘The Naked Year’ ۾ بيين کوڙ قصن ڪهاڻين منجهه هن يورپ جي خوب خواري ڪئي. هن هڪ ناول "ڪنهن جنرل جي موت" واري عنوان تي جوڙيو ۽ ٻئي ناول ۾ وڏي انڊسٽري خلاف لکيو ايتري ۾ ملائڪ ڪاوڙجي پيا، هن کي چنبن ۾ ڪٽي اڏامي ويا. اديب جو سِرُ ئي گم ٿي ويو خبرناهي ملڪ بدر ڪيو ويو يا قبر داخل.

ساڳيو حال هڪ ٻئي اديب Artem Vessely سان بہ ٿيو، جيڪو Bely جو پوئلڳ هيو ۽ انيڪ ناولن جو گهڙيندڙ جيڪي ڪميونزم جي شروعاتي دور مٿان لکيل هئا ۽ جن اندر جهلون ٿيل هيون.

ان کان پوءِ ڪيترا اديب گڏجن ٿا ۽ هڪ گروپ ناهي لکن ٿا، گروپ جو نالو ‘Serapion Brethren’ رکن ٿا. هن جو زور اظهار جي آزاديءَ مٿان هو ۽ سرڪاري ڊڪٽيشن وٺڻ کان انڪاري هئا، انهن جا عنوان خاص طور تي انقلاب ۽ همعصر حياتيون تحريڪ، ڪردار، انساني تعلقات، سول وار ۽ پوءِ واري تعميرسازي وغيره: انهن جا نالا هئا: Eugene Zamiatine (1884_1937)_ Issac Babel (1894) – Michael Zoshchenko (1895)_Ivanov ويهين



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

صديءَ ۾ طنزيہ تحريرون لکڻ ۾ آيون. جنهن دور ۾ زوردار لکاري هيو.
ڊراما نگار: Michael Yuri Olesha(b: 1902)
Benjamin Kaverin(b: 1889) _ هن جو مشهور ناول هيو 'Envy'، جنهن ۾ پراڻي ۽ نئين دور جي ڏارائن مٿان ٽيڪا ٽپل هئي.
Yuri Tynianov (1894_1943): هن جي تحريرن جا موضوع ٻولي، تاريخ ۽ ادب هئا.

ان ئي دور ۾ وري ٻيو ڏڻو نيوريئلسٽس جو ميدان تي لٿو ان ڏڻي جو مهندار ناول نگار هيو Konstantin Fedin (1892) هن جي مشهور ناول 'Cities and Years' کي ان دور جو وڏو ناول چيو ويو. هن جا ٻيا ناول هئا: 'The rape of Europe'، 'The Brothers Early joys' (1946) 'NO Ordinary Summer': ان ئي دور ۾ هڪ ٻيو باصلاحيت لکاري اُڀريو: Alexis Tolstoy (1883_1945): هن جون ۽ سندس ساٿين جون تحريرون ڪجهه تيز تصور ڪيون ويون. ان ڪري ئي هو ٻاهر ڀڄي ويو ۽ ڪجهه عرصي کان پوءِ وري موٽي آيو. نيوريئلسٽس جي اديبن منجهه ٻن پاڻ مڃائي چڱو نالو ڪمايو: Shishkov (1873_1945) ۽ Tsansky (1876) هنن جي ناولن منجهه ڪريمين وار (1914_18) واري دور کي پيش ڪيو ويو هو. اهي ڏاڍو مشهور ٿيا ۽ پوري ملڪ تائين انهن کي پسند ڪيو ويو ۽ ڪيترا دفعا شايع ٿيا.

هن دور جي شاعريءَ واري صنف منجهه بہ خاصا ڪتاب ڇپيا ۽ پبلڪ جي هٿن تائين پهچي مڃتا ماڻيائون. سياسي ۽ سماجي عنوانن کي ماياڪووسڪيءَ کان پوءِ جنهن شاعر حڪومت جي پاليسين کان پاسيرو ٿي لکڻ شروع ڪيو ۽ شهرت ماڻي، اهو هيو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

بورس پيسترنڪ (Boris Pasternak) (1890)، سچ ڳالهائڻ، لکڻ ۽ حڪومت جي ظاهري دٻدٻي سان ٽڪراءَ ڪري هن جي تحريرن مٿان بندش ۽ قلم کي خشڪ ڪرڻ جا جتن ٿيا ۽ ان ڪري هو ڪجهه ڏينهن ملڪ مان ٻاهر هليو ويو. سال 1933ع کان 1944ع دوران هن جا شيڪسپيئر جا ترجما شايع ٿيا ۽ باقي هن کي 1945ع کان 1956ع تائين چُپ جي سُتي پياري وئي.

Marina Tsvetayeva (1892_1941): هيءَ شاعره 1921ع ۾ ملڪ کان ٻاهر هلي وئي ۽ 1939ع منجهه موٽي آئي. پيسترنيڪ کان پوءِ هن جي شاعري بہ سخت ۽ علامتي قسم جي هئي. هن جي حياتيءَ ۾ اهڙي ڪا زهر پري وئي جو مجبور ٿي خودڪشي ڪيائين. هن جو اسلوب لوڪ ادب جي ويجهو ۽ ماياڪووسڪي، بيلي ۽ پيسترنيڪ جي تابع هيو. ڊرامن ۽ شاعريءَ ۾ خاص طور تي رومانوي طرز تحت هن تعريف جوڳو ڪم ڪيو آهي، جنهن کي ايندڙ وقت ۾ سٺي موٽ ملندي.

سوويت اديبن منجهه ڪيترائي نالا آهن، جيڪي ننڍي پيماني تي رومانوي شاعري تحت قلم چوريندا رهيا. انهن ۾ Edward Bagritsky (1895_1955) چڱو نالو ڪمايو. جو هن ڪالرج، اسڪاٽ ۽ برنس جا ترجما ڪري ڇپرايا ۽ پاڻ مڃرايو.

ويهين جي ڏهاڪي جي پڄاڻي کان پوءِ شاعريءَ منجهه ماياڪوسڪيءَ کي ڇڏي، باقي شاعرن مٿان عدم اعتماد ۽ شڪ ٿيڻ لڳو ۽ پارٽي هيڊڪوارٽر پاران هدايتون آيون تہ شاعري سڌن سادن لفظن ۾ ڪئي وڃي ۽ علامت نگاريءَ کان گريز ڪئي وڃي، نتيجي ۾ سٺي شاعري گهڙجڻ بند ٿي وئي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

هن دور ۾ حقيقت پسند ۽ جدت پسند ٻه ڌڙا جڙي ويا. انهن جي پاڻ ۾ الجهاءُ ۽ ٽڪراءُ جي نتيجي ۾ نفسياتي حقيقت پسند ڌڙو وجود ۾ آيو ۽ ان جو مهندار لکاري: Mikhail Sholokhov (b: 1905) بڻجي اڀريو. آيو هن جي طويل نظم: ‘The Quiet Don (1928_40) قزاق حيات. انقلاب کان اڳ ۽ گهرو لڙائي دوران ايپڪ طور ڇپي ۽ پنجاهه لکن جي تعداد ۾ ملڪ اندر وڪرو ٿي، ان ڪري ان کي سوويت ڪلاسڪ جو رتبو ڏنو ويو. هن طويل نظم ۾ منظر نگاري، تاريخي پس ۽ پيش منظر، ڪردار نگاري، انقلابي دور جا چڱا ڇهڻا هئا ‘The virgin Soil (1932_33) ڇپيو جيڪو پڻ مشهور ٿيو. جنهن ۾ حقيقت نگاري ۽ وسيع بيان بازي جام هئي، پر رهيو ٻئي نمبر تي ئي. شولوخوف جو ساٿي، فدايوف Alexander Fideyev (1901_56)، ناول (1927) The Rout لکيو. جنهن اندر ڳاڙهن جو گهيراءُ سائبيريا جي گورن بابت طويل ذڪر ملي ٿو. اهو شولوخوف جيتري ميجتا نه ڪونه ماڻي سگهيو پوءِ به خانه جنگي جي مٿان هڪ مضبوط دستاويز سمجهيو وڃي ٿو.

ويهن جي ڏهاڪي کان پوءِ نيو اڪنامڪ پاليسي (NEP) جي اچڻ سان ڪميونسٽ پارٽي وري پنهنجا سخت حڪم جاري ڪيا. پروليتاري اديبن جي انجمن، اديبن ۽ اشاعتي ادارن مٿان مڪمل ڪنٽرول ڪيو. پراڻن ۽ علامتي طرز وارين تحريرن تي بندش هڻي پنج ساله رٿابندي واري عمل هيٺ قلمڪارن کي حڪم ڪيو ويو ته سموريون تحريرون نئين حڪومت جي هدايتن تحت هجڻ کپن. Kolkhozes واريون ڪهاڻيون ئي ڪميونسٽ ادب جو سرمايو سمجهڻ کپن. ان ڪري 1929ع کان 1932ع تائين صورتحال سنگين



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

تي وئي، پرولیتاري تنظیم جي عهدیدارن اشاعت گهرن تي قبضو ڪيو ويو، سینسرشپ نافذ ٿي ، وٺ پڪڙ ۽ بڙڏڪ مچي ويو. 1932ع منجهه صورتحال ڪنٽرول کان ٻاهر وڃڻ لڳي، ان ڪري اسٽالن ۽ سندس پارٽي عهديدارن ان سختي کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. پرولیتاري اديبن جي تنظيم کي ڏڙو ڪري عهديدارن کي ڪنڌائتو ڪري ڇڏيو ويو. نئين نالي سان "يونين آف سوويت رائيٽرس" جو قيام عمل ۾ آيو. ان ۾ سيني نون پراڻن فڪر وارن کي ميمبر بڻايو ويو. سوشلسٽ ريئلزم جو وجود عمل ۾ آيو سچ ۽ حقيقت کي مٿي آڻڻ اشتراڪي فلسفي (Communist Ideology) کي ترجيح ڏيڻ، فارملزم کي ختم ڪرڻ جهڙا سڏارا آندا ويا. ماسڪو ٽرائلز (38_1936) به ڪيا ويا ۽ چڱن قلمڪارن کي ڪافي ڊيڄاريو ويو. هر تحرير جو هيرو "پاڪدامن ڪميونسٽ جوان" هجڻ گهرجي ۽ احوال پنج ساله رٿائن جي حق ۾ هجڻ کپن. انهن هدايتن هيٺ ڪجهه اديب وري ڪم سان لڳي ويا ۽ ائين آهستگيءَ سان روسي وڪٽورين دور جي نشونما ٿيڻ لڳي.

سال 1932ع کان 1941ع تائين چڱا ڪتاب ڇپيا، پڙهندڙن کي به ڪجهه پسند آيا، پر اهو عالمي ادبي رتبو "بيسٽ سيلر" جو ورلي ڪنهن کي حاصل ٿيو. حالانڪ Nicholas Ostrovsky (1904_36) هڪ ناول: 'The Tempering of Steel' نئين هيرو جي شان ۾ لکي ورتو سٺ لک ڪاپيون به ڪتيون پر ان کي پارٽي پمفليٽ کان وڌيڪ ڪونه چاتو ويو ۽ ائين سوويت فڪشن پوئتي وڃڻ لڳي.

تيهن جي ڏهاڪي اندر جلاوطن اديبن جون تحريرون چوٽيءَ تي پهچڻ لڳيون، پراڻا اديب فرانس اندر ويٺي تخليقي عمل جاري



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

ڪندا رهيا. انهن منجهان Zaitsev, Remizov, Bunin وغيره چار ناول گهڙي ورتا.

شاعريءَ ۾ پڻ مٿي ذڪر ڪيل ڏڙن جي مشهور اديبن پاڻ ملهايو انهن ۾ مهندار شاعر (1939_1886) Khodassevich کي مڃيو ويو. هن سان گڏ ٻيا بہ اديب تخليق ڪندا رهيا.

جلاوطن ناول نگارن منجهہ Mark Aldanov (1886_ 1957) جنهن فرينچ انقلاب مٿان تاريخي طويل ناول 'The Thinker' لکيو هو. ان روس جي تازي صورتحال مٿان پڻ قرباني ڏيندڙ عظيم ڪردارن ۽ تاريخي لفظن کي نروار ڪيو ۽ ان وقت جي حالتن تي بہ خوب روشني وڌي.

ٽيهن جي پڄاڻيءَ وقت ٻاهرين تخليق ۾ ٻي جنگ عظيم جي اثرات هيٺ مانار اچڻ لڳو. جرمنيءَ ان جنگ ۾ سال 1941ع کان 1943ع واري عرصي ۾ روس کي ڪاپاري ڌڪ هنيو. يورپي علائقي جو ٽيون حصو سٺ لک روسين سميت دشمن جي قبضي ۾ اچي ويو. قومپرستي جي لهر تيزي سان ابري آئي. ادب مٿان سمورا قيد و بند ختم ڪيا ويا. پراڻن عنوانن بجاءِ نوان عنوان: لڙايون، گوريلا جنگ، ظلم، زيادتيون، ويڙهہ، سرخ فوج جي ساراهہ وغيره مٿان ادبي گل وڌا ويا. لکيتون بلڪل بي مهار ٿي ويون. ماضيءَ جيان پراڻي اسلوب ۽ آزاديءَ وارن آوازن سان ڪيترا نوان قلمڪار ابري آيا ۽ ادب جا مٽ پيرڻ لڳا، ڪجهہ نالا هن طرح آهن: Leonov – Simonov – Grossman

جنگ جي ڪاميابيءَ آزاد خياليءَ ۽ قومپرستي مٿان وري رسا وجهڻ شروع ڪيا. سال 1946ع منجهہ "سينٽرل ڪميٽي آف ڪميونسٽ پارٽي" وارن سخت حڪم جاري ڪيا ۽ "سوشلسٽ



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ريئلزم“ جو راڳ ورجائڻ لاءِ زور ڀريو. نئين پاليسيءَ تي عمل ڪرائڻ جو ٺيڪو Andrei Zhdanov مٿان رکيو ويو. 1946ع کان وٺي 1953ع ۾ اسٽالن جي موت تائين سمورو عرصو Zhdanov جو ڏاڪو ڄميو رهيو. هن جي پروفيسر طوطي فرمان ڪڍيو ته روسي ادب ڪنهن ٻي لاڙي بدران فقط حڪومت ۽ ان جي ماڻهن جي مان ۽ شان جا گيت ڳائيندو رهندو. ان جو اول ڪم هوندو نوجوانن کي ڪميونسٽ اصولن تحت علم ڏيارڻ، ادب، ڪنهن به قيمت تي پارٽي ادب هوندو ۽ ان جو ٻيو اهم ڪم هوندو روسي ماڻهوءَ جي تربيت ۽ ترقي ڪرڻ، جيڪا پوري طاقت سان ڪئي وڃي.

دراصل ان جو مطلب هو اديبن کي ڏمڪائڻ ته جيئن اهي مغرب ۽ پراڻين روايتن جي پوئيواري کان پاسو ڪن. ان تي عمل خاطر انتظامي عمل پڻ ڪيا ويا. ڪيترا اديب گم ڪيا ويا. ٻيا ادب مان خارج ڪيا ويا ۽ سمورين ادبي تنظيمن تي پابنديون وڌيون. نتيجي ۾ وري پانڊو ادب سرجڻ لڳو. يورپ کي دولت جو دوزخ ڪوٺيو ويو. بس جنت هئي ته فقط ڪميونسٽ سوسائٽي منجهه هئي. هر ڪنهن کي ايگريڪلچر ۽ انڊسٽري ۾ پنهنجو رت ست ڏيڻو هو ۽ پارٽي سان وفاداري ڪرڻي هئي. اندروني اختلافن ۽ جهيڙن مٿان بندش لڳائي وئي. ناولن جا هيروز فقط پارٽي جي عهديدارن جيان هجڻ کپن، جن وٽ عقل ۽ پاڪدامنيءَ جي انتها ٿيل هجي. هڪ ٻن ليکڪن ڪجهه ڪن لاتار ڪئي. مثال طور Fedin_ Vera Panova_ Victor Nekrassov وغيره، پر کين خاموش ڪرايو ويو. ان طرح سان سال 1946ع کان 1953ع تائين روسي ادب جي سرزمين ۾ سوڪهڙو اچي ويو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

اسٽالن جي مرڻ کان پوءِ جڻ زلزلو اچي ويو. ڪميونسٽ نقادن خود قيد و بند جي استحصالي عملن کي کلي عام نِنديو. حقيقتن کي پنهنجي ڏيڻ کي غلط قرار ڏنو ويو جيڪو اخلاقي دائري کان ٻاهر هجي ٿو. سال 1954ع کان 1957ع تائين واري دور ۾ سوشلسٽ ريئلزم تي کليل بحث مباحثا ٿيڻ لڳا ۽ بندش لڳائڻ وارن مٿان ايتري ته تنقيد ۽ ڏي وٺ ٿي، جو هڪ غيرتمند نيٺ خودڪشي ڪري ڇڏي.

ادب ۾ سڌارو اچڻ وارو لاڙو اڀرڻ لڳو. غلطين جي نشاندهي ڪري انهن کي سڌارڻ جو عمل شروع ٿيو. پراڻن قلمڪارن کي واپس ورايو ويو. اخبارن ۽ رسالن اندر Pasternak ۽ Akhmatova جا شعر وري نروار ٿيڻ لڳا. ادب ۾ نوان جا آواز ٻُڌڻ لڳا. ان جو اندازو لڳائڻ مشڪل پئي لڳو ته روسي ادب جو وري اُڀرڻ حقيقت آهي يا خواب. جيستائين ڪارا قانون ختم نٿا ٿين، تيستائين اعتبار ڪرڻ عبث پئي لڳو. ڇاڪاڻ ته پارٽي اڃا تائين اهي ڪارا قانون ختم ڪرڻ ۾ مخلص نه هئي.

روسي ادب جو شاندار ماضي واپس اچڻ لاءِ اسان سڀ بهرحال پراميد آهيون، ته جلدي اهڙيون حالتون پيدا ڪيون وينديون، ڇاڪاڻ ته انهن جو هلڻ ممڪن ناهي ۽ آخرڪار آزاديءَ واري عمل کي ڪو روڪي نٿو سگهي.

| |
|---|
| Pushkin became a national writer of first magnitude. |



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944

# Books Consulted مددي ڪتاب


1: Cuddon .J.A: Dictionary of Literary Terms, Penguin Books, 1992.

2: Marc slonim: An Outline of Russian Literature, O.U.P, 1958.

3: Dostoyevsky: The Idiot, Dell Publishing Co 1966

4: گورڪي: "امڙ" (ترجمون سنڌي)، محمد عثمان ڏيپلائي: سنڌي ساهت گهر حيدرآباد. سال 2010.

5: ماريا پريلزائيوا، "لينن جي انقلابي ڪهاڻي" (سنڌي ترجمون) سنڌيڪار: نجم عباسي سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد سنڌ. سال 2010.

6: ميخائيل نعيمي، "هي سچڻ سيئي"، (سنڌي ترجمون)، سنڌيڪار: ڊاڪٽر اي.ڪي پنجواڻي: سنڌي ادبي اڪيڊمي، ڪراچي سال: 2000ع

7: عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر، "سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر"، شاهه عبداللطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي، سال: 2002ع.




Kutab Khano Whatsapp Library - Admin-Ameer Adnan 00923337516944